ABC Certified

سوجهرو

مئي 2012

سال:14. شمارو:158. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ سالياني قيمت: 50 آمريڪي ڊالر



ٽچ مي پليز...

سنڌ صدين کان سورن ۾ ورتل آهي. ڪو ڏينهن خالي ناهي جو مٿانئس غيرن جي يلغار گهٽي هجي.

هه سال اڳ، زمين جو جَرُ ڦاٽي پيو. ماڻهو اجا تائين جَرُءِ سِم نالن جي پاڻيءَ ۾ گوتا کائي کائي اڌ- مئا ٿيا ته وريو، ستين اپريل 2012 تي سنڌين جي مٿان اُپو ٽيل اپ ڏرا ڏيئي ڦاٽي پيو. جڻ پراڻي اليمونيم مان ڪوڪا نڪري ويا هجن. ۽ آسمان ڦهڪو ڪري اچي سنڌين مٿان ڪري پيو.

سنڌ اڳ پاڻي جي باهه ۾ گرفتار هئي. ۽ هاڻ بچيل سچيل ڪسر اُپ مٿانئن پوري ڪري ڇڏي.

سنڌي قوم ٻن ڇيرن وچ ۾ آهي... ان جو الائي ڏٽي سائين ڪير ٿيندو؟ اڳ پيرن اگهاڙي هئي. هاڻ ته مٿانئس اُپ به کسڪي ويو آهي.

تاج بلوچ

# وچور:

## تصوف:

عارفاڻو ذهن-قلب... ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

## ڪائنات ۽ انسان:

هڪبئي جي نظر ۾. هيوبرٽ ريوز/سليم نور حسين

## ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ڪارنر:

دل اڃان جاڳي پئي... رزاق سهتو
غزل گو شاعر... تاجل بيوس
مرڪندڙ مسيحا... ڪوثر ٻرڙو
دل جو ڪوئي دنگ نہ آهي... ڊاڪٽر مشتاق ڦل
عاشق ۽ شاعر... بشير منگي
شاعري جو سرمايو... امتياز دانش

## سماجيات:

ممبئي جا ڍاپا... الطاف شيخ

## سفرنامو:

ڪشباش (آخري قسط) ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

## طبع زاد ناول:

قالو بلا (پنجين قسط) ڊاڪٽر رسول ميمڻ

## آتم ڪٿا (قسط پندرهين):

پاتم جهاتي جهان ۾... شيام ڪمار

## پرڏيهي ناول:

زن مريد (سترهين) ڪرن نگرڪار/ڊاڪٽر بدر اُڃڻ

## ڪهاڻي:

وچايل قبرن جا مدفون... پرويز
وهندڙ ڪهاڻي... انور شيخ
ڦهريون معرڪو... اسد خاصخيلي

## شاعري:

امين پٿو، هالار لغاري، مريد سنڌي، دليپ ڪوٺاري ۽ ٻيا.

آفيس ايڊريس:
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.

خريداريءَ جا اگهه:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

آفيس ائڊريس:
بنگلونمبر 177 گل هائوسز بلاڪ 7
گلستان جوهر، ڪراچي.
فون: 5-021-34019264

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايڊيٽر: تاج بلوچ
سب ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

OFF: 021_37705502
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com
sojhromonthly@gmail.com

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

# عارفاڻو ذهن - قلب

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي



قلب مُنقلب يعني ڦرڻو گهرڻو آهي، ان لاءِ چوندا آهن ته اهو رحمان جي ٻن آڱرين جي وچ ۾ رهي ٿو. جيئن ته اهو اُبتو آهي انڪري ڦري سڌو سبتو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهو مٿين ٻن ڪيفيتن جي وچ ۾ انقلاب جو ماريل آهي.

حضرت انسان (آدم) ڪُل ڪائنات جو خُلاصو، جامع ڪتاب 'ڪُنَ' جو ڪلمو، ننڍو جهان (عالم صغير) آهي، انڪري اهو 'عقل' يا روح جي لحاظ سان اُم الڪتاب، قلب جي لحاظ سان لوح محفوظ ۽ نفس موجب ڪتاب محو و اثبات (cosmos) آهي.

انسان ئي 'رق منشور' (لکيل ڪاغذ)، 'ڪاغذ مُنسط' (ڪليل ڪاڳر)، 'انبساط نفس رحماني' (Exhalation of Breath of Compassionate)، لوح محفوظ (Preserved Record) ۽ 'ڪتاب مسطور' 'ڪتاب مسطور' (ڪائناتي حقيقتن جو لکيل ڪتاب) آهي. (13)

لوح محفوظ جا ٻيا نالا: لوح قدر (Destiny)، لوح نفس ڪل (Universal soul)، انساني حقيقت (حقيقت آدم) ۽ قوس واحديت آهن. جيئن ته قلب ئي لوح محفوظ ۽ لکيل ڪتاب آهي، انڪري جڻ ته اهو الاهي صفتن ۽ ڪُل ڪائنات جو چِترُ (chip) آهي.

اسم رحمان آفاق ۾ عرش ته انفُس ۾ قلب آهي. قلب ئي ان ڏياوان ڏيالو جو عرش رحمان (Cosmic Throne of Mercy) يعني تخت آهي. قلب جو ڪنڌاريءَ ۾ رحماني صفتون ۽ اسم اٿلايا پٿلايا ويندا آهن.

هن طبعي ڪائنات ۾ 'عرش اعظم' (Sublime Throne) تمام آسمانن کان اونچي ۾ اونچو مقام ليکجي ٿو. سمورا آسمان 'عرش محيط' (Surrounding Throne) چوڌاري ڦرندا آهن يعني ان جي گهيري منجهه آهن. اُپ جاڻ ۾ انجو نالو 'چرخ اعظم' (Empyrean, Celestial Sphere, 360°) آهي. (14)

تنزّلات سِتہ (Hexameron) جي ڇهن پڌرائين وارن درجن ۾ تعين اوّل 'حقيقت مُحمدي' ڪانپوءِ واري درجي ڪي حقيقت انساني (آدم) يعني 'ملڪوتي آدم' جو نالو ڏنل آهي. اها قاب قوسين جي هيٺين ونگ 'قوس واحديت' آهي. هتي انسان (عالم صغير) عالم ڪبير جو 'قلب' آهي جتي الاهي اسم صفتون ۽ الاهي علم مفصل طور پڌرو آهي. هن ماڳ کي 'نفس رحماني' يا 'نفس ڪُل' لوح محفوظ ۽ عالم ملڪوت بہ چون ٿا. (15)

لطيفہ قلب (لطيفہ انسانيت) عالم امر جو پهريون لطيفو آهي جيڪو لطيفہ نفس ۽ لطيفہ روح جي وچ ۾ ٿئي ٿو. انجو تعلق عالم مثال، افعالي تجلي (Divine operations) ۽ آدم صفي الله سان آهي. ان لطيفي جو رنگ هيڊو (Mustard Yellow) آهي جنهن کي معرفت ۽ رحمت جو مقام چئجي ٿو. (16) قلب جاري ٿيڻ جو مطلب دل جو ڌڙڪو تيز ٿيڻ نہ پر انجو رنگين ٿيڻ، گل جيان ٽِڙڻ، معرفت حاصل ڪرڻ، مشاهدي جو آئينو بنجڻ ۽ ڏيالو ڏياوان هئڻ آهي.

علم ڪيميا ۾ آتش (آڳ، گندرف، شمس) جي بُستي ٽِڪُندي ۽ آب (پاڻي، پارو، قمر) جي اُبتي ٽِڪُندي جي سنجوڳ سان اِڪسير، آب حيات يا پارس پٿر بڻجي ٿو. ٻنهي ٽِڪُنڊن جو ڇهه-ڪُنڊو تارو سُليماني مُندي آهي، جنهن کي صوفيت ۾ ڪيميائي سعادت جي اِڪسير چيو ويندو آهي. (ڏسو شڪل 4)

ذڪر ڪندي واڙو [+] ۽ ڪاٽو [-] برقي وهڪن ملڻ سان ذاڪرتي وجد (ecstasy) جي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي جيڪا چريائي نہ پر موج مستيءَ وارو جذبو آهي.

جيئن امّاره نفس ترقيءَ جا درجا طئي ڪري مُلهم نفس، مثالي روح پوش لاهيندي قُدسي روح بڻجي ٿو، ساڳي ريت قلب بہ قلب منيب پوءِ قلب سليم ۽ آخر ۾ قلب شهيد بڻجي ٿو.

قلب نظر جو اڳ ۽ بصر جو اتڻ آهي هي اهو 'جامِ جَم'، 'جامِ سڪندر'، 'جام جهان نما' يا 'جامِ گيتي افروز آهي'، جنهن وسيلي ڪل ڪائنات جون سچائيون دل جي آرسيءَ تي مشاهدو ڪري سگهجن ٿيون.

شعوري واٽ حِسي پر قلبي ڏِگ ڪشفي ۽ شُهودي آهي، جنهن وسيلي سنئون سڌو مُشاهدو ٿئي ٿو. دل جا ست اطوار (modes) آهن، اسان انکي سائنٽفڪ انداز ۾ جديد طب ۽ برقيات (TV) جي حوالي سان ڄاڻايو آهي.




*شڪل 5: دل جا ست اطوار.*

1. صدر (صدور): 'شرح صدر'، جتان احڪام صادر ٿين ٿا. Reception, Dish antenna, opening the channel; pericardium (دل جو ٻاهريون پوش)
2. قلب (دل): 'ذڪر' Heart, on process; Myocardium (دل جي ماس واري ديوار)
3. شفاف: 'جام جهان نُما' آئينو.

4. فُواد (ڏيک): 'تاثر' Crystal, Screen, (دل جو Picture, Video Endo cardium اندريون مٿچرو)
5. حَبۃُ القلب (دل جو داڻو): 'ڪلام' Grain, Seed, Sino-Ventricular Node (S.V.Node); Speaking, Sound, Audio.
6. سويدا: 'ڪارو نقطو' Black dot; Sino-auricular node (S.A.Node)
7. مُهجة القلب: قلبي خون، قلب جو روح، خالص کير، نورَ ۽ تجلا. Cardiac Spirit; Illumination.

قلب ذاتي صفاتي ۽ جلالي جمالي تجلين، مُڪاشفن ۽ مُشاهدن، اِلقا ۽ الهام، ڪشف ۽ شهود جو الاهي جام آهي. انجي مختلف درجن کي صوفي طوارِق ۽ طوالِع، لوائح ۽ لوامِع، بوارِق ۽ صواقِع جا نالا ڏيندا آهن.

## حوالا ۽ حاشيا:

1. فرهنگ عارفاني، دڪتر سيد جعفر سجادي، ڪتابخانہ ظهوري، تهران، ايران 370ھ
2. هُويت (That-ness) پڌرائي کان اڳ واري الاهي ذات آهي جيڪا اسمن توڙي صفتن کان بہ مُنزّہ (پاڪ صاف) آهي. ان پاڪ صاف غيب الغيوب ذات کي 'لاتعيّن' (Infinite) چوندا آهن، جنهن جي علامت 'لا'، ٻُڙي، ڪارو نقطو يا ڪارو تِر آهي. اهو ٻاڻ اونداهي 'عدم محض' (بنهہ اڻ هوند) يا ٻڌمت موجب 'مهاشُونيہ' آهي.
3. علم لَدُنّي، ٽن ڪتابن- ڪائناتي ڪتاب، انساني ڪتاب ۽ قرآني ڪتاب جو ڪشفي الهامي علم آهي، جنهن کي 'ڪتاب جو علم' ۽ چيو وڃي ٿو. جيڪو قرآن اندر آصفو برخيا ۽ خواجہ خضر کي ڏنل ڄاڻايل آهي جو اهي ٻئي سچا صوفي هئا.
4. سِرّ دلبران، سيد محمد ذوقي، ڪراچي، 1418ھ.
5. لطِيفو معنيٰ لطيف جسم يا وُجود (Subtle Body)، نقشبندي صوفياڻي سلسلي موجب 10 لطائف آهن. هيٺ کان مٿي خاڪ، آب، باد، آڪاس (ايٿر)، قلب، روح، سِرّ، خفي ۽ اِخفا. قلب، آڪاس ۽ روح جو ميلاپ آهي، جيڪو ڏهن لطيفن جو وِچُ چئبو.
6. چندر جون 28 منزلون، نَڪشَتَريا نُڇتَر هي آهن. شرطين، بُطين، ثُريا، دبران، هقعہ، هنعہ، ذراعِ، نثره، طرفہ، جبهہ، زُهره، صرفہ، عوّا، سماڪ، غفرا، اِڪليل، 'قلب'، شولہ، نعائم، بلده، ذابح، بلع، سعود، اخبيہ، مُقدِّم، مُؤخِر ۽ رِشا. هندي ۾ قلب جو مساوي نڇتر 'جيسٹ' آهي.
7. Quantum takaling, Deepak Chopra, M.D. Bantam: Books, NewYork, 1990, page34.
8. The Holy Science, Swami Sri Yukteshwar, Self-Realization fellowship, Los Angeles, USA, 1984, p27.
9. The Psychology of C.G.Jung, Dr.Jolan Jacobi, Kegan Paul, London, 1942, p13.
10. سِرّ دلبران، ص328.
11. Sufi, Laleh Bakhtiar, Thames and Hudson, London, 1979, p20
12. عام طور آڪاس يا آڪاش جي معنيٰ آسمان ۽ وايو ورتي ويندي آهي پر اصل ۾ اهو ايٿر (eather) آهي جيڪو ڪثيف يا مادي عنصرن (خاڪ، آب، باد ۽ آتش) ۽ لطيف عنصر نور جي وچ ۾ اڌ ڪثيف ۽ اڌ لطيف عنصر (تتو) چئبو. انجو ظاهري رخ برقي مقناطيسي توانائي تي مشتمل ٿئي ٿو.
حيواني روح (ايٿري وجود ethereal body) نفسي لطيفو، انساني هالو (aura) توڙي عالم برزخ (ع.مثال، ع. خيال ۽ خواب) ان آڪاسي عنصر جا جڙيل آهن. ڪنهن بہ مادي شيءِ جي روپ وٺڻ کان اڳ انجو بلو پرنٽ عالم مثال ۾ جنم وٺندو آهي. ان آڪاسي جهان مان خيالي يا خوابي روپ (Thought forms)، عنصري مخلوق يا موڪل ڄمر وٺندا آهن.
A Dictionary of Mind and Spirit, Donal Watson, Andre Deutsch ltd. London 1991.
13. سِرّ دلبران، فرهنگ عارفاني، Temple and Contemplation, Henry Corbin, KPI, London, 1986, p.82-91,
14. صوفي اسڪالر پنهنجي پيغام پهچائڻ لاءِ پنهنجي دور جي سائنسي علمن کي ذريعو بنائيندا هئا. ان وقت جو فلڪياتي ماڊل بطليموس (Claudius Ptolemy, 100-178 A.D) جو ڏنل هو، جيڪو مسلم دور کان نڪولاس ڪو پرنيڪس (1473-1543 A.D) تائين هلندو رهيو. ان ماڊل جي اوٽائين جي مُسلم اُپ ڄاڻو سائنسدان بہ گهٽي شڪايت ڪندا هئا.
15. تعليم غوثيہ، گل حسن شاهہ نفيس اڪيڊمي 1976. 'تنزّلات ستہ' سِرّدلبران، 'قاب قوسين' ص342.
16. عُمدة السّلوڪ، سيد زوار حسين، زوار اڪيڊمي پبليڪيشن، ڪراچي، 1998. ص322. ■

## غزل



### امين پٽو

ٿو ٿٽي اعتبار روزانو
ٿي وڃون ٿا شڪار روزانو
پيار ڌرتي سان ڏوهہ آهي هت
پيا ٿيون گرفتار روزانو
دل پٿر ڪر تڏهن هلي سگهندي
گهاوَ ملندئي هزار روزانو
مونکي هڏڪي مٿان اچي هڏڪي
ايترو پيي نہ سار روزانو
پڪ آهي تہ ناهي ڪو اچڻو
پوءِ پيي انتظار روزانو
ماريو ماريو ٿي مرڪ سان مارين
ڪا جيئاري نهار روزانو
ڳوٺ کي چو ڇڏيو وساري ٿئي
موڪلي ٿي ميار روزانو
روح ۾ ٿيون وڃن پيون لهنديون
چوڪريون بيشمار روزانو ■

## نظم

### شير محمد هاليپوٽو

صبح پيي سونهن پنهنجي ۾
بدن جا گهاءَ ڏيکاريا
لُبي سنڌ آهي ڪائيرن
حُسن ٿيو سوڳ ۾ ڪارو
ٽٽل پايل رتو رت ٿيا
لليچن محبتن جا ئي
ڪٿي ڪيسا ڇڏيا آهن
نئين ڪنهن روح ڦوڪڻ جي
ضرورت پئي خدا آهي
رڳو هت ساهہ پيو گهٽجي
نئون اتهاس ڪو لکجي
ڪٽيل سرڙن تان سانجهي جا
ستارا روز سوچن جا
سچا ڪردار ڌرتيءَ جا
سُتل چو رُڄ ۾ آهن
بهارن جا سمورا رنگ
اسان لئي چو مري ويا هن
بدن جي حالتن جو ڇڻ
سرابي نانگ ويا ڪارا
تماچي تڙ ڏٽي جا ڳو
هتي هر ڏينهن تي هاٽي
مٿي ڪينجهر لڳن ڏاڙا
ڪُنل هي مور ڦٽڪن ٿا
گهگهن جا گهير سُڏڪن ٿا
صبح جي سونهن تي سوچي
نئون اتهاس ڪو لکجي.

***

### منتظر گولو

چاندوڪيءَ ۾ جانان جام بہ آهي راس ڪٿي
۽ دنگ ڪندي پنهنجي آخر تاس ڪٿي
باڪن جهڙا خواب ڳهي ويئي بڪ-بلا
هاڻي جيون ۾ رنگ ڪٿي ۽ واس ڪٿي
منهنجي نم جي ڇانو لهي ٿي هن جي گهر ۾
مون لئہ جنهن جي دل مان گم آ، احساس ڪٿي
هؤ چمي سان دل ويجهو سورج ٻاري ويئي
هاڻي دل رستن تي لهڻي آهہ، اماس ڪٿي
هي گل ڦل خوشبو، چپر نديون ۽ پيندڙ پتر
ڌرتي تو وانگي سهڻو آ آڪاس ڪٿي
ڏس ٻانگ ملڻ تي آ، سياڻو ٿي، پاڪر ڪڍ
ايئن ڳالهين ۾ رات مٽائي نہ لباس ڪٿي
ڌرتي تنهنجي عشق امرتا بخشي آهي
ورنہ تنهنجو گولو ڪاٽي ۽ ٽياس ڪٿي.

***



# ڪائنات انسان جي نظر ۾

هيوبرٽ ريوز/سليم نور حسين

(ايسٽروفزڪس جو مشهور سائنسدان هربرٽ ريويز ١٣ جولاءِ ١٩٣٢ع ڌاري مونٽريال ۾ جنم ورتو. ١٩٥٣ع ۾ مونٽريال يونيورسٽيءَ مان BSc جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ١٩٥٥ع ڌاري McGull يونيورسٽيءَ مان، فارميشن آف پوزيٽرونيم ان هائڊروجن ۽ هيليم ۾ ماسٽرس ڪئي. ۽ ١٩٦٠ع ڌاري هن ڪوميل يونيورسٽي نيويارڪ مان پي.ايچ.ڊي ڪئي. هن جي ٿيسز جو عنوان هو، 'ٿرمونيوڪليئر ري ايڪشن انوالونگ ميڊيم لائٽ نيوسلي'. هو طويل عرصي تائين مونٽريال يونيورسٽي ۾ پڙهائيندو رهيو ۽ هو ناسا جو ميمبر آهي. ۽ کيس بي پناهه اعزاز ۽ انعام مليا آهن. ايسٽرو فزڪس بابت هن جي تحقيقي ڪتابن جو انگ ڏهن کان مٿي آهي. ت.ب)

وعدي موجب ليکڪ جي **1991**ع ۾ ڇپيل ڪتاب The Hour of our Delight – The Cosmic Evolution, Order and Compaxity جو يارهين نمبر باب جي پهرين پاڱي جو ترجمو حاضر آهي. مضمون ۾ جيڪي سائنسي لفظ ڪتب آيل آهن، تن جا سنڌي مون پنهنجي عقل جي ٻوڙ ڪندي يا انگريزي سنڌي لغت جي آڌار سان ڏنا آهن. ٻوليءَ جي ماهرن ضرور انهن جا ڪي ٺَرُ ترجما ڪيا هوندا، پر منهنجي پهچ انهن تائين ڪانهي. سو حال پريان ٽال. ڪتاب جي فليپ تي ليکڪ جي سُڃاڻپ هن طرح ڏنل آهي: هو ٽڏهن پئرس ۾ National de le Recherche Scientifique ۾ ڊائريڪٽر ريسرچ هو. هو ڪئناڊا ۾ ڄائو ۽ ڪارنيل يونيورسٽيءَ مان نيوڪليئر ايسٽروفزڪس ۾ پي ايچ ڊي ڪيائين. اُتي هو رچرڊ فنمئن، هئنس بيٿي، فلپ موريس ۽ ايڊسالٽپيٽر سان گڏ پڙهيو. هُن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن مان هڪڙو Atoms of Science ٽيستائين يارهن ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو هو. ***سنڌيڪار***

”آئون ڪٿي آهيان؟“ ”آئون هِت ڇو آهيان؟“ هزارين ورهين کان ماڻهو هن اُبگرهه تي هر هنڌ ۽ شايد ڪنهن ٻئي هنڌ پڻ اهي سوال پاڻ کان پُڇندا رهن ٿا. هڪ ناول نويس پڇيو: ”ڇا سائنس اسان کي بهتر نموني ۾ مرڻ جو ڏس ڏي ٿي؟“

”ڇا ڪنهن نئين ذرڙي (particle) جي لَڀَ يا ڏيڏر جي وڍَ ٽُڪ اسان کي حياتيءَ جي معنيٰ ٻُڌائي ٿي؟“

سائنس برابر انهن ٻٽائتن سوالن جو جواب نٿي ڏيئي سگهي. پر سائنس حقيقت جي ڄاڻ جا اهڙا عناصر مهيا ڪري ٿي، جن کي معنيٰ جي ڪنهن به ڳولا لاءِ لازم آهي ته تسليم ڪري ۽ پاڻ سان ڳنڍي. ڄاڻ جا اهي عناصر ڪيترين ئي صدين کان گڏ ٿيندا اچن ٿا، ۽ اسان دنيا کي جن نظرن سان ڏسون ٿا، تن کي انهن عناصرن گهڻو تبديل ڪيو آهي. ايندڙ صفحن ۾ آئون انهيءَ تبديليءَ جي مکيه وِکُن جا پيرا ڪڍندس.

مون پنهنجي تشريح لاءِ انسان ڪائنات کي جن نظرن سان ڏسندو آيو آهي، تن جي اتهاس کي ٽن مکيه زمانن ۾ ورهائڻ جي چونڊ ڪئي آهي. اسين انهن کي هيٺين ٽن نقطن سان سڏينداسين.

- پراچين ڳالهه ٻولهه
- ڪائنات هاڻ وراڻي نٿي
- نئين نهار جي ٻاهرين ليڪ يا خاڪو

## پراچين ڳالهه ٻولهه

ذري گهٽ سڀني پراچين سڀيتائن ۾ ۽ پڻ عظيم روايتي حڪمت ۾ اڪثر دنيا ۾ ڪائنات جي مُنڍ/آد/شروعات بابت ڄاڻ (cosmogony) زمين دنيا جو مرڪز آهي. ان جي مٿان اُڀ، تارن وارو رنگ يا قبو آهي، جتي خدائون/ديوتا الوليون ڪن ٿا. ڪائنات ڪا گهڻي وڏي ناهي. گِرهه ۽ تارا انسان جي پهچ کان ٻاهر پر انساني آواز جي پهچ جي اندر آهن.

اُڀ تي پيئرن جهڙا جيو رهن ٿا، جيڪي انسان جي مامرن ۾ شخصي چاهه وٺن ٿا. سچ پچ ته هو گهڻو ٽڻو اُتاهن جبلن تي ڏاڍو ڪن ٿا.

انسانذات کي اڪيلائيءَ جو روڳ ڪونهي. ان جي اُبتڙ، ماڻهن تي لاڳيتي نظر رکي وڃي ٿي ۽ کين لازم آهي ته جيئن چيو وڃي تيئن هلن. ڪڪرن جو گجڻ، ڪنوڻ جو ڪنوڻ ۽ پَڇڙ تارن جهڙا جي (beyond)آسماني مَظهر ڪنهن 'ڏورانهن' اُچرج ۾ وجهندڙ ٻولي آهن. گذاري ويل وڏا اُتي رهن ٿا. اهي اُپ ۽ ماڻهوءَ جي وچ(ancestors) (intermediaries)۾ لاهه چڙهه وارا آهن.

ڪيترين ئي ڏند ڪٿائن ۾ ماڻهو، نسلي توڙي علامتي معنيٰ ۾ آسماني مخلوق آهن. اهو لاڳاپو، جنهن جي ساک انسان جي الوهي ڄم جو داستان ڏي ٿو، سو جياپي کي معنيٰ ڏي ٿو. ماڻهو پنهنجي ڪرم لاءِ پاڻ جوابدار آهي. جيڪڏهن حُڪمن جي پوئيواري ڪري ٿو ته هو گذاري ويل وڏن جي ديس ۾ داخل ٿي سگهندو. پر جي پيچڪڙي ڪندو ته سيکت ملندس.

انسان جي پهرين زماني جي ان حد کان وڌيڪ سادي بيان سان منهنجو مقصد انهيءَ حقيقت تي زور ڏيڻ هو ته ڪي عقيدا ڪيترين ئي مذهبي روايتن ۾ مُشترڪ آهن،

1. دُنيا ننڍي آهي،
2. ماڻهو 'ڏورانهن' يا 'پرانهن' سان سِڌي لاڳاپي ۾ آهن.
3. انسانذات الوهيت جي ڄاول آهي.
4. حياتيءَ جي معنيٰ آهي ۽ جوابداريون ڇٽيون آهن.

گذريل صدين ۾ دنيا جي انهيءَ روايَتي نهار (view) کي سائنسي لِيُن هٿان وڏا ڌَڪَ لڳا آهن. مون انهن ڌڪن جي اُپٽار سِگمنڊ فرائيڊ کان اُڌاري ورتي آهي. هُو ٽن مکيه ڌڪن جو خاڪو پيش ڪري ٿو.

## ڪائنات هاڻ وراڻي نٿي

## هيئتي ڌڏڪو (Astronomical Shock)

اُڀ جو صحيح ڪاڇو (dimesion) پهرين پهرين يونانين پروڙيو. هيراڪليپٽس جي ان چوٽي

تي تہ 'سچ سنڌس پير ڪان وڏو ڪونهي.' انيگزيگوراس وراڻيو، 'اهو پيلوپونيسس ڪان وڌيڪ وڏو آهي.' (يوپ جي) نئين سجاڳيءَ دوران دوربينيءَ جي جُڙڻ سان اُپ اوچتو زبردست ماپ اختيار ڪري وڃي ٿو. ڌرتي اڻ چُر پايو نٿي رهي، جنهن جي چوڌاري تارا گردش ڪندا هُجن. چنڊ ۽ گرهن جيان ڌرتي بہ هڪ آسماني جسم ٿي وڃي ٿو. اهي سڀ جسم سج جي چوڌاري گردش ڪن ٿا ۽ اهو اُن زماني ۾ دنيا جو نئون مرڪز بڻجي وڃي ٿو.

پر ڪو گهڻو وقت نہ. سُتت اهو پر گهٽ ٿئي ٿو تہ اسان جو سوپارو سج پڻ هڪ تارو آهي، تن ڳاٽيتي ڪان ٻاهر تارن جيان جيڪي چنڊ نہ هجڻ واري رات جو جرڪندا ڪندا آهن. سج پڇ تہ اهو ڪيرولي واٽ (Milky Way) جي پسگردائيءَ ۾ موجود هڪ تمام رواجي تارو آهي. اهو ٻين ڪان سرس روشن نظر اچي ٿو، سو ان ڪري جو اهي گهٽا گهٽا پري آهن. انيگزيگوراس کي اڳيئي پڪ هئي تہ ائين آهي. سج جيڪا روشني خارج ڪري ٿو، سا اسان تائين اٺ منٽن ۾ پهچي ٿي، جڏهن تہ رات جو تارن جي روشنيءَ کي اسان تائين رسڻ ۾ ڪيئي ورهيہ لڳي وڃن ٿا.

ارڙهين ۽ اڻويهين صدين ۾ هُنن ڪائنات جي تنهن سان ساڳوٽائي ڏيکاري، جنهن کي اڄ اسان پنهنجي کهڪشان سڏيون ٿا جتي ڪيرولي واٽ، جنهنجو مقدار هڪ لک روشني- ورهين تائين هليو وڃي ٿو. ويهين صديءَ جي پرهہ وقت هڪ نئين پڌرائي ٿئي ٿي. اسان جي ڪهڪشان يگاني نہ آهي. ڪيرولي واٽ جهڙيون نيون ڪهڪشائون لاڳيتون لڏيون پيون وڃن. ڪروڙين ڪهڪشائون اڳيئي ڏٺيون ويون آهن. اهي اربين روشني- ورهين تي ڦهليل آهن. سهيوڳي تارا- ڄاڻ (cosmology) جي ڏِس ۾ اسين انهيءَ اِمڪان کي سنجيدگيءَ سان ونون ٿا تہ ڪهڪشائن جو انگ بي انت آهي تہ ڪائنات جو ڪو ڇيھ ڪونهي.

انهن پناڻيون ڏينڊڙ ڪاڇن ۽ نئين سُرت تہ ماپ ڪان ٻاهر پولارجي خال ۾ اسانجي ڪا حيثيت ڪانهي. فيلسوفاڻي سوچ کي هري هري متاثر ڪيو. سترهين صديءَ جيترو اڳ بليز پاسڪل ردعمل ظاهر ڪيو. هيءُ شخص سائنسدان بہ هو. انهيءَ ڪري تارا -ڄاڻ جي لَينُ ڪان پليءَ پت باخبر- ۽ فيلسوف پڻ. انهيءَ ڪري هو انهن لَينُ جي اثرات پروڙڻ جوڳو هو. سنڌس مشهور چوڻي، 'انهن پولارن جي ازلي خاموشي مونکي ڊيڄاري ٿي.' تنهن زماني جي پيڙا کي جوڙوڪر ڪوزي ۾ بند ڪري ٿي. ڪائنات جي سيانا ڪيرائينڊڙ بي انتهائيءَ منجھ انسان هيڪلو آهي، هڪ بيگانو اوپرو. خال خاموش آهي. پاسڪل کي سنڌس عيسائيت ۾ ويساھ ۽ فيلسوفن ۽ ساجھ ونڊن جي نہ پر اسماعيل، اسحاق ۽ يعقوب جي خدا سان سنڌس گهري وابستگيءَ جو ڏڍ هو. ان ڪري ڪيس ڏورانهن تارن جي بي انتهائيءَ ايترو ڪونہ ڏوڏيو ۽ بدحواس ڪيو. جيترو پوءِ جي مفڪرن کي. تڏهن بہ ڪيس تارا-ڄاڻ جي واڌاري ڪائنات سان انسان جي ناتي جي روايتي سوچ تي اثرات گهڻو لوڏي وڌو هو.

### حياتياتي ڌڪو (Biological Shock)

ٻيو ڌڪو جيوت-ڄاڻ/حياتياتي سائنسن جي ميدان ڪان ڊارون جي اُسراڻ/ارتن(evolution)واري نظرئي جي شڪل ۾ آيو. هن پيري انسانذات جي آسماني جَمَر ۾ شڪ اُسريو. هاڻي اهو ميڻ ممڪن نہ رهيو تہ خدا آدم ۽ حوا کي بهشت جي باغ ۾ تخليق جي ڇهين ڏينهن پيدا ڪيو هو ۽ شاندار اڻنس وارا جنگ جا سڀ هٿيار پنيوار پايو جُپيٽر جي سَڙ منجهان نروار ٿيا هئا. اسان جو ٻُڻ تہ گهڻو وڌيڪ خسيس آهي. اسان جا وڏا اوائلي ڏاڙائينڊڙ جانورن (primates) جي جنگهن جي وچان اُپريا هئا.

اسين پنهنجن وڏن جي وڏن جي ماضيءَ ۾ جيتري گهڻي کوج ڪيو ٿا، تيترو گهڻو وڌيڪ هيناهين درجي جي جهونن جانورن سان ڪلهي گسَ ڪيون ٿا. اوائلي ڏاڙائينڊڙ جانورن جي پر گهٽ ٿيڻ ڪان اڳ اسان کي سُرڻا (reptiles) جلٿل واسي (amphibians) مڇيون ۽ ڪرنگهي بنا (invertebrates) جيو ملن ٿا، تان جو اسان جي ڪٽنبي شجري جون پاڙون پراچين گهرڙن وارن ساهوارن وارين ڪپن ٿيون، جهڙا اسين بينل پاڻيءَ جي گهوماتيل تلاءَ ۾ ترندي پسندا آهيون. اهو ڇتو ڏيکاري ٿو تہ ڊارون وارو نظريو ڇو ايترو گهڻو وقت غير مقبول رهيو هو.

مونجهارو تڏهن پاڻ وڌيڪ وڌي ويو، جڏهن جيوت-ڄاڻ جي ڪوجنا ساهوارين شين اندر اُسراڻ واري سماج (mechanism) ۾ اتفاق (chance) جي ڪردار کي اجاگر ڪيو. هر هڪ ساهواري جي گهرڙي جي وچ (cell nucleus) منجهھ نسلي سنچت (genetic code) محفوظ هجي ٿو، سو هر دم اتفاقي ڦيرڦار وگهو رهي ٿو، جيڪا ان جي پونيرن تي اثرانداز ٿيندي. جانورن جي نون روپن جي پر گهٽ ٿيڻ ۾ بي ڪٽن (random) پراسيسن جو هٿ اوس رهي ٿو. ضرورت نہ آهي تہ اهي نوان روپ ساهوارين شين جي سَٿَ ۾ رهن.

جيوت-ڄاڻ جي انهن ٻن لُين- انسانن جي بڻ بنياد جو جانورن منجهان هُجڻ ۽ ڌرتيءَ تي موجود جيوت جي اُسراڻ ۽ اتفاقي حالتن جي هٿ چراند- پراچين ڳالهہ ٻولهہ کي ٻيو ڌڪ هنيو. ماڻهو ديوتائين جو اولاد نہ پر اتفاق جو ٻار آهي. ڇا ڪو اتفاق سان ڳالهائي سگهي ٿو؟

### نفسياتي ڌڪو (psychological)

انسان ۽ ڪائنات جي وچ ۾ جا روايتي هم

**تاج بلوچ** جي ٻن ڪتابن 'چڇريون چڇريون خواب' ۽ 'گريف اِن ٽئٽرس' جي ملڻ جو هنڌ







ٿامس اينڊ ٿامس صدر ڪراچي
۽ رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو

آهنگي هئي، تنهن کي اڻويهين صدي دوران وڌيڪ ڌڪ لڳا.

فرائيڊ ۽ سنڌس پوئلڳن انساني سائڪيءَ (Psyche) جون اونهاريون ڳولهي ڦولهي ۽ اڻسُرت (unconscious) ذهن جو وجود لهي انسان جي ذميوارين بابت اسانجي سوچ کي بيحد تبديل ڪيو آهي. اسان ٻاراڻن تڪرارن وگهي ايترا آزاد نہ آهيون، جيترا پاڻ کي سمجهڻ چاهيون ٿا. ازانسواءِ نفسياتي چيد (psychomalysis) اهڙن ذهني پراسيسن جي ساک ڏني آهي، جيڪي پيءُ جي شخصيت کي ديوتا جو روپ ڏين ٿا. خُدا، ديوتا ۽ پيءُ وارا ٻئي پَدَ وڃائي، ٻاراڻي پورجي پئدائش بڻجي وڃي ٿو. نتشي لکيو، "خدا وجود نٿو رکي ڇو جو هاڻ اسان کي پتو آهي تہ ڪيس انسانن ايجاد ڪيو هو."

نفسياتي چيد جي جَمَر ڪان ٿورا ڏهاڪا اڳ ڪارل مارڪس خُدا ئي عظيم قومن جي روحاني رهبر واري روپ ۾ شڪ ڏيکاريو هو. شاهاڻن حاڪمن اسانکي جيڪو ويساھ ڪرائڻ ٿئي گهريو، تنهن جي برخلاف سماجي طاقت خدا جي طرفان مليل حق نہ هو. حڪومت ڪرڻ جو حق اول ۽ آخر سڀ ڪان وڌيڪ طاقتور جو آهي. انساني اِتهاس ڪنهن خدائي رٿا جي ڪا شانائتي پُورٽنا نہ پر طبقاتي چڪتاڻ جو هيٺ مٿي ٿيڻ جي آکاڻي آهي.

انهن ڌڪن جي گهڻَ تنهن کي جنميو، جنهن کي هاڻوڪي تهذيب/ سيپتا جي پيڙا چيو وڃي ٿو ۽ جنهن کي آسماني چپ چپات ۽ اسانجي پنهنجي هيڪلائي آڌو آهن. ڪئمس لکي ٿو: "لايعني (absurd) انساني سَڏَ جي دنيا جي سانت سان مُهاڏائيءَ منجهان اُپري ٿو." ڪنهن بہ 'پَرانهن' سان رابطي جي اٿهوند، پنهنجي ئي ڪائنات ۾ بيگانگيءَ اولهہ جو ماڻهو انسانذات جي اِتهاس اڻ ڪوجيل حد تي اچي پهتو آهي، 'اوس هيڪلو! اڪيلو!' (هلنڊڙ)

ڪرڻ ڳهريا. ماتمي ڪارا سڙهه جيڪي ڏاڍي بدران عزرائيل جي وارن مان اٽيل هجن.

”هل عرشنا“ وارث آواز ڏنو. ڪنعان جي ويران واديءَ ۾ هلون جتي هڪ غار اندر ڪوڙهي انهن آگرين جو انتظار ڪري رهيا آهن جيڪي ناسورن ڪي ڇهنديون ته اهي سڪل پنن جيان ڇڻي پوندا. آگريون جن جي وٽين ۾ فرشتن جا گهر آهن. هل ان غار وٽ امر هستيءَ جو انتظار ڪيون. ان جي آمد سان تنهنجا عذاب موڪلائي ويندا. جتي بيمارين جي بوءِ پاروٽن رابيلن ۾ تبديل ٿي رهي آحي. گلابن جي سرخي ڪاراڻ مائل آهي.“

هو اڏاڻا. انهن ڏٺو ابابيلن جو وار پويان اڏامي رهيو هيو. لتا ته سندن اميدون فصلن جيڏيون وسيع ۽ دل ڪٽڪ جي داڻي جيان هئي. ماڻهن جا هجوم عذاب ڪڇ ۾ سانديي ڏتل جبلن جي پڳل پٿرن تي قدم رکندا اڳتي وڌي رهيا هيا. جتي يسوع جا هٿ عذابن جون ڳنڍيون وٺي سندس پوڳنائن ڪي هلڪو ڪري رهيا هيا. عذابن جون ڳنڍيون جيڪي مسيح جي ڪند ۾ مالها جيئن لڙڪي رهيون هيون. يسوع جنهن جي هٿن ۽ پيرن ۾ سوراخ هيا. ڪلهي جو ماس ڳجهون کائي چڪيون هيون. سندس وارن ۾ رت ميندي جيئن جميل هيو. ٽڪيل هيدا ڳل نارنگين جيان هيا جن ۾ شفا جي رس پريل هئي.

وارث ڏٺو هو عرشنا جي اک ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. اک پاڻيءَ ۾ بدلجي ڳوڙهو بڻجي يسوع جي قدمن ۾ ڪري پئي.

”اي يسوع“ قدمن تي ڪريل ڳوڙهي ڳالهايو. ”مونکي آگريون اڏاريون ڏي. جهول ڪي شفا جي پندار سان پر. پنهنجي مرڪ ڏي ته گوندرن جي ويران واديءَ ۾ خاموش ٺهڪ جاڳائي وجهان. اي مئلن ڪي خواب موٽائي ڏيندڙ. اي مجروحن جا زخم ميساريندڙ نابين ڪي ديد جي عصا عطا ڪندڙ. عرشنا آخري پساهن ۾ آهي. ناسور سندس وجود ۾ ڪندي جيان قاتل آهن. ڏرا ڏئي ويل اڪين ۾ ايمدي آسا جا مڙهه رکيل آهن. عرشنا تي آگريون ڦير. زندگيءَ جي ڏاڍي جي ڏلي ڳند مضبوط ڪر ته روح محفوظ رهي. اي يسوع تنهنجي هٿ ترين جا سوراخ شفا جا در آهن.“ هو يسوع جي قدمن تي ڪريل ڳوڙهو هيو. يسوع جا قدم عرشنا جي ساهن ڪان وڌيڪ گرم هيا. نند ۾ عرشنا ج ساهه ائين محسوس ڪيائين جيئن يسوع جي قدمن ڪي سيني لائي سڏڪندو هجي. هو ڳوڙهو هيو. سرڪس بي ڪريل ماڪ. يسوع جي وجود جي گرميءَ ۾ ٻاڦ بڻجي ويو. اڏامندڙ روح. ڪونجن جي قطار جو آخري پکي. عرش ۾ وڃي بوند بڻجي برسيو ۽ عرشنا جي اک ۾ اٽڪي پيو. يسوع هڪ خواب هيو جيڪو ميري ڏوتل ڪفن جيان اس ۾ صليب تي ٽنگيل هيو. يسوع ڊونهو هيو جيڪو بائبل جي رڪ مان بلند ٿي رهيو هيو. يسوع ٻاڦ هيو جيڪو بڪايل جي جهوپڙيءَ ۾ چلهه تي رکيل سڪٽي ڪنيءَ مان بلند ٿي رهيو هيو. يسوع هيو شايد نه هيو. هڪ خواب هيو. خوابن جي بيابان ۾ رڃ تي هلندڙ ٻيڙي جو بادبان هيو. هو واءُ هيو جيڪا عرشنا جي وجود ڪي ڇهڻ بنا وار جيتري وٿيءَ تان گذري وئي. هو اڻ ڏٺل سونهو هيو جنهن جي شڪل پاڇي جهڙي هئي. هو وات جي قبر ۾ پوريل زبان جي نه ٻڌجندڙ صدا هيو.

پوءِ هن مايوسيءَ مان چيو.

”اي مرض تون دنيا جو سڀ کان ڏکهي عمر وارو شيطان آهين. اي حياتي سرنهن جي دائي ڪان به نندي آهين پر ڦٽين تي ته زندگيءَ جا پيلا گل ڪيڏا نه وٽندڙ آهن. بيشڪ هر شيءِ فنا آهي موت ڪانسواءِ. اي مصيبت مونکي ڇوٽڪارو عا فرماءِ. اي مرض ڪڏي ٻار جيان نه وڃڙ. پنهنجي پاڙ پيدا ڪر بي پاڙيءَ جيان چو ٿو وچڙين. اي موت اڻ سڏيل زندگيءَ جي دسترخوان جو ڪمهلو مهمان آهين. اي مرض شل توتي موت نازل ٿئي، تون به ڪنهن مريض جيان موڪلائي وڃين.“

هو عرشنا سان گڏ ڌرتيءَ تي پوندڙ صليب جي پاڇي ۾ ويٺل هيو. هن ڏٺو يسوع جي زخمن مان لفظ قطار جي صورت ۾ هيٺ لهي رهيا هيا. رت جا لفظ جن جي وات ۾ ڪولين جيان ڪاچ هيو. ڪنهن ايندڙ ڦهر ڪان اڳ تاريخ جي ورقن جي پناهگاهه ڳولهي رهيا ها. ورق جن تي نئين دنيا آباد ٿي رهي هئي. نوان قدم ڳهمي رهيا هيا. نيون اکيون نروار ٿي رهيون هيون. نوان چپ نکري رهيا هيا. تاريخ جو نئون سفر شروع ٿي رهيو هيو. صليب تان وهندڙ رت ڳجهن ڪي متاثر ڪري رهيو هيو.

يسوع ان سڪي جيان غائب ٿي ويو جيڪو نندي هوندي ماءُ وارث ڪي ڏنو هيو ته هو فقير جي ڪشڪول ۾ وجهي اچي. سڪو وٺي هو جيئن فقير ڏانهن پئي ويو ته اهو هن جي هٿ مان ڇڏائجي ڪري پيو.

حواري سينٽ پال يروشلم ڪان روانو ٿيو ته سندس چادر ۾ يسوع جي ساهن جي خوشبوءِ اڃان به موجود هئي. آخري مانيءَ جو منظر اڃان به سندس اکين ۾ سمايل هيو. الوداعي گرهه جيڪو هن يسوع سان گڏ کاڌو. يسوع چيو.

”زندگيءَ جو هر گرهه پوڳنا جي ذائقيدار رس ۾ ٻوڙيل آهي. بکايل آهن اهي جن پوڳنا کي نه چکيو. اڃايل آهن اهي جن صبر جو شراب نه چکيو.“

سينٽ پال جا قدم ڦتجي کا هيا. هو ’ميلان‘ جي هڪ سنگمرمر جي پهاڙ تي لٽ سهاري وينل هيو، سندس منزل ڏور هئي. وارث فضا ۾ اڏامندو هڪ رنگين طوطي جان سندس لٽ تي لٿو. سينٽ پال کيس يسوع جو روح سمجهيو. سوچيو شايد يسوع جو پٽڪندڙ روح آهي جنهن جو مقصد دنيا ۾ پورو نه ٿيو آهي. کي خاص هدايتون ڏيڻ لاءِ لٽ تي لٿو آهي.

”ڇا تون يسوع آهين.“ هن سوال ڪيو.

”نه“ وارث چيو ”عرشنا جو عاشق آهيان. خوابن جي حقيقت آهيان. ڇوٽڪارو ڳولهيندڙ آزاد پکي آهيان جنهن کي پيار جي پڃري ۾ قيد جي تمنا آهي.“

سينٽ پال لٺ تي وينل طوطي کي ڏسي مرڪيو. هن کان پيرن جا زخم وسري ويا.

”پيار جي غلامي سڀ کان وڏي آزادي آهي.“ سينٽ پال چيو ”پيار پوڳنا کي سهل ڪري ٿو. خوف کان آجو ڪري امن جو پيغام ڏئي ٿو.“

وارث دل جي ڳالهه ڪرڻ کان اڳ ڪنبڻ چنديا.

”اي سينٽ پال“ هن چيو، ”سنهنجو پيار آخري پساهن ۾ آهي. مان خوف ۾ ورتل پٽڪندڙ خواب آهيان. عرشنا زندگيءَ جون آخري هٽڪيون ڏئي رهي آهي. شفا لاءِ هٿ کٽي عرش ڏي ويل عيسيٰ کي عرض ڪر. عيسيٰ جڏهن آسمان جو ڪڙو کڙڪائي ته در کوليندڙ دربان جي هٿن ۾ جهليل ٿالهيءَ منجهه عرشنا جي شفا جو سامان هجي.“

ڳالهه ٻڌي سينٽ پال فڪر ۾ پئجي ويو.

”مان ڪائي مدد نه ٿو ڪري ڳهان.“ هن چيو، ”يسوع جي واپسيءَ جو انتظار ڪر. ان جي اچڻ جي دعا ڪر. يسوع اهڙو ستارو آهي جيڪو ٻج جيان ڌرتيءَ تي ڪرندو ۽ شفا جو ٻوٽو پروان چڙهندو وارث مايوسيءَ مان سينٽ پال جي هٿ ۾ جهليل لٺ کي ٽڪڻ لڳو.

”ڇا موت ايڏي مهلت ڏيندو؟“ هن پڇيو، ”موت عيسيٰ جو انتظار ڪندو؟ موت بي رحم بادشاهه آهي جنهن جي دربار ۾ مهلت ڪنهن به ڪرسيءَ تي وينل نه آهي. موت پوڙو سردار آهي جنهن تي آهن جو ڪو اثر نه آهي. موت انڌو فقير آهي جيڪو بنا تفريق سيني جي در تي سين هٽي ٿو. اڄ سينٽ پال مان موت کي هڪ ٻانهن کان جهليان تون ٻيءَ ٻانهن کان جهل.“

”خدائيءَ ۾ هٿ وجهڻ“ سينٽ پال چيو ”هوا مٺ ۾ قيد ڪرڻ آهي.“

لٺ سهاري اٿيو ته وارث ان پويان ويو. ميلان کان سلسليءَ تائين اڏامندو مٿان ائين ٻوليندو هليو جيئن کيس چٽرون ڪندو هجي.

روم پهتا ته آگسٽس امن جو جشن ملهائي رهيو هيو. قلوپيترا ۽ مارڪ انٽونيءَ کي دفنائي جڏهن اسڪندريا کان موٽيو هيو ته روم سونن سڪن هيٺان دٻجي چڪو هيو. دولت ۽ امن جي ڏينهن ۾ شهوت پروان چڙهندي آهي. هڪ نئون روم وجود

## اعلان

آگسٽ جي سوجهرو ۾ نثر، نظم ۽ تعليم جي شعبي ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پڻ نوجوان قلمڪارن ڊاڪٽر غفور ميمڻ ۽ ڊاڪٽر ادل سومرو جي فن ۽ فڪر بابت ڪارنرس شامل هونديون. دوستن کي گذارش آهي ته جولاءِ 2012 جي پهرين هفتي تائين مضمونن ۽ لاڳاپيل تصويرون اماڻڻ جي مهرباني ڪن.

- ادارو

۾ اچي رهيو هيو. پٿرن تي ڇنسالي ٿي رهي هئي. نعل جي شڪل جهڙا اسٽيڊيم جڙي رهيا هيا. هر فانوس ۾ شراب جا ڏيئا روشن هيا. هو سينٽ پال مٿان اڏامندو پئي آيو جيئن نظر نه ايندڙ ڏاڍي سان سندس آڱر ۾ ٻڌل هجي. اوچتو سينٽ پال جي هٿن مان سندس تند ڇڏائجي وئي. هو ڀٽڪي ويو، پاڻ کي اهڙو غلام سمجهيو جنهن کي روم جي هڪ چوواٽي تي چند ٽڪن عيوض نيلام ڪيو ويو هجي. وارث احتجاج ڪندي چيو.

”مان تاريخ آهيان. تاريخ جو سفر آهيان. تاريخ جي قدمن جي خاڪ ۾ شفا ڳولهيندڙ سنياسي آهيان. منزل ڏور آهي. مونکي ڇڏيو. مان اڪ مان آزاد ٿيل ڳوڙهو آهيان.“

هن جي ڪنهن نه ٻڌي. هو غلام هيو. طاقتور غلام، سندس ڏورا وٺيل ۽ جسم مضبوط هيو، ڪيس سکيا گهر ۾ وڙهڻي جي تربيت ڏني وئي. هو روم جو گليڊئيٽر هيو.

وينس جي جنم ڏهاڙي ڪيس ايمفي ٿيٽر ۾ لاٿو ويو. هن ڏٺو نعل نما اسٽيڊم جي نمايان ڪرسيءَ تي آگسٽس ويٺل هيو. مٿي ڏٺو آسمان رڙين سان ڀريل هيو. رڙيون جن کي وات هيو وات جن ۾ زبانون جنگ ۾ ڪنڊ ڪٽيل جسمن جيان پئي ڏڪيون. سردارن جا ٺهڪ ڏندن جيان نوڪيلا ۽ سخت هيا. هزارين ماڻهن جي هجوم ۾ نظر ڦيرائي ته تجلا ڏيندڙ لباسن ۾ ڪيس هڪ اداس چهرو نظر آيو. هيڊو معصوم چهرو. هن ڏٺو اها عرشنا هئي. هن جي محبوبا. دل جو چين، سندس اکيون بي حد اداس هيون، ڪپڙا ڪفن جهڙا هيا.

نظر عرشنا تي پئي ته بي وسءَ جي احساس ڪان سندس جسم جي هر رڳ ڏڪڻ لڳي. سٺون جوش پرجي آيو. هن عرشنا لئي ڪجهه ڪرڻ پئي چاهيو. ايمفيءَ ۾ هن سامهون شينهن کي لاو ويو. شينهن گجگوڙ ڪئي، پاسي وارا تلوارن جيڏا ڏند ڪڍي الر ڪئي. وارث جوش ۾ ڏڪيو پئي. ناحاصلات جي احساس ڪيس ڇڙڇڙو ڪري ڇڏيو هيو. اهو احساس ته هزارن جي هجوم ۾ سندس بيمار محبوبا مظلوم نظر اچي رهي آهي هن کي شينهن ناسور جهڙو نظر آيو. شينهن عزرائيل جهڙو محسوس ٿيو. وارث جي منهن تي نفرت جا آثار اچي ويا. پوري جسم جي طاقت ٻانهن ۾ اچي وئي. هن تلوار سڌي ڪئي، ان ڪان اڳ جو شينهن حملو ڪري ان جا ٻه ٽڪر ڪري وڌا. هزارين ماڻهن جو هجوم ٻانهون مٿي ڪري پيرن تي بيهي رهيو. تحسين جا نعرا بلند ٿيا. آسمان ۾ ڳجهون گول ڦرڻ لڳيون. هجوم ۾ هن ڏٺو عرشنا جو اداس چهرو ڪٿي ٻه نه هيو. اها موجود نه هئي. هن جي محرومين جو سپنو هئي. چاهت جو سراب هئي.

”هن غلام آڏو طاقتور هابروس کي آندو وڃي.“ آگسٽس مٿان حڪم ڏنو.

وارث گذريل رات قيدخاني ۾ هابروس سان گڏ ماني ڪاڌي هئي. هو هابروس جو هڪ رات جو دوست هيو. ان سان چانڊوڪيءَ جي لڙيل پاڇن تائين ڳالهايو هيو. تاريخ ديوتا فلسفو ۽ نجوم اهي سڀ جيڪي وقت جا موضوع هيا. هابروس جيڪو يونان مان قيد ٿيل غلام هيو. سندس پيشاني هرڪيولس جيان ۽ ڇاتي ايٿينا جي ڪريل برج جهڙي هئي.

ايمفيءَ ۾ هابروس هن سامهون آيو ته وارث دلگير هيو. همت هاري ويٺل هيو. هجوم ۾ ڪٿي ٻه عرشنا نه هئي. سندس اکيون مسلسل ڳولهي رهيون هيون. وائڙو ۽ اجنبي هيو. هن هابروس کي پاڻ اڳيان ديو جيڏو محسوس ڪيو. هو پٽ تي هلندڙ ماڪوڙي ۾ تبديل ٿي ويو. هابروس هن کي للڪاريو.

”موت جي اکين ۾ ڪوبه دشمن ۽ دوست نه هوندو آهي.“ وارث جوش ۾ اچي ويو.

”موت جهڙُ ڪو بزدل نه هوندو آهي.“ هن چيو ”اهو لڪي وار ڪندو آهي.“

وارث تلوار سڌي ڪئي ۽ موت ڪان شڪست کائي ويو.

”بيشڪ موت طاقتور ۽ چالاڪ آهي.“ هن هيٺ ڪرندي چيو. گهاءُ سندس سيني کي پار ڪري پٺيءَ تائين هليو ويو. هابروس هيٺ ڪريل وارث مٿان تلوار جي ڇهنب رکي ۽ ايمفيءَ ۾ ويٺل هجوم ۾ ڏٺو. هر طرف تحسين جا نعرا بلند ٿيا. اتي ويٺلن آڱوٺو مٿي ڪنيو جنهن جو مطلب هيو، ’ان کي نه بخش.‘

هابروس تلوار مٿي ڪري وارث جي سيني ۾ لاهي ڇڏي. وارث کي لڳو جيئن گهاءُ ڏاڍو گرم هجي. دوزخ جهڙو. عرشنا جي ساهن جهڙو. عرشنا جيڪي سندس سيني پرسان ساهه کڻي رهي هئي. بيمار عرشنا جنهن جا سيني تي محسوس ٿيندڙ ساهه تلوار جي گهاءَ جهڙا هيا. (هلندڙ)



## هالار لغاري

# آخري خواهش

داس منڊل ۾ ڇير ڇمڪي
اُجاري اُپ تي آوِج ڪڙڪي
۽ ٻاٽ اوندهه ۾ لاٽ جرڪي
صدين پڇاڙان جو تون اچي وئينءَ
قرار من جي نهار نيڻين
هي نيڻ در در ديار تنهنجي
هٿن ۾ ڪاسا جهلڪ_گدائي
عمر ائين گذري ديار ٿنهنجي
ڪا لال لوئي ڏنيي اسان کي
ڪو ٺهڪ ڪنهن جو ڏنگي اسان کي
سهاڳ راتين ڏهاڳ ڏيندي عمر گذاري
قرار من جي نهار نيڻين
هي نيڻ رستن جي ڌوڙ لويا
نه ڇينپ آهي نه چاپ آهي
نظر جا نيسر وهي هليا هن
قرار من جي نهار نيڻين
هي نيڻ هاڻي لُڙاٽجن ٿا
اُداس منڊل اُداس ٿئي پيو
اُجاري اُپ تي ٿي پئي اُج ڪڙڪي
۽ ٻاٽ اوندهه ٿي نيڻ ڌوهي
صدين پُڇاڙان صديون ڪڙيون هن
اجا ته تو ۾ اکيون اڙيون هن
صدين پُڇاڙان صديون ڪڙيون هن. ■

# وڇايل قبرن جا مدفون...



پرويز



ملڪ جي هڪ وڏي شهر جي بلڪل پوش علائقي ۾، جتي صرف V.V.I.ps خاندانن جو رهائش گاهون هيون، هڪ شاندار ڪوٺيءَ جي وڏي لوهي گيٽ جي پاسي ۾، هڪ ڪشادي عام شاهراهه جي فٽپاٿ جي پرسان هڪ نئين ماڊل جي زيرو ميٽر گاڏي اچي بيٺي. رات جو پهريون پهر هو. بلبن ۽ سيوَرَن جي روشني رات کي ڏينهن ڏيکاري رهي هئي. اها شاندار ڪوٺي پنهنجي شاندار اڏاوت ۽ سجاوٽ جي ڪري به ۽ اُن جي ڪمپائونڊ وال جي ٻاهران ۽ اندر آرائشي وڻن، گلن ۽ ٻوٽن جي ڪيارين، ڊاڪا گراس جي ٻارين وچان ٺهيل پاٿن جي ٻنهي پاسن کان ٽڙيل مختلف رنگن جي گلاب جي گلن جي ڪونڊين جي قطارن جي ڪري ڪنهن شاهي محل سان مشابهت ڪري رهي هئي.

گاڏيءَ جون هيڊلائٽس بند ٿيون. انجڻ بند ٿي. ڊرائيور گيٽ کوليو ۽ هڪڙو بنهه عمدي پوشاڪ پهريل سهڻو، ڳڀرو ۽ جاذب نظر نوجوان هيٺ لٿو. هن گاڏي لاڪ ڪئي ۽ وڏي گيٽ ڏانهن اچا به ٿي قدم ئي مس کنيائين ته ننڍي گيٽ جي اندرئين پاسي بيٺل زورائتو مڙس سٽ ڏيئي ٻاهر نڪتو. نوجوان گيٽ کي ويجهو پهچي چڪو هو. اُن همراهه کان پڇيائين، "لال جان اندر موجود آهي."

"آهو جي آهو... هن وقت ڏنڊي جو ٽائيم آهي. هن ويلي ڪيڏانهن وڃي سگهي ٿي. تُسي آؤ جي بسم الله... بسم الله...!" اُن زورائتي مڙس وڏي طمطراق سان آيل نوجوان جي مرحبا ڪئي ۽ ڪيس وٺي وڃي لال جان جي لاءِ مخصوص ٺيل ڊيڪوريٽيڊ ۽ ويل فرنشڊ ڪمري ۾ پهچايائين. اندر داخل ٿيڻ سان ئي ٿلهي شيشي وارو سائونڊ پروف آٽوميٽڪ دروازو خود بخود بند ٿي ويو. لال جان صوفي تان اٿي اڳيان وڌي ۽ "جي آيا نون، جي آيا نون..." چوندي خوش اخلاقيءَ سان آيل جي آجيان ڪندي ڪيس وٺي آٽي پاڻ سان گڏ صوفي تي ويهاريائين. منهن تي ڪاروباري مرڪ سجائي، قربان قربان ٿيڻ جي اداڪاري ڪندي ڪانئس سندس خير خيريت پڇڻ لڳي. "ڪهڙا حال اٿئي، هن ڀيري اچڻ ۾ گهڻو وقفو ڪونه ٿي ويو آهي؟"

"ها، ايئن برابر آهي لالي. آئون ڪاروباري ٽوئر سانگي اسٽيٽس (آمريڪا) ويل هوس. ان ڪري حاضري ڀرڻ ۾ ڏينهن لڳي ويا آهن. نه ته هونئن، هيءَ در به ڪو وسارڻ جهڙو آهي ڇا!" علي مصطفيٰ غرور سان مرڪندي چيو.

"اها اوهان جي ڪرم نوازي آهي، جو ايتري اهميت ڏيو ٿا. هونئن به اسين ويٺا ئي اوهان جهڙن قدردانن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ آهيون. اوهان خوش ته اسان خوش."

"لالي، ماڻهو جو چون ٿا ته وقت ماڻهوءَ کي پوڙهو ڪري ٿو ڇڏي، سو شايد هاڻي ايئن ڪونه ٿو ٿئي، نه!" علي مصطفيٰ لال جان جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

"وري ڇا ٿيو علي، ڪير پوڙهو ٿي ويو؟" لال جان ڳالهه لنوائيندي ماڻو ڪيو.

"آئون جڏهن کان هتي ايندو رهيو آهيان، مون ته هر واري توکي وڌيڪ ڪيُوٽ ۽ وڌيڪ سمارٽ ٿيندو پئي ڏٺو آهي. ڇا ڪائيندي آهين لالي. اهڙو ڪو سدا بهار نسخو هجي ته اسان کي ڏس. اڄ ته تون واهه جي پئي وڻين..." علي مصطفيٰ جي مُرڪ هلڪڙي کِل ۾ بدلجندي ويئي.

"اوئے چھڈو جی... کوئی نسخہ و سخہ نائیں ھوندا" بس هڪڙو ئي سدا حيات نسخو هيءُ آهي ته ٻين کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ پاڻ به خوش رهو... پوءِ توهان ڪڏهن به پوڙها نه ٿيندا. اسين به ايئن ڪندا آهيون. اوهان جهڙن کي خوشيون مهيا ڪندا آهيون ته اسين پاڻ به خوش ٿي ويندا آهيون. ۽ اها حقيقت ته ٻڌي هوندءِ ته خوشيءَ جهڙي ٻي ڪا خوراڪ ڪانهي هوندي." لال جان ڏاڍي دلربائيءَ سان ۽ ڪاروباري مهارت جا داءَ و پيچ هلائيندي چيو.

"تنهنجو مقصد آهي ته آئون به تو وانگر ههڙي ڪنهن ڪوٺيءَ جو بندوبست ڪريان ڇا؟" نوجوان وڏو ٺهڪ ڏيئي لال جان سان تاڙي ملائيندي چيو.

"اوئي نانا... منهنجو اهو مقصد ڪونه هو. (ڪلندي...) ان زناني ڌنڌي لاءِ اسان ئي ڪافي آهيون. اوهان ڪو اهڙو مردن وارو ڪارنامو

سرانجام ڏيو جو راڄ خوش ٿين، لوڪ واهه واهه ڪري ۽ اوهان به خوش ٿي وڃو. خير، اوهان ٻڌايو چا وٺندؤ، ٿڌو، گرم... يا آبِ حيات. رڳو حڪم ڪريو.“

”نه آب حيات اڄ نه. اڄ مون کي رڳو ٿڌو پيار ۽ البم ڏيکار. ڪو نئون پکي به ڦاسايو اٿئي يا رڳو اڳوٽين بدڪن تي آرو ڪريو ويٺي آهين؟“

”حکم کرو جی سھنیا۔۔۔ تہاڈے واسطے ایک بہشتی حور پھڑ کے لائی ہوں۔“ ڏسندين ته خوش ٿي ويندين. هونئن به اسانجو ڪم اهوئي ته هوندو آهي ته اسين آيلن کي سندن گهرن کان به وڌيڪ خوشيون مهيا ڪريون. ۽ جي ايئن نه ڪنداسين ته پنهنجا گهر ڇڏي اسان ڏانهن ڪير ايندو... هون!“ ايئن چئي لال جان صوفي تان اٿي ۽ ٽيبل جي خاني مان هڪ البم ڪڍي آٽي نوجوان جي هٿ ۾ ڏيندي چيائين، ”نمبر 11 کي غور سان ڏسجانءِ.“

”ها، ايئن ته آهي. جي رڳو اڪيون پوري سيڪس رُڪئاير مينٽ پوري ڪرٽي هجي ته پوءِ گهر ڇڏي هتي ڇو اچجي؟“ نوجوان چيو ۽ البم کولي هر هڪ تصوير کي غور سان ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ هڪڙي بنهه مختصير لباس پهريل ٻارنهن تيرنهن سالن جي انتهائي خوبصورت ڇوڪري، جنهن جي سُورج هاڻ پئي شاخون ڪڍيون، سافٽ ڊرنگ جي ليمائي رنگ جي پاٽيات هڪ اعليٰ ڪوالٽيءَ جي گلاس ۾ شيشي جي ٽري ۾ رکي ڪٽي آئي ۽ آٽي نوجوان جي اڳيان پيل ٽيبل تي رکيائين ۽ پاڻ هلي ويئي. نوجوان البم تان ڏيان هٽائي اُن انتهائي حسين، معصوم ۽ ڪِيُوٽ ڇوڪريءَ جي بنهه مختصر لباس مان پينڊ پٽائيندڙ ڳوري ڳوري جسم جو انگ انگ ڏسڻ لڳو. ۽ جڏهن ڇوڪري ٻاهر هلي ويئي، تڏهن لال جان کي چيائين، ”يلا هِن آبِ حيات مان ڪڏهن ٿي ڍُڪ پرائين. هن گل جي تَه خوشبوءَ ئي نرالي آهي.“

”اوئے جھڈو جی۔۔۔اے تو بچی اے ہن تک۔۔۔ تُسی البم ویکھو جی۔۔۔!“

”خبر ناهي ته ڪڏهن وڏي ٿيندي ۽ ٽيستائين اسانجو الاجي ڪهڙو حال ٿيندو.“ علي مصطفيٰ ڪلندي چيو ۽ وري البم ڏسڻ ۾ مشغول ٿي ويو. ۽ پوءِ 11 نمبر واري تصوير کي مختلف زاوين کان ڦيرائي گهيرائي ڏسڻ لڳو. ڪجهه دير تائين هو تصوير ۾ گم ٿي ويو. لال جان ڏاڍي چالاڪيءَ سان بي خبر ٻٽي، ڏاڍي غور سان عليءَ جي چهري جي ايرندڙ مختلف ڀاوَنائن کي ڏسي رهي هئي. جيڏي مهل ڏٺائين ته علي تصوير جي سحر ۾ بنهه ٻڌي ويو آهي، تڏهن هلڪي ڪنگهڪار ڪري چيائين: ”ڪٿي گم ٿي ويؤ. ڪيئن لڳي 11 نمبر؟ آهي نه بهشت جي حور.“

علي مصطفيٰ تصوير جي سحر مان ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. پنهنجي وائڙپ لڪائيندي چيائين، ”واقعي لالي، تنهنجي انتخاب کي داد ڏيڻو پوندو. پر هيءَ نيز ڳي (روهاڪي پکيءَ جو هڪ قسم) هٿ ڪٿان ڪئي اٿئي؟“

”یہ تسی پولیس والا کدی سے بنیاے؟“ تون ميوو چڱي ڏس ۽ ڏس ته ذائقي ۾ شيريني ڪيتري اٿس. باقي ڪهڙي باغ جو ميوو آهي، تنهن سان تنهنجو ڇا؟ اسان وٽ ته نه رڳو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا وڙ اچن ٿا، پر ڪڏهن ڪڏهن ته ٻين ملڪن جون جنسون به اچي نڪرنديون آهن.“ لال جان شوخيءَ سان علي مصطفيٰ جي منهن ۾ نهاريندي مرڪندي چيو.

”ها، ايئن ته آهي.“ ايئن چئي علي مصطفيٰ ٻيهر تصوير کي ڏسڻ لڳو. هو تصوير جي چهري تي ڇانيل حيرت زده معصوميت ۾ گم ٿي ويو.

”ڇا پيو سوچين؟“ لال جان وري عليءَ کي سجاڳ ڪيو.

لالي، ڪيس وٺي 11 نمبر ڪمري ۾ آئي. ”پکراج، علي مصطفيٰ اسانجو وڏو قدردان آهي. هن جي پارت اٿئي. اُهي سموريون خوشيون ڏجانس جيڪي هو چاهي ٿو.“ ايئن چئي لال جان هلي ويئي. پکراج، جيڪا بيڊ تي وهاٽي کي ٽيڪ ڏيئي، سلو آواز ۾ هلندڙ ٽي.وي ڏسي رهي هئي، تنهن اٿي اندران دروازو بند ڪيو ۽ موٽي اچي عليءَ وٽ ويٺي. هڪ اُچاٽري نگاهه علي مصطفيٰ تي وڌائين، جيڪو لاڳيتو ڪيس ڏسي رهيو هو ۽ چيائينس، ”اچو، ويهو.“

پر علي بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي مسلسل ڪيس تَڪي رهيو هو.

”اوهان ويهو ڇو نٿا، بيٺا ڇو آهيو؟“

”ويهڻ لاءِ سڄي رات پيئي آهي. في الحال مون کي ڏسڻ ڏي.“

”ڇا ٿا ڏسڻ چاهيو؟“

”اهو ئي ته تنهنجي اداس اکين جي صحرائن ۾ منهنجي ٿاڪ لاءِ ڪنهن ڪَنڊيءَ جو ڇانورو به آهي يا نه!“

”اهو ته ويهي به ڏسي سگهجي ٿو. پوءِ بيٺا ڇو آهيو؟“

”ڪٿي ويهان؟“

”صوفا تي ويهو يا بيڊ تي ويهو. جتي اوهان جي دل چاهي.“ پکراج اطمينان سان چيو.

”اجا ڪا ٻي جڳهه، جتي ويهي سگهجي!؟“ عليءَ پڇيو.

”اسانجي اکين ۾ تي ويهو. اسان جي پاڪرن ۾ تي ويهو. جيڪا اوهان جي مرضي.“ پکراج خالص ڪاروباري انداز اختيار ڪيو.

”تنهنجي دل ۾ اسان لاءِ ڪيتري جاءِ آهي؟“

”صبح تائين دل سميت منهنجو سمورو وجود اوهان جي ملڪيت آهي. اوهان جتي چاهيو ويهي سگهو ٿا.“ طنز، پکراج جي لپ اسٽڪ ڪيل چپن تي هنيوچيون هڻڻ لڳي.

”گهٽي ڏکويل ٿي ڏسجين؟“ عليءَ همدردي جتائي.

”هن جاءِ تي خوشيءَ سان يا خوش رهڻ لاءِ ڪير به ڪونه ايندو آهي.“ پکراج لاپرواهيءَ سان چيو.

”ڪٿي جي آهين؟“

”مون ماضي وساري ڇڏيو آهي. هاٽي... حال هڪيو... هيءُ ئي منهنجو ٿاڪ ۽ ٺڪاڻو آهي.“

”لڳي ٿو حالتن جي ستم ظريفن توکي مايوس بڻائي ڇڏيو آهي. پر ماڻهوءَ کي زندگيءَ جي ڪنهن به ڏاکي تي اميد جو دامن نه ڇڏڻ گهرجي. حالتون ڪيڏي مهل به ڦري سگهن ٿيون.“ عليءَ پکراج جي همت وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”پر اوهان ان پاسي ڇو ٿا سوچيو. اوهان پنهنجي تمنا ۽ خواهش جي تڪميل ڪيو. وڏا ڪشالا ڪڍي هتي پهتا آهيو. واپسي جو به اونو اٿوَ، ايئن اجاين ڳالهين ۾ وقت ضايع نه ڪيو.“

”هن طرح تنهنجي اکين ۾ نهارڻ سان ملهه مهانگن سپرين جو هڪڙو سريلو گفتو ته ڇا ڳل جي تِر تي عاشقن الائي ڇا ڇا نثار ڪيو آهي؟“

”هتي ڪڏهن اچڻ ٿيو؟“

”مون کي هتي اڄ 15هون ڏينهن آهي.“ پکراج بنا ڪو تاثر ظاهر ڪندي چيو.

”پکراج نالو تنهنجو مائٽاڻو نالو آهي يا هن دنيا جو؟ نالو ته ڏاڍو پلو آهي.“

”مون پهرين عرض ڪيو ته مون پنهنجو ماضي وساري ڇڏيو آهي. هونئن به نالن جي پلارن هجڻ سان ماڻهوءَ جا نصيب ته پلارا نٿا ٿين. پوءِ نالو پلو يا ٺلهو هجڻ سان ڪهڙو ٿو فرق پوي.“

”ايئن به ڪونهي. نالن جو ماڻهوءَ جي شخصيت تي وڏو اثر پوي ٿو.“

”اهوئي اثر پيو آهي نه، جو پکراج ۽ علي مصطفيٰ جهڙن پلارن نالن جي باوجود اسان ٻئي مال ۽ خريدار جي حيثيت ۾ چڪلي ۾ موجود آهيون!! هون پلارا نالا!“ پکراج چپن تي زهريلي طنز جو ڊوڪراٽو ڪيڏڻ لڳي ۽ علي گهوماٽجي ويو. ڪي پل، ڪي ساعتون هو پکراج جي اکين ۾ نهاريندو رهيو.

”ته چئبو ته اها ڳالهه آهي.“ عليءَ ڏڪ پچائي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ لاڳيتو پکراج جي اکين ۾ نهاريندو ئي رهيو. نهاريندو ئي رهيو.

”ڇا ٿا ڏسو؟ اچو ويهو نه.“ پکراج چيو.

”تنهنجي اکين جي آستانن ۾ اهي اسباب ڳولڻ ٿو چاهيان، جيڪي توکي هتي پهچائڻ جو باعث بڻيا آهن. جن تنهنجي ڪومل ۽ مٺاس ڀريئي لهجي

۾ تلخ طنز جو زهر پري ڇڏيو آهي.“ عليءَ چيو.

”اهي اسباب، اتي توکي نظر ڪونه ايندا، ڇوته مون اهي اسباب اجا اکين ۾ سجايا ئي ڪونه هئا. تنهن کان اڳ ۾ ئي مون اهي دفن ڪري ڇڏيا هئا. هاڻي ته اها قبر ئي ڊهي ويئي آهي ۽ قبر تي لڳل ڪتبي جو به نالو نشان ڪونه رهيو آحي. تنهن ڪري اوهان پريشان نه ٿيو.“

”پر ڇون ٿا ته ڳولڻ سان الله به ملي وڃي ٿو.“

”ها، ٻڌو مون به آهي ته الله ماڻهوءَ جي شهه رڳ کان به ويجهو هوندو آهي. پر مون کي ته ڪٿي به نظر ڪونه آيو. تڏهن به جڏهن خيبر پختون خواهه جا ماڻهو ٻوڏ جو پاڻي لوڙهي ڪٽي وڃي رهيو هو. جڏهن پنجاب سيلاب جي ور چڙهيل هو. جڏهن سموري سنڌ ٻڏي رهي هئي. مون کي الله ڪٿي به نظر ڪونه آيو. تڏهن، جڏهن آئون به سمورن گهرياتين سميت پاڻيءَ جي زبردست ريلي جي ور چڙهي ويئي هيس. پاڻ کان سواءِ باقي ٻن ننڍي پيٽن، هڪ جوان ياءُ، امان ۽ بابا جي ڪابه خبر پئجي ڪانه سگهي ته ڪهڙي جهان ۾ آهن. مون کي پنهنجي خبر به تڏهن پئي جڏهن پاڻيءَ جي انهيءَ زبردست ريلي مون کي خيبرپختون خواهه مان ڪٽي اچي پنجاب جي هڪ بستيءَ جي پرسان ڇڏيو. جتي ”پنجابي پائرن“ منهنجي جان ته بچائي ورتي. پر پوءِ منهنجي مالڪيءَ تان منجهن جهيڙو ٿي پيو. هو چوي ته آئون ڪڍان، هي چوي ته آئون ڪڍان، تان جو همراهه پاڻ ۾ وڙهي پيا. چڱي مڙس جهيڙو ٽارڻ خاطر، جهيڙي جي جڙ کي (مون کي) هڪ عورتن جي سوداگر جي حوالي ڪري ڇڏيو. پوءِ ڪيترن ئي عورتن جي واڙن تان ٿيندي ٿيندي هتي اچي پهتي آهيان. ان وچ ۾ ان ڊگهي عرصي دوران، الله جيڪو ماڻهوءَ جي شهه رڳ کان به ويجهو هوندو آهي، تنهن منهنجي هڪڙي دانهن به ڪانه ٻڌي. اُن سموري عرصي دوران جيڪي مون دانهون ڪوڪون ڪيون، جيڪي مون آزيون نيزاريون ڪيون، جيڪي مون رب کي ٻاڏايو، جيڪي مون سائين کي سڏڙا ڪيا، سي جيڪڏهن پٿر اڳيان ويهي ڪجن ها ته اهو به پگهرجي پاڻي ٿي وڃي ها. پر الله منهنجي هڪ به ڪانه ٻڌي. مون کي ڪٿي به ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. حالانڪ اسانجو سڄو ڪٽنب روزي ۽ نماز جو پابند هو. مون الله جي ڏاڍي ڳولا ڪئي پر مون کي ڪٿي به ملي نه سگهيو. شايد منهنجي ”نيت سچي“ ڪانه هئي. يا شايد منهنجي نصيب ۾ اهوئي ڪجهه لکيو ويو هو. سو اوهان پلي ڳوليو. ٿي سگهي ٿو ته اوهان کي الله ملي به وڃي. باقي وچايل قبرن جا مدفون ڪڏهن به ملي ڪونه سگهندا آهن.“ اشڪن جو عربي سمنڊ پڪراج جي اکين ۾ اُپَ سان ملندڙ ڇوليون هڻي رهيو هو. سنڌوءَ جي ڇاڙن وانگر لڙڪن جون لارون سندس ڳاڙهن صوفن جهڙين مِٽن تي ڳڙڻ لڳيون هيون. پر پوءِ هڪدم هن پاڻ کي سنڀالي ورتو. ليڪن جيستائين هُن پاڻ سنڀاليو، تيستائين هوءَ علي مصطفيٰ کي اهو سڀ ڪجهه ٻڌائي چڪي هئي، جيڪو پاڻ ٻڌائڻ نٿي چاهيائين ۽ جيڪو عليءَ ٻڌڻ ٿي چاهيو. خبر ناهي ڪهڙي جذبي تحت هو نه چاهيندي به پنهنجو اندر اوري ويٺي هئي. علي مصطفيٰ اچرج مان، حيران ٿيندي، خاموشيءَ سان پڪراج جي مختصر درد ڪٿا ٻڌي ۽ هڪ ڊگهو ٿڌو شوڪارو ڀري ڪنڌ ڦيري ديوار تي لڳل تصوير کي ڏسڻ لڳو. هو جذبات کان وهلورجي ويو هو. هو پنهنجن جهڄندڙ جذبن کي هٿيڪو ڪرڻ لاءِ، وقت جي وِٿي حاصل ڪرڻ خاطر تصوير کي تڪيندو ئي رهيو، جنهن ۾ هڪڙي ٻڪايل شينهڻ، اجايل هرڻيءَ کي پاڻيءَ جي ڍُٻي مان پاڻي پيئڻ لاءِ ايندي ڦري آئي هئي. موت جي خوف ۽ حراس کان هرڻيءَ جون اکيون ڦاٽل هيون ۽ هوءَ وڏا وڏا ڇال ڀري پاڻ بچائڻ جا جتن ڪري رهي هئي.

جڏهن علي مصطفيٰ پنهنجي وهلورجي ويندڙ جذبات تي قابو پاتو، تڏهن ٻيهر پڪراج جي اکين سان اکيون ملائي لاڳيتو تڪڻ لڳو. هڪڙو ڀيرو وري به پڪراج کيس ياد ڏياريو، ”اوهان ويهو نه، بيٺا ڇو آهيو. ڇا آئون ايتري لائق به نه آهيان جو منهنجي استدعا قبول پوي.“ پڪراج وري به ڪاروباري انداز اختيار ڪيو.

علي مصطفيٰ ٻه قدم وڌي اچي پڪراج جي پرسان بيٺو. هُوءَ بيڊ تي ٽنگيون هيٺ لاڙي ويٺي هئي. فرش تي قالين وڇايل هو. ڳاڙهي رنگ جي غاليچي تي ديده زيب وٽڪاري اُٽيل هئي. علي پڪراج جي لڙڪندڙ پيرن وٽ گوڏا پيچي ويهي رهيو. پڪراج تڙپي پيئي. ٽپ ڏيئي اٿي بيٺي ۽ عليءَ جي هٿن ۾ هٿ وجهي کيس اٿارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ۽ چوندي رهي، ”هي اوهان ڇا ٿا ڪريو؟ هي اوهان ڇا پيا ڪريو؟ ايئن ڪو ٿيندو آهي؟ ايتري بي ادبي مون کان نه ڪرايو. ڇا مون کان ڪا خطا ٿي آهي؟ اوهان هيئن فرش تي ڇو ٿا ويهو؟ فرش تي ويهڻ، اوهان جي پيرن جي خاڪ چمڻ ته اسان جو ڪم آهي. اوهان ڇو ٿا ايئن ڪريو؟ جيڪڏهن لال جان کي خبر پئجي ويئي ته منهنجا لاءِ جيئڻ مشڪل ٿي پوندو. اوهان منهنجي جيئڻ کي ڇو ٿا مشڪل بنايو؟“

”تون فڪر نه ڪر پڪراج، تون ڪا ڳڻتي نه ڪر لال جان پنهنجي ’مزوري‘ وٺي چڪي آهي. صبح تائين اسان کي ڪير به ڊسٽرب ڪونه ڪندو. تنهن ڪري تون لال جان جو ڪو الڪو نه ڪر.“

”پر به هيئن نيڪ ڪٿي ٿو لڳي ته اوهان هيٺ فرش تي ويهو ۽ آئون مٿي بيڊ تي.“ پڪراج فڪرمند ٿيندي چيو.

”اها منهنجي خواهش آهي. تون مٿي ويهين ۽ مان هيٺ ويهي تنهنجي پوڄا ڪريان. تون محبت جي ديوي آهي. تون حسن جي ديوي آهين. تون مون کي رڳو اجازت ڏي ته مان صبح تائين تنهنجي چرنن ۾ ويهي تنهنجي پوڄا ڪندو رهان. تنهنجي اکين مان پريت جا پيالا ڀري پي پنهنجي پياس اُجهائيندو رهان... تنهنجي... تنهنجي...“

”علي مصطفيٰ صاحب، آئون مارڪيٽ جي وکر ويڪاءُ مال آهيان. ۽ ويڪاءُ مال به اهو، جنهن کي پنهنجو مُلهه ڪٿڻ جو به اختيار ڪونهي. منهنجي قيمت ڪٿڻ ۽ وصول ڪرڻ به منهنجي وس ۾ ڪونهي. مون کي اها به پڪ ڪانهي ته سڀاڻي آئون هتي هونديس يا ڪنهن ٻئي عورتن جي سوداگر وٽ وڪجي وينديس. اوهان فضيلت ڀريا ماڻهو آهيو. هرو ڀرو رُڃَ جي پويان ڊوڙڻ مان ڪهڙو فائدو؟“

”پريل مَٽَ مان ته هرڪو اُڃ اُجهائي ٿو. پر خالي گهڙي مان سالن جي پياس پوري ڪرڻ جهڙي ديوانگي تو ڪڏهن به ڪانه ٻڌي هوندي. ماڻهو ته پيٽ گذر لاءِ هڪ پورهيت جي هٿن سان تراشيل پٿر جي مورتيءَ کي به خدا جو مقدس درجو ڏيئي پنهنجي سموري زندگي ان جي خوشنوديءَ لاءِ گذاري ڇڏيندا آهن. تون ته وري به هڪ ساهه کڻندڙ جيئرو ۽ سمجهه ۽ ساڃاهه رکندڙ انسان آهين ۽ ڇون ٿا ته ماڻهوءَ ۾ سَوَ گڻ هوندا آهن. جيڪڏهن تنهنجي پرستش ۽ پوڄا سان منهنجي ماندي من کي ڪي گهڙيون سڪون نصيب ٿئي ٿو ته منهنجي خيال ۾ توکي ڪو اعتراض نه ٿيڻ گهرجي.“

”مون پهرين به عرض ڪيو ته ويڪائو مال جي وس ۾ ڪجهه به ڪونه هوندو آهي. چڪايل قيمت واري عرصي دوران ته اسين گراهڪ جي ڊسپوزل تي هوندا آهيون. سو اوهان جيئن چاهيو، پنهنجو وقت پورو ڪري سگهو ٿا. مون ته رڳو اهو عرض ٿي ڪيو ته اوهان رُڃَ جي پٺيان وقت وڃائڻ بدران هيءَ حقيقت قبول ڪريو ته آئون هڪ ڪوٺي تي ويٺل رنڊي آهيان ۽ هن مردن جي معاشري ۾ رنڊيءَ کي استعمال ته ڪري سگهجي ٿو، پر پاڻ سان گڏ ويهاري نٿو سگهجي. ڇوته رنڊيءَ کي استعمال ڪرڻ وارو مرد ته وري به معتبر هوندو آهي ۽ رنڊي صرف رنڊي رهجي ويندي آهي. مرد جي انهيءَ ڪُڌي ڪرتوت کي مردانگي، معتبري، عياشي ۽ وقت جي وندر جهڙا خوبصورت لحاف اوڙهي صاف سٿرو ۽ اڇو اجرو مڃيو ويندو آهي. باقي رهي عورت، تنهن کي بدڪردار، جسم فروش، وئشيا، ڪال گرل، چالو مال، رنڊي، ڇڪلائڻ ۽ الاجي ڇا جو ڇا، ۽ الاجي ڪهڙن ڪهڙن لقبن ۽ نالن سان نوازيو وڃي ٿو ۽ سندس جاءِ فقط غلاظت جي ڍير تي هوندي آهي. تنهن ڪري اوهان

جنهن مقصد لاءِ هتي آيا آهيو ۽ جنهن ڪارج لاءِ پيمينٽ ڪئي اٿوَ، اهو مقصد ماٺيو باقي اسان جهڙين کي اسان جي حال تي ڇڏي ڏيو.“

”تو ۾ ڪنهن کي قائل ڪرڻ جي وڏي صلاحيت موجود آهي. تو ۾ پٽر کي رِجائي پاڻي ڪرڻ جي به خاص صلاحيت آهي. پوءِ به تون ڪنهن درد رڪندڙ دل واري مرد کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪري سندس سهارو ڇونه حاصل ڪري سگهين آهين؟ مون کي حيرت آهي.“

”هينئر مون کي ڪير رنڊي چوندو ته مون کي ڪاوڙ ڪانه ٿيندي. ڇوته هينئر آئون آهيان. پر هتان وڃڻ کان پوءِ به مون کي ڪنهن رنڊي چيو ته اهو طعنو آئون سهي ڪانه سگهنديس. تنهن ڪري آئون اهڙو عمل ڪرڻ ئي نٿي چاهيان، جيڪو بعد ۾ آئون برداشت ڪري نه سگهان.“

”منهنجي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟“

”ڪهڙي حوالي سان؟“

”جيڪڏهن مان تنهنجو خادم ٿي رهڻ چاهيان ته؟“

”آئون اوهان کي پنهنجي اُن گراهڪ جي حيثيت ۾ ٿي ڏسان، جيڪو مون وٽ پهريون ڀيرو آيو آهي. ۽ پهريون ڀيرو ايندڙ هر شخص وڏيون وڏيون دعوائون ڪندو آهي. سو منهنجي لاءِ اها نئين ڳالهه ڪانهي.“ پڪراج ڏاڍي چيندڙ لهجي ۾ چيو.

”تون بلڪل صحيح ٿي چوين. تنهنجي اها بيباڪي ۽ صاف گوئي مون کي ڏاڍي وڻي.“

”اسان کي صاف گو ۽ بيباڪ ان ڪري به ٿيڻو ٿو پوي جو اسان جي دل مان عزت ۽ ذلت وارو ڊپ نڪري چڪو آهي. اسين انساني غلاظت ۽ پستيءَ جي انتهائي هيٺين لڪير تي پهتل آهيون. ان کان وڌيڪ اسان کي ڪير ٻيو ڪري به ڇا ٿو سگهجي؟ جنهن جو ڊپ ٿئي. باقي رهيو موت، سو ته هونئن به هڪڙي ڏينهن اچڻو آهي. پوءِ ڊپ ڇا جو؟“

”جن جن ماڻهن توکي زندگيءَ جي هِنَ موڙ تي آڻي پهچايو آهي، تن سان حساب چڪائڻ جي دعويٰ ڪرڻ ته فضول آهي. باقي هڪڙو توسان مڙساڻو وعدو ٿو ڪريان ته جيڪڏهن تون مان سان گڏ رهڻ چاهين ته مان اُهي سمورا زخم ڇيڻڻ جي انتهائي ڪوشش ڪندس. جيڪي هيستائين توکي مختلف مردن پهچايا آهن. جيئن تو پنهنجو ماضي وساري ڇڏيو آهي، تيئن مان به تنهنجو ماضي وساري توکي گلاب جي پتين تي ڪريل صاف شفاف ماڪ ڦڙن جهڙو مان ڏيندس. سڄي عمر تنهنجي غلاميءَ ۾ گذاري ڇڏيندس. مان تنهنجي خدمت کي عبادت جو درجو ڏيئي تنهنجي پوڄا ڪندس... مان... مان...!“

”پر آئون ان لائق ناهيان.“

”ڇو؟“

”آئون تنهنجو ساٿ نڀائي ڪانه سگهنديس.“

”پر به ڇو ته سهي؟“

”اوهان کي منهنجو مشورو آهي ۽ اوهان لاءِ بهتر به ايئن آهي ته اوهان هن جاءِ تي رڳو دل وندرائڻ ئي ايندا ڪريو. هيءَ بيوفائين جي بازار آهي. هتي وفائن جي اميد رکڻ، پاڻ ئي پاڻ کي اذيتون پهچائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي. ڏنڌوڙي ماڻهن جو خدا پئسو هوندو آهي. اُهي وفائن جي ڄار ۾ ڪونه ڦاسندا آهن. پر اُهي ٻين کي دوکي جي ڄار ۾ ڦاسائي ڪين ڪنگلو ڪرڻ ڪانپوءِ اکيون ڦيري اڻ سڃاڻو ٿي پوندا آهن. ۽ ڪِريل ماڻهوءَ کي وري اٿڻ ۾ وقت درڪار هوندو آهي.“

”پر سڀ آگريون سرکيون ڪونهن. هتي جا به سڀ ماڻهو هڪجهڙا ڪونهن. پر ڪونه ٿا وڃون. تون پاڻ کي ئي ڏس. مون هتي هيستائين ٻين کان ڪڏهن به اهڙيون ڳالهيون ڪونه ٻڌيون آهن، جهڙيون اڄ تون پئي ڪرين. تون اڃي اجري آهي. تون وفا جو پيڪر آهين. تون پيار جو مجسمو آهين. تون عشق جي امام آهين. تون... تون... تون، هينئر جيڪا تون آهين، سا تون، تون ڪانه آهين. ۽ جيڪا تون هينئر آهين، تنهن سان نه، پر جيڪا تون هينئر ڪانه آهين، تُنهن تونءَ سان مان کي محبت ٿي ويئي آهي. مان اُن تونءَ کي پنهنجي دل جي انتهائي ڳجهن خانن ۾ لڪائي ويهارڻ چاهيان ٿو. جتي ان کي ٻيو ڪير به ڏسي نه سگهي. جتي صرف مان اُن جي حضور ۾ رڳو پنج وقت نه، پر هر وقت عشق جا سجدا ڪرڻ چاهيان ٿو. جتي ٻيو ڪير به نه هجي. رڳو تون هجين ۽ مان هجان. جتي خدا جي ٻيءَ خدائي جي به ضرورت نه هجي. جتي رڳو تنهنجي عشق جو ڇانورو هجي ۽ مان محبت جي مٽيءَ ۾، پيار جي پاڻيءَ سان عشق جا ٻوٽا پوکيندو هجان، جيڪي عشق جا گل جهلين، جيڪي عشق جي سرهاڻ ڦهلائين، جيڪي عشق جا فصل ڏين... پڪراج... پڪراج مان مڃان ٿو ته توکي هن اسٽيج تي آڻڻ ۾ مردن جو ئي ڪردار آهي... پر ... پر... هڪڙو ڀيرو مون تي اعتبار ڪري ڏس. مون تي ڀروسو ڪري ڏس.“

”اوهان وڏي هام ته هڻو پيا، پر آئون اُن نوجوان حسن پرست ۽ هوس پرست مرد تي اعتبار ڪيئن ڪريان جو هن ڪوٺي جو مستقل گراهڪ آهي. جنهن جي قدردانيءَ جي واڪاڻ لال جان ڪري ٿي ۽ خاص پارٽ ڪري ٿي. ڪهڙي خبر اوهان سياڻي ڪنهن ٻيءَ جي ڳالهين جي حسين ڄار ۾ ڦاسي، ان کي عشق جا سجدا ڪرڻ شروع ڪري ڏيو، جيئن اڄ منهنجي ڳالهين جي ڄار ۾ ڦاسڻ جو ڏيکاءَ پيا ڏيو! ڪهڙي خبر ته هن کان اڳ ۾ به ٻين ڪيترين کي اهڙا سهڻا خواب ڏيکاري چڪا هجو! اوهان جي اڄ مون سان پهرين ملاقات آهي ۽ پهرين ملاقات ۾ ئي اوهان زمان ۽ مڪان جون اهي سموريون سرحدون اورانگهي ويا آهيو، جن تائين پهچڻ لاءِ ماڻهن جون عمريون ڳري ويندون آهن. اوهان پاڻ ٻڌايو، جيڪڏهن اوهان جي جاءِ تي آئون هجان ۽ منهنجي جاءِ تي اوهان، ته ڇا اوهان پهرين ملاقات ۾ اهي سمورا خدشا، ڊپ، خوف ۽ دوکي جون ديوارون پار ڪري وڃو ها، جن جي اوهان مون مان تقاضا ڪري رهيا آهيو؟“

”پڪراج، پڪراج. تنهنجي انهيءَ سوال جو مون وٽ ڪو به جواب ڪونهي. مان تو وٽ وري ايندس ۽ وري وري ڀيو ايندس. ۽ تيستائين ڀيو ايندس، جيستائين منهنجي وفا ۾ توکي يقين اچي، تيستائين ڀيو ايندس.“ پوءِ علي مصطفيٰ باقي وقت هيٺ غاليچي تي ئي گوڏا ڀچي پڪراج جي سامهون ويهي سندس اکين ۾ ته ڪڏهن منهن ۾ نهاريندو رهيو... نهاريندو رهيو ۽ پڪراج به عليءَ جو لحاظ ڪري هيٺ غاليچي تي ئي ويهي رهي.

ٻئي ڏينهن ساجهر ئي علي مصطفيٰ لال جان جي ڪوٺي تي پهچي ڪمري نمبر 11 جي هڪ مهيني لاءِ سموري رقم هيڪاندي جمع ڪرائي بڪنگ ڪرائي ڇڏي. لال جان سان اهو به طئي ٿيو ته علي چاهي اچي يا نه، پر ٻيو ڪو به گراهڪ پڪراج ڏانهن نه ويندو ۽ اهو به ته هن امر جي ڄاڻ پڪراج کي نه پوندي.

علي مصطفيٰ روزانو يا ٻئي ڏينهن ايندو رهيو ۽ سڄي رات ويهي پڪراج جي سراپا ۽ خصوصاً سندس اکين ۾ نهاريندو رهندو هو. اُن کان اڳتي ڪا به شيءِ ڪانه ٿيندي هئي. اهڙيءَ طرح ٽي هفتا گذري ويا. انهن ٽن هفتن دوران علي مصطفيٰ ڏاڍي صبر، ڏاڍي تحمل، ڏاڍي سهپ ۽ بردباريءَ جو مظاهرو ڪندو رهيو. هو پڪراج کي پنهنجي محبت ۽ وفا جو يقين ڏياريندو رهيو، ساڻس ساٿ نڀاهڻ جا وچن ورجائيندو رهيو. منتون ۽ ايلاز ڪندو رهيو. پر پڪراج جي پٽر ٿي وِيل دل رِجي پاڻي ٿيڻ کان نابري واري بيٺي رهي. اُن عرصي دوران هو پنهنجي گهر، پنهنجي ڪاروبار ۽ پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کان پڪراج کي واقف ڪري چڪو هو. علي مصطفيٰ پڪراج کي اهو به ٻڌائي چڪو هو ته هو پنهنجي پنج سال اڳ پرڻيل زال سان ڇو بيوفائي ڪري رهيو هو. هُن جو چوڻ هو ته بيوفائيءَ جي شروعات پاڻ نه پر سندس زال ڪئي هئي. هوءَ پنهنجي ڪنهن بواءِ فرينڊ سان شاديءَ کان پوءِ به ملندي رهي هئي، جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ ساڻس گڏ تعليم حاصل ڪندو هو. اول ته هوءَ انهيءَ حقيقت کان انڪار ڪندي رهي. پر پوءِ جڏهن ڪيس سنگ سوڌو پڪڙيو ويو، تڏهن به هن پنهنجي دوست جي ڇپر ڇڏڻ کان انڪار ڪري

ڇڏيو ۽ پنهنجي هوڏ تي قائم رهي. پوءِ هُن ڪيس گهر مان لوڏي ڪڍي ڇڏيو آهي. پر ڪيس طلاق اِن ڪري نٿو ڏي ته جيئن هوءَ ٻي شادي نه ڪري سگهي. اهو به ته سندس زال نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ فيملي ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي آهي. ڪيس هلي پيو. جڏهن وڃي فيصلو ٿئي. سندس وڪيل ۽ متعلقہ ڪورٽ جو عدالتي عملو ڳري معاوضي عيوض ڪيس کي اينگهائي رهيا آهن.

علي مصطفيٰ ۽ پکراج جي وچ ۾ هاڻي اختلافي نقطو به فقط اهو وڃي بچيو هو ته هُو سندس زال کي طلاق نه ڏيئي ڪري ناانصافي ڪري رهيو هو. جڏهن ته عليءَ جو چوڻ هو ته هُو سندس زال کي ڪيل بيوفائيءَ جي سزا ڏيئي رهيو هو. پکراج کي خدشو هو ته جيڪو مرد حال هڪيو هن وقت به عورت سان دولت جي عيوض ناانصافي ڪري رهيو آهي، تنهن مان اڳتي چڱائيءَ جي ڪهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي.

علي مصطفيٰ کي ملڪ اندر ئي ٻئي شهر ۾ ڪاروبار جي سلسلي ۾ وڃڻو پيو. ڪو پرڏيهي واپاري وفد آيو هو، جنهن سان ڪاروباري مامرا ڏورڻا هئا. سو ڪيس لاڳيتا چار ڏينهن لڳي ويا هئا. پر ان عرصي دوران هو لال جان ڪان فون ذريعي پکراج جي خبرچار پيو وٺندو هو.

جڏهن لاڳيتا چار ڏينهن وٽس ڪو گراهڪ ڪونه آيو. تڏهن پکراج کي سندس شڪ ٽوري پڪ ۾ بدلبو ڏسڻ ۾ آيو. پکراج کي پهرين ئي شڪ ٿيو هو ته گذريل ٽن هفتن دوران سواءِ عليءَ جي ٻيو ڪو گراهڪ نٿو اچي، سو ڪٿي ايئن ته ڪونهي ته عليءَ سندس لاڳيتي بڪنگ ڪرائي ڇڏي هجي. پر ڇاڪاڻ ته گذريل ڏينهن ۾ علي گهٽو ڪري روزانو، نه ته به ٻئي ڏينهن ضرور وٽس ايندو هو. پر جنهن ڏينهن ڪير ڪونه ايندو هو ته هوءَ ايئن سمجهندي هئي ته ڏنڌي جي موڙيءَ سبب ڏينهن خالي وڃي ٿو. سو جڏهن وٽس لاڳيتا چار ڏينهن ڪير ڪونه آيو ۽ پنجين ڏينهن آيو ته وري به علي مصطفيٰ ئي آيو. تڏهن ڪيس پڪ ٿيڻ لڳي ته معاملي ۾ ڪا گڙٻڙ ضرور آهي. سو ان رات موقعو وٺي پکراج عليءَ ڪان پڇيو، ”علي مصطفيٰ صاحب، هڪڙي ڳالهه پڇان، مون سان ڪوڙ ته نه ڳالهائيندا نه؟“ پکراج ماڻي سان گڏ حجت ڪندي، مسڪرائيندي چيو.

”ها، اهو سچ آهي ته مان تنهنجي سڄي مهيني جي ايڊوانس پيمينٽ ڪري هيڪانڌي بڪنگ ڪرائي ڇڏي آهي. اهوئي تو پڇڻ ٿي چاهيو نه.“ عليءَ پکراج جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

”پر اوهان کي ڪيئن خبر پئي ته مون اهو ئي پڇڻ ٿي چاهيو؟“ پکراج حيران ٿيندي چيو.

”مان جو سڄو مهينو رياض ڪيو آهي، تنهن جو ڪجهه ته اثر ٿيڻو هونه؟!“

”ڇو؟ آخر اوهان ايڏي وڏي رقم جو زيان منهنجي لاءِ ڇو ڪيو؟“ پکراج خفا ٿيندي پڇيو.

”پکراج، مان توکي وڃائڻ نٿو چاهيان. مان توکي وڃائڻ نٿو چاهيان.“ التجا ڀريو آواز آيو.

”پر هيئن ته اوهان جي سموري جمع پونجي، ڌن دولت، ڏنڌو ڌاڙي سڀ ڪجهه داءَ تي لڳي ويندو. اها ته اکين ڏٺي تباهي آهي. اوهان ايئن ڇو ٿا ڪريو؟“ پکراج پريشان ٿيندي چيو.

”جيسين راڻو نٿو ريجهي، تيسين منهنجو سک چين ۽ آرام به ته داءَ تي لڳل رهندو. منهنجي سامهون سک چين ۽ آرام ڪان وڌيڪ پئسو ناهي.“

”۽ جڏهن ڪيسا خالي ٿي ويندا، تڏهن اها ئي لال جان، جيڪا اوهان تان قربان پيئي ٿئي، سا اوهان لاءِ گيٽ ئي بند ڪري ڇڏيندي. اندر اچڻ به ڪانه ڏيندي.“

”ملندو ته ملندياس، نه ته گهوري جان جتن تان.“ علي مصطفيٰ لاپرواهيءَ مان چيو.

”پنهنجي تباهي ۽ بربادي ڪري اوهان ڇا ٿا ثابت ڪرڻ چاهيو؟“ پکراج پريشان ٿي ويئي.

”اهوئي ته مان جهڙا ڇريا ديوانا اڃا به دنيا ۾ موجود آهن.“

”مون کي اوهان جي انهي سوچ ۽ طرزِ عمل تي ڏاڍو ڏک ۽ افسوس ٿو ٿئي.“

”مان اها ئي ته ڳالهه چاهيان ٿو ته تباهه ۽ برباد ٿيڻ کان اڳ تون مون کي بچائي وٺ. مان پنهنجي وس ۾ ناهيان رهيو. هاڻ منهنجي عزت، ذلت، مان ۽ مرتبو ۽ زندگي ۽ موت تنهنجي هٿ ۾ آهي. چاهين ته مون کي بچائي وٺ. نه ته مون پنيان ٻيڙيون ساڙي ڇڏيون آهن. مان لاءِ واپسيءَ جو ڪو رستو ناهي بچيو. مان پنهنجي تباهي ۽ بربادي جو الزام توتي ڪونه هڻندس. ايترو باقي ضرور چوندس ته مان پنهنجو سڀ ڪجهه توتان قربان ڪري ڇڏيو. پکراج... پکراج مون کي رڳو ايترو ٻڌائي ته توکي ريجهائڻ ۽ راضي ڪرڻ لاءِ مان کي اڃا ڇا ڇا ڪرڻو پوندو. مان هر حد پار ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

پکراج خاموش ٿي ويئي. ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڇڏيائين. خاموشي طويل ٿيندي ويئي. ڪمري ۾ مڪمل سانت ڇانيل هئي ڪجهه دير ڪان وءِ پکراج ڪنڌ مٿي ڪنيو. سامهون علي مصطفيٰ مسلسل سندس منهن ۾ نهاري رهيو هو. ڳوڙها عليءَ جي اکين جا بند ٽوڙي مِٽن تان ٽِمي رهيا هئا. پکراج ڪان ڇرڪ نڪري ويو. هڪ ڀيرو وري اکين اکين سان زور آزمائي ڪرڻ شروع ڪئي. اکين ڇنيڻ ڇڏي ڏنو. دلين جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿيڻ لڳي. ڪي ساعتون... يا ڪي صديون... به مجسما... خاموش خاموش... آمهون سامهون... پنڊپهڻ... ۽... ۽... الاجي ڪيترن ايامن ڪان پوءِ... پٿر جي تراشيل مجسمن ۾ هلڪي چرپر پيدا ٿي... ۽ پکراج وِيني ئي ويني.... رومڙ ڪري عليءَ کي چنبڙي ويئي... به جسم هڪ ٿي ويا... ٻنهه مانيٽا سڏڪا آهستي آهستي سانت جي راڪاس کي پٽريون هڻڻ لڳا... ڪجهه دير تائين... ڪجهه ڪجهه دير تائين... ۽ پوءِ عليءَ پکراج جو چهرو پنهنجي هنج ۾ رکي سندس ڳلن تان وهندڙ لڙڪ اگهيا...

*

هڪ سال ڪانپوءِ... علي مصطفيٰ صاحب لال جان جي ڪمري ۾ ويٺو هو. البم سندس هٿن ۾ هو. البم جا ورق اٿلائيندي لال جان ڪان پڇيائين، ”پلا ڪو نئون پکي ڦاسايو اٿئي، يا ساڳين بدڪن تي آرو ڪريو ويٺي آهين؟“

”اوئے چهڈو جی، تسی تے ہر ویلے نیا پرندہ منگدے او۔ ہور سناء، پکھراج دا کی ہویا؟“

”اوئي ڇڏو جي، پنيان نه مُڙ، اڳيان ڏس.“ ۽ عليءَ جو وڏو ٺهڪ ڪمري ۾ ٻُرڻ لڳو. ■

# وائي



## مريد سنڌي

گهر ۾ چُپ کي جاڳائي
ياتي سڀ سمهي پيا
صبح وري اُٿـا آهن
ويساهه اکين ۾ پاٽي
ياتي سڀ سمهي پيا
اجهو هن جو ميسج آيو
پل تون هاٽي ڳالهائي
ياتي سڀ سمهي پيا
الڪا، اوڇاڳا منهنجو
تنهائي ساهه سُڪائي
ياتي سڀ سمهي پيا
موت جي آيو، ويندو موٽي
پنهنجو پاڻ ڪلائي
ياتي سڀ سمهي پيا



انور شيخ

# وهندڙ کهاڻي...

**سال - ۱۹۴۸، مهينو؛ جنوري، تاريخ؛ پهرين، ڏينهن؛ سومر ۽ هنڌ؛ سردار جي اوطاق**

سردار اسد الله خان ڪاري ڀنڀي ڏاڙهي سان، وڏي لانڍ جي آڳر ۾ وڏي حشمت سان ڪرسي تي براجمان هو. سندس پور ارڪاڻ تاب پڪيڙي رهيا ها، هٿ ۾ نيٽ جو لڪڻ هوس جنهن کي ور ور پنهنجي ٿلهين سڙن تي هوريان هوريان هٽي رهيو هو. ۽ سندس ڪابي ٽنگ هلڪي لرزش سان لڏي رهي هئي. مٿي تي بوسڪيءَ جي پٽڪي، پٽئي جي وڏي ۽ گهيردار شلوار ۽ سيم لڳل جتي سندس رعب کي ٻيٽو ڪري ڇڏيو هو. پڌر ۾ پَٽَ تي، ننڍي وڏي عمر، اڇن، ڪارن ۽ ڪکن ڏاڙهين سان پراڻا پٽڪا پاتل، راڄ جا ماڻهو ويٺل هئا. ڪجهه ماڻهو آڳر ۾ پيل سروٽن تي ويٺل هئا. مقدم پڻ هڪ ميري سر تي ويٺل هو. ڪجهه پريان، گهوڙا لين سان ٻڌل.

سردار ڪانڊيري کي ڪنڪر ڪندي پڇيو، "ڪانڊيرا ٻيا خير؟"

ڪانڊيرو هٿ ٻڌندي چيو، "ابو نياز مند."

"ڏي حوال؟"

"ابو، حوال خير جا شيرو وارن ڏي سَڪُرَ جي ساک رهيل هئي انهي سانگي عرض ڪٽي پيرين پوڻ لاءِ پهتو آهيان ٻيا خير."

"اڙي شيرو آيو آ." سردار هڪل ڪندي پڇيو.

زمين تي پلٿي هڻي ويٺل اڇي ڏاڙهيءَ سان شيرو هٿ ٻڌندي وراڻيو، "پوتار نوڪر تنهنجو."

"شيرو، وظو ڪري آءُ." وڏيري حڪم ڏيندي چيو.

شيرو هٿ ٻڌندي چيو، "پوتار وات ڳاڙهن تي کهڙي پت، ويڳي ڪاهي."

ڪانڊيري رَڙ ڪئي، "پوتار چونڊ ڪٽندم."

شيرو چيس "مڪياري ٿي، ڪسيون ڪانڊيون هر ڪنهن آڏو آهن"

"منشي رانجها پاڻ وڃي ڪانڊيري سان گڏ سَڪُرَ چونڊي ڏيس." سردار منشيءَ کي چيو.

"جي منهنجا پيءُ." منشي وراڻيو.

❖

هندستان کي ٻه ٽڪر ٿيندي ڪجهه مهينا مس گذريا هئا. پر ٻاهران لڏي پڏاڻ ڪري ايندڙن جو سلسلو جاري هو.

❖

**سال - ۱۹۴۸، مهينو؛ جنوري، تاريخ؛ پهرين، ڏينهن؛ سومر، وقت؛ ۸ بجه صبح ۽ هنڌ؛ ريلوي استيشن**

ريلوي استيشن جو پليٽ فارم نمبر 2 تي پراڻا ڪٿا ويڙهيل هڪ ڪراڙو، هڪ جوان مرد، ٻه وڏا ڇوڪرا، ميرين گوڏين، ڇتيون لڳل قميصن سان هڪ ٽين جي پيٽي، حقو، سيءَ ۾ ڏڪندڙ ٻه ننڍا ٻار، ڪافي ڏينهنجا بکايل پئي نظر آيا.

"بهائي صاحب، جمال پور ڪڏر هي؟" پوڙهي نوڙت سان پليٽ فارم تي بيٺل ڪنهن ماڻهوءَ کان سوال ڪيو.

"مسلمان ٻائر ٿا ڏسجن." همراهه پاسي ۾ بيٺل پنهنجي ساٿيءَ سان ٻاجهاري لهجي ۾ ڳالهايو.

"چاچا، گم نه ڪر. ڳوٺ به ملي ويندو. ٿڪل ۽ بکايل ٿا لڳو. هلو ته پهريائين ننگر پاڻي ڪري وٺون."

ٻيئي ڄڻا ٻاهران آيلن کي گهر وٺي آيا. اصل جاءِ نه ٿي ملين ۾ ڪين پٽ تي ويهاريون يا جيءُ ۾ جايون ڏين.

❖

"نام ڪيا هي؟" جوان مرد کان پڇيائون.

”اسلام الدين.“
”ڪهان سي آيا هي؟“
”عثمان پور انديا سي.“
”ادهر ڪيون؟“
”ادهر زمين ملي هي ڪليم مين.“
”سبحان الله.“

همراهن کي مانيون ٽڪيون ڪارائي ساهه ڪڍڻ جو ڳو ٻڌايو. سندن ڪپڙا ڌوئي پوئي ڪين اڃو اجرو ڪري، شهر نما ڳوٺ جمالپور آندو ويو. ۽ جمهريون ڳچ دير تائين مسجد مان آواز گوجندو رهيو.

مسجد مان اعلان ٿيو، ”.... مسلمان ڀائر آيا آهن. انصار ٿيڻ جو شرف حاصل ڪيو. 10ايڪڙ زمين چانڊو مل جي حويلي سميت...“ دهل شرنايون، خوشيون ۽ جمهريون، ڪافر ويا. دين ڀائي آيا. الحمد الله، الحمد الله.“ ڳچ دير تائين مسجد مان آواز گوجندو رهيو.

**سال - ۱۹۴۹، مهينو: جون، تاريخ: پنجين، وقت: ۹ بجي صبح، ڏينهن: اڱارو ۽ هنڌ: سردار جي لانڍي**

سردار کٽ تي ۽ راڄ پَٽَ تي.

”ڀيلا ڀيا خير؟“ سردار ڀيلي کي ڏسندي پڇيو.

”پوتار نياز مند.“ ڀيلي هٿ ٻڌي جهڪندي چيو.

”ڏي حوال؟“

”حوال ڪنداٺتو آهي پوتار ڀيا خير.“

منشي ملهار پرپرو ڪونيءَ جو در ڪوليو. سردار اڳ ۾ ۽ ڀيلو پويان پويان لڳو آيس.

سردار کٽ تي چڙهي ويٺو ۽ ڀيلو پيرن ۾ پَٽَ تي پلٿي هڻي ويهي رهيو.

”ڪر خبر خير آ؟“

”تنهنجي سر بخت جو خير پوتار، ڪُتي ڪسجي وئي آ ڪارنهن چنگلي جي وڏي ڇوري تي ڏني آ.“

”منشي ملهار چنگلي کي سپاٽي گهراءِ.“

”جي پوتار.“

”حڪومت جا پئسا آندا اٿئي؟“ ملهار ڀيلي کان پڇيو.

ڀيلي گوڏ جي وَرَ مان ڏوڪڙ ڪڍي منشيءَ کي ڏنا.

سردار منشيءَ کي هدايت ڪندي چيو،

”صوبيدار ارڏو ٻڌجي ٿو. پئسا ڪيس مهل سان پڄائجانءِ...“

”حاضر سائين.“ ملهار هٻڪندي چيو.

”ٻيو ڪو احوال آهي ڇا؟“ سردار پڇيو.

منشي ملهار سردار کي عرض ڪيو،

”قادر بخش ۽ سمائل وارن جو ڳالهُه رکيل آهي اڄ پوتار.“

”ٻئي ڌريون آيون آهن“ سردار پَٽَ تي ويٺل راڄ تي نظر ڊوڙائيندي پڇيو.

ٻٽن ڄڻن جو ڳڏيل هُل

”هائو پوتار سائين، ٻيئي ڌريون پهتل آهن.“ ٻٽن ڄڻن ڳڏجي وراڻيو.

”ڪر حوال؟“ سردار قادر بخش ڏي منهن ڪندي چيو.

”پوتار جي سر بخت جو خير، ڄايا هون تہ ٻَنَا ساڳيا سنوان ڏسندا ٿا اچون. اڳ ۾ مڙئي ڇريا هئا جن پڇاريا نہ ساريا، سمائل کي هاڻي سمڪ آئي آهي تہ دنگ سُرِيَلَ آهن. منهن ڀريون ڀري توبچي وٺي اچي منهنجا سڄا سارا تي مڙس ڦٽي ڪيا اٿئن، وڏيڪ تون مالڪ آهين پوتار ڀيا خير.“

”تون ٻڌاءِ؟“ سردار سمائل کان پڇيو.

”پوتار، ٻہ ڀائر ٿيون ليکو. اڳ ڪنهن نہ ساريو، جي هاڻي مان حق ٿو گهران تہ گناهه ڪونهي ڪو، نہ جهيڙي سان نہ جهٽي سان ٻَنَا نوان ڪرڻ جي چڙو ڳالهه ڪيم تہ مڙس ڪي باهہ لڳي وئي. هڪلون ڪري اچي حملو ڪيائين، اهڙي مَهَلَ ۾ ننڍو وڏو پوءِ ڪنهن جي جهل ۾ ڪاٿي ٿو رهي؟ ڇمائو (پراڻيون منهن کان پرڄڻ واريون بندوقون) اسان کي ٻہ لڳيون تہ رهڙان هوڏانهن بہ ڏئي ويون، فرياد ڪري صغيرن لاءِ ڍڪ نہ ڇڏيائين. سڀ مال سميت ڏَڙَنَ مڙسن جو ڍڪايو اٿائين تون مالڪ آهين پوتار ڀيا خير.“

”زمين گهٽي اٿئي؟“ چار ايڪڙ پوتار. ٻنا، دنگ ساڳيا برقرار ڪَسُ ڪسر هر ڪنهن جو نصيب.“ سمائل ٿڏي نموني وراڻيو.

وڏيري ٻنان ڪنهن ٻڌتر جي فيصلو صادر ڪندي چيو، ”قادر بخش ٽن ڄڻن کي ڌڪيو آهي. في زخمي ٻہ سو رپين جي حساب سان 600 رپين جو ڏنڊ، سمائل کي ڀري ڏيندو. ۽ پوليس جو حساب ڪتاب يا لهٽو بہ سمائل کي چڪائڻو پوندو.“

”پوتار، تنهنجو فيصلو اکين تي... پر؟“

”قادر بخش هوش ۾ آهين. اها پر پر ڇا جي لاتي اٿئي؟“ سردار ٿورو ڪاوڙجندي چيو.

”حاڪم، هن وقت منهنجي دانگي اونڌي ٽنگي پئي آهي. ڇهه سو ڏنڊ ۽ ٻارنهن سو پوليس جا جملي ارڙهن سو رپيا مان نہ ڀري سگهندس...“

”پوءِ؟“ وڏيري لفظ تي اهڙين زور ڏيندي چيو، ڄڻ سمائل جي نڙگهٽ تي زور ڏيندو هجي.

”پوتار، نماڻو عرض آهي.“ سمائل هٿ ٻڌندي ۽ ڏڪندي چيو.

”قاٺُ، وقت نہ وڃاءِ.“ وڏيري رڙ ڪئي.

”جيسيتائين پئسا لهن، تيسيتائين 4 ايڪڙ ٻني پاڻ وٽ رکو. فصل بہ اوهان ڪٽو. ٽن سالن ۾ ڏنڊ نہ ڀري سگهيس تہ ٻني اوهان کي آئي.... باقي، مونکي في ايڪڙ هزار رپين جي حساب سان چار هزار ڏيئي مالڪي لڪائي وڃو.“

”ٺيڪ آ.“ وڏيري ڪنڌ ڌوڻيو ۽ لانڍيءَ کان ٻاهر نڪري ويو.

”منشي ملهار.“

”جي پوتار.“

”پوليس سان ڳالهائڻ وڃجاني پاڻ.“

پئسو ڪونہ...سمائل پريشان...پهتو اچي واپس سردار وٽ...600 قادر بخش کي...1200 پوليس کي...1800 ۾ 4 ايڪڙ زمين گروي...جيستائين پئسا لهن فصلن ڪٽندو سردار...ٽن سالن ۾ پئسا نہ لٿا تہ هزار روپيہ ايڪڙ سان4 هزارن ۾ زمين وڪرو...بقايا 2200 ڏئي سمائل ڪاتو ڏيندو سردار کي...ڪاغذ پَٽَ تيار.

**سال - ۱۹۵۰، مهينو: ڊسمبر، تاريخ: چوٿين، هنڌ: جمال پور ۽ وقت: صبح جا ۸ بجي**

جمال پور ۾ اسلام الدين آڙتي جو دوڪان آهي. دوڪان ٻاهران ڪاٺين جي لڪڻ ۽ تختن جو ڪانٽو رکيل آهي. جڏهن تڏهن اسلام الدين موڙي تي وڏو رجسٽر هٿ ۾ جهليو ويٺو هوندو آهي. چراغ الدين ۽ علم الدين سندس پُٽُ تور تي لڳل هوندا آهن.

ڪرڙُ، گاڏي ان جي تورائي بوڇڻ رکي پَٽَ تي اسلام الَدين جي پير ۾ ويٺو،

”حساب ڪر سيٺ.“

”چار گاڙي پهلي جا هڪ گاڙي هاٹي جا...ٽوٽل پانچ گاڙي...پانچ گاڙي جا ساٹ من...ايڪ من جا پنج روپيہ....ٽوٽل پئسا 300 روپيہ.....با دفعہ پوليس ڪي ليئي پچاس پچاس ليا....هڪ دفعو سئو روپيہ جهگڙي ڪا عيوجي ۾ ليا....بقايا سو روپيہ....جس ۾ 40 روپيہ همارا منافع...اور يہ تم لو بهائي 60 روپيہ تمهارا بقايا...گهبرانا نهين...قرجہ بهت....اَنَ هماري پاس آنا چاهيئي....ڪرڙ، 60 منُ اَنُ ڏئي 10 مٹن جا پئسا وٺي بوڇڻ ڇنڊي روانو ٿي ويو.

شهر نما ڳوٺ جمال پور ڇڱي خاصي مقامي آبادي تي مشتمل آهي. جنهن ۾ هاڻي هندستان واري پنجاب مان آيل مسلمان ڀائر بہ شامل ٿي رهيا آهن جيڪي زمين تي پوکي راهڪي کان علاوه ڪاروبار طرف بہ وڌي رهيا آهن.

**سال - ۱۹۶۵، مهينو: آڪٽوبر، وقت: شام جو پهر ۽ هنڌ: اسلام الدين آڙتي جي حويلي ٻاهر**

اسلام الدين آڙتي جي حويلي جي ٻاهران اڱڻ

تي ڪرسين ۽ ڪٽن جون قطارون.... سردار اسد الله خان جي آجيان ... تقريرون ... خوشامندون... سموسا.... جليبين جا چسڪا.... ڪير جو ٿڌيون مٺيون بوتلون....اسلام الدين آڙتيءَ کي چوڌرائپ جي پڳ پارائي وئي.... ڳوٺ نما شهر جمال پور کي ٽائون ڪاميٽي جو درجو ملڻ تي مبارڪون....سردار صاحب هر ڪنهن سان اٿي پاڪر پائي مليو.... هر ڪو ڪرسين ۽ ڪٽن تي....ڪجھ ڪتا پَٽَ تي ڇٽڪار ٿيل زمين مٿان اهليل....چراغ الدين جي برف جي ڪارخاني جو افتتاح...محلي ۾ فرش بندي...اسڪول ۽ نوڪريون ڏيڻ جون پڪ پڪايون....چوڌري اسلام الدين کي ٽائون ڪاميٽي جمال پور جو چيئرمين بڻائڻ جو وعدو....سردار واپس وليز جيپ ۾ ڳوٺ روانو.

## سال - ١٩٦٥، مهينو؛ آڪٽوبر، وقت؛ رات جو ۽ هنڌ؛ سردار جي وليز جيپ

”هن ڪميونٽيءَ تي هٿ خاصو رکيو اٿوَ راڄ جي ترقيءَ تي ڌيان ڪونه ٿا ڏيو؟“ سردار صاحب جي گهاٽي يار بشير خان ڏوراپو ڏيندي چيو.

”بشير خان، راڄ جٽ هوندو ته ڪم جو به رهندو، ترقي ڪندو ته ڪٿون گهرندو، گڏ ويهندو، پڙهندو ته پڇندو، نوڪريون گهرندو، نخرا ڪندو، پئسو ٿيندس ته پر ڪڍندو. بڪيو، ڏڪيو ۽ جاهل راڄ هوندو ته هٿ ۾ رهندو جاڏي ورائبس تاڏي ورندو.“ سردار صاحب مشڪندي چيو.

”۽ هي ڪميونٽي جيڪا توهان جي ڏِڏَ ۽ سگھه سان ڏاڍي پئي ٿيندي وڃي ڪلهه اسلام الدين اگهاڙو آيو اڄ ڇا ٿي ويو آ؟“

”اهي اسان ڪان ڏاڍا ڇا ٿيندا اسلام الدين ۽ ٻين جي هر ڪاروبار ۾ منهنجو حصو آهي اهي ماڻهن کي سڄو رکڻ ۾ منهنجا ساٿاري آهن. ٿورڙائي ۾ آهن انهن جي آسودگي ڇورن جيان آهي جيڪي سماج جو خون چوسن ٿا پنهنجي هٿ وس ۾ رهندا توڙي جو آسودا ٿي ويندا ته به وڙهڻ جي سگھه نه ساري سگهندا، اسان سان گهٽائي جهالت جي سگھه سان گڏ آهي، هي پل سپ اهي جايون سنپاريون ويٺا هجن، جيڪي ترقيءَ جون آهن، هي اڪثريت سان نفرت ڪن ٿا هنن جو انهن سان تعصب انهن جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهي ۽ اسان به اهو ئي چاهيون ٿا. راڄ جا ماڻهو سورن ۾ هوندا ته پيرن ۾ پيا هوندا نه ته ڳچيءَ ۾ پوندا.“

”معني جٽ جي مٿي تي هٿ ۽ پيٽ تي لت.“ بشير خان کلندي چيو.

”صحيح سمجهيو اٿئي“ سردار وراڻيو. ۽ ٻيئي ٺهڪن ۾ ٻنجي ويا.

## سال - ١٩٧٠، مهينو؛ نومبر، وقت؛ صبح جو ۽ هنڌ؛ سردار جي لانڊ

سردار کٽ تي....راڄ پَٽَ تي....سردار جي گار مٿان گار.... ڪاوڙ اوج تي.

راڄ جو هُلُ.... ”سَڪُرَ جي ساک....ويڳي نه وٺندمُ.... ڪارنهن جو جو عيوضو گهرجي...مڙس مَرَنَ ٿا تاريخ ڏي....پوليس ڪان بچاءِ...مُڙسَ ڇڏائي ڏي....مالُ ڍڪ ۾ مري ٿو.“ سردار ڪاوڙ ۾ چيو، ”هڪڙو پونڪي ته سمجهان.“ خاموشي ڇانئجي وئي. راڄ مان قطب اٿي هٿ ٻڌي چيو، ”پوتار، پوليس ڪوڙا پير ڪڍي آئي، ٻه پُٽَ ٻڌي مال سمورو ڪاهي وئي آهي.“

سڪيلڌي سردار کي پيرن تي پهچي هٿ رکندي چيو،

”ڦر نه ڌاڙو، باقي مال تي ڇورا وڙهيا هئا اولو سولو ڏک خميسي جي ڇوري کي لڳو آهي ڪوڙ اڃي ڏاڙهي ۾ ڪونه هٽندس ڇورا ڍڪيل آهن ٺاٽي تي. اُهي ڇڏائي ڏي خميسي جو پاءُ پاٽي پريان جيءُ ڪري جيئن تون حڪم ڪندين“

جلال ڳوري آواز ۾ دانهن ڪئي،

”ستن وَلِيُن جي طاقت ٿو رکين سردار، آهين اسان جو. مڙس ٿا ڪٽندا وڃن ڏينهون ڏينهن. ڪنوارن پرٽيلن جو مالڪ آهين تون، هيڏي هوڏي ڪري دعا اچي گهرُ جي دير ڪندين ته ٻڌائڻ لاءِ وري مان به نه ٻچندو ماڻ اڄ سيان مارينداءِ مونکي به پوتار.“

حمزي هٿ ٻڌندي عرض ڪيو،

”ياڳئي ناهي ماريو. مونکي سنگتن ۾ شڪ آ، ساک وٺي ڏي. ابو آهين تون اسان جو مالڪ، پوءِ پرينهن ڪفي نفي جو مان مياري نه هوندس.“

جانب کي جيئن وارو مليو ته جود ڪندي چيائين،

”ٿڌي ڪان پير پختا ڪري ڪٽايون آيو مانس، سڌا اچي گهرن واري کُهَڙ ۾ وڌا مانس، اجان پيارو ٿو چالاڪيون ڪري، اسان پوتار پاڻ ڪوهه پري واريون پريون ويٺا آهيون تون پاڻ اسان ڪان الائي ڪيتريون ويڳيون ورتيون آهن.“

پيارو به ڪو ويٺو هو، موقعو ملندي صفائي ڏيندي چيائين،

”ڪوڙ ٿو هٽين پوتار مون تي نسورو ناحق بهتان ٿو مڙهي ساک ڏيانس؟“

”ست راڄيون شاهد آهن هڪ مان هيم جو ڪوڙ ٿو هٽان پيرا جڏهن سوڌ وڌا ماڻ گهر ۾ ته ساڪان ڪهڙيون وٺانءِ؟“ جانب سموري راڄ ڏي منهن ڪندي سردار کي چيو ته راڄ مان گهڻن مشڪندي آفرين ڏيندي ڪنڌ لوڏيا.

جيئند اٿي هٿ ٻڌندي التجا ڪيس، ”پُٽُ پڙهيو آ ڪا نوڪري وٺي ڏي سرڪاري“

سردار پڇيس ”گهڻو پڙهيو آ؟“

جيئند خوش ٿيندي ٻڌايس، ”اٺ جماعتون پڙهيو آ.“

”ڪمشنر جي ڪرسي خالي ٿئي ٿي. لهي ته ان جاءِ تي پٺهين کي ويهاريان ٿو.“ وڏيري طنز جو تير ڏاڍي سنجيدگي سان وهائي ڪڍيو.

راڄ ۾ ٺهڪڙو مچي ويو ته جيئند شڪي ٿي ويهي رهي ٿو.

سردار، پوليس جا ڪم منشي ملهار کي سونپيا، جن کي گهرائڻو هو انهن ڏي اطلاع لاءِ ماڻهو مقرر ٿيا.

جانب جي مينهن لاءِ، پياري کي ڏاڙهيءَ ڪان وٺي ڪٽي دسيائين. ٻوٺ واري لپاٽ وهائيندي چيائين، ”رن... ڏين تو مينهن. ٿئين تو حلال. يا ڪيائين حرام؟“ پهريان ته پياري ٺپ انڪار ڪيو. پوءِ ويڳي لاءِ چيائينس، پر جڏهن سردار کي ضد تي ڏٺائين ته هٿ ٻڌندي چيائينس،

”تنهنجي لٺ ڏاڍي آهي پوتار، باقي جانب مون ڪان موٺائي ها! ياڳ پلا اٿس پوتار.“

## سال - ١٩٩٠، مهينو؛ اپريل، وقت؛ رات جو ۽ هنڌ؛ اسلام الدين جي بيٺڪ

محلي عثمان آباد ٽائون ڪاميٽي جمال پور جا مرد ۽ عورتون گڏ ڪراچي ڪان آيل هڪ مرد ۽ هڪ عورت جي آڌرياءُ لاءِ، پهريان ڪيسٽ وڄائي قائد تحريڪ جو پيغام پهچايو، توهان تحريڪ جا بهادر سپاهي آهيو، اوهان جا گهر اندرونِ سنڌ ۾ اسان جي ڪارڪنن جو پناهه گاهون آهن، جيڪي هن سفر ۾ رياست جي ڏاڍ ۽ جبر ڪري اوهان وٽ اچي پناهه وٺندا آهن، توهان الڳ قومِ آهيو، اسان اوهان کي هڪ شناخت ۽ عزت ڏياريندا سون. اوهان جا ڪسيل حق اوهان کي وٺي ڏيندا سون، اوهان تحريڪ جي جهنڊي هيٺ پاڻ کي مضبوط ڪيو، اوهان پاڪستان کي جنم ڏنو آهي توهان پاڪستان جا باني آهيو.“ بعد ۾ ڪراچي ڪان آيل همراهه جهيٽي لهجي ۾ سمجهائيندي چيو، ”سنڌي جٽ آهن. انهن ڪان پاڻ کي پاسي رکڻو آهي. اسان پاڪستان ٺاهيو، پاڻ مهذب آهيون، معتبر آهيون، پڙهيا لکيا آهيون، سنڌي ظالم آهن، جاهل آهن.“ مڙسالي جي تقرير ڪانپوءِ عورت جو وارو آيو. هن چيو، ”نوجوان ڇوڪرين کي گهرجي ته هو سنڌي نوجوانن کي ٺڳي ٺوڙهيءَ سان بيوقوف بڻائي ڪانئن پاسيرو رهن، ڇاڪاڻ ته اهي ظالم عورت جي آزادي جا مخالف ۽ ٿوري ٿوري ڳالهه تي عورتن تي ظلم روا رکيو اچن، ۽ ڪين ڪاريون ڪري

ماريو ڇڏين. شڪي مزاج آهن، ٻهريان پيار ڪندا آهن پوءِ نوڪرياڻي ڪري رکندا آهن. نوجوانن کي هدايت ڪجي ته سدائين هٿيارٻند ٿي رهو، پاڻ ۾ هر مسئلي تي گڏ رهو. ظاهري طور تي پلي جيڪڏهن ڪنهن ٻي پارٽي ۾ آهيو ته نالي ۾ پل رهندا اچو پر پارٽي پنهنجي اصل ۾ تحريڪ آهي. وقت اچڻ تي واضع ٿيڻ جو حڪم ملندو تيستائين پاڻ ۽ پنهنجي برادريءَ کي مظبوط ڪندا اچو، سنڌين کي جيترو ٿي سگهي ڪمزور ڪيو، اردو ڳالهايو ۽ ٻارن کي اردو پڙهايو.“ آخر ۾ اسلام الدين طرفان تحريڪ لاءِ ڳرو چيڪ ڏنو.

## سال - ١٩٩٥، مهينو: سيپٽمبر، وقت: صبح جوءِ هند: سردار جو گهر

”ابا امداد الله خان پاڻ بيمار رهان ٿو حياتي هاٿي گهٽي ڪونهي جيڪو حال هو گهٽ نه ڪيم، اڳي پوءِ توکي ئي سڀ ڪجهه سنڀارڻو آهي. راڄ ڀاڳ، ملڪيت، ٻنيون ٻارا. متان ماڻهو مارائڻ ۾ منجهيو آهين، جيڪو وس پڄئي ماڻهن کي پاڻ ۾ پوءِ ويڙهائجانءِ، ان ۾ سوپارو ٿئين ته تنهنجي ماني ڪتو به ڪونه ڪائيندو. اسڪول اوطاقان ڪيون اڇجانءِ، راڄوٽا اتحاد برقرار رکجانءِ، ڪوشش ڪجانءِ ته ڪو راڄ جو ماڻهو سُک جو گرنهه سان نه ڪائي، راڄ جي ترقي تنهنجي پستي هوندي. ۽ پناهگير ڪميونٽيءَ جي پارت اٿئي، ڪاروبار ۽ ٻين ڪمن ۾ ساڻن گڏ هججانءِ.“
”پر ابا، اهي ته تحريڪ جا ڪارڪن آهن سڀ.“
”تحريڪ هن مهل تائين ڪنهن کي ڪُتُو آ؟“
”ابا سنڌين کي. ڪراچيءَ ۾ سنڌي شاگردن کي داخلائون ڪنهن کي ڏيڻ نه ٿا ڏين.“
”...“
”۽ اسان کي قبائلي جهيڙن ۾ ڪنهن اڙايو آهي. ابا؟“
”...“
”جهالت ڪنهن جي فائدي ۾ آهي، ابا؟“
”...“
”ته پوءِ تحريڪ ۽ اسان جي مقصد ۾ ڪوفرق آهي!“
”...“
”مقصد ساڳيو آهي اسان جو ۽ انهن جو، تنهنڪري اڳتي هلي گڏ هونداسين انهن سان.“

## سال - ٢٠٠٠ ايڪوهين صدي، مهينو: جنوري، وقت: صبح جوءِ هند: سردار جي اوطاق جو پڊر

سردار جي اوطاق جي پڊر تي سندس تڏو وڇايل آهي. راڄ ۾ راڙو آهي. پٽڪا لاهي متا ڪولي وارن ۾ مٽي، گوڏن تي هٿ. پٽڪا، پار. هاءِ گهوڙا. ابو هو راڄ جو. ڏاتار هو. وَلِيُن جهڙو سردار مري ويو.
”ڪير ٿو چوي سردار مئو آ؟ نينگر نسريل آ. ابو امداد الله خان به ساڳيو سرُ آ. جيئن هو وڏو سردار تيئن آهي پٽهنس به. راڄ کي ننڍڪڙو نه ڪيو. جود ڪيو. امداد خان کي پڳ ٻڌايو.“ راڄ ۾ هُلُ.
چودهري اسلام الدين برادريءَ سميت گلمن متان اڇي چادرن تي نئين سردار امداد الله خان جي پير ۾ ويٺل. راڄ پريان پَٽَ تي جوتن جي پير ۾ ڏڪارو ويٺل. مختلف قبيلن جا سردارَ. حڪومت جا ماڻهو، وزير نئين سردار امداد الله خان جي پڳ کي وَرَ ڏين ٿا.
راڄ غمزده. هڪ سردار کي ڪري دفن نئين سردار سان ڪري وڃن. وري ٿيا سُرَها. ڳوڙهن هاٽين اکين ۾. وري خوشيون ڪلڻ لڳيون. سردار جي پختي پيڙهه پنهنجو وري سفر شروع ڪيو.

## سال - ٢٠٠٠، مهينو: فيبروري، وقت: ڪچڙي منجهند ۽ هند: ٽائون ڪميٽي جمال پور

هندستان واري پنجاب مان هجرت جي سعادت حاصل ڪري آيل مسلمان پائر دوڪانن تي مصروف، ڪٻاڙ جا دوڪان، اسپيئر پارٽس، سبزين ۽ فروٽن جي دوڪانن تي، نلڪن ۽ موٽرن جي وڪري توڙي مڪينڪ جي ڪمن ۾ سرگرم، چودهري اسلام الدين جا پٽ توڙي پوٽا هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڪاروباري ڪرت ۾، هڪ پٽ کي برف جو ڪارخانو، هڪ اَنَ جو پلاوٽو وڏن گدامن جو مالڪ، پوٽا وري ڪي پاڻ جو ڪاروبار ڪن ته ڪي وري اوڏر تي زرعي دوائون ۽ ٻج جو ڏنڌو ڪن، محمد بوٽا جو سارين جو نئون ڪارخانو به اوج تي، جنهن ۾ سردار جي سڄي جوءِ جون ساريون پهچن، جنهن ۾ سردار جو مفت ۾ حصو چار آنا ۽ 12آنا محمد بوٽا جو، محمد سعيد جا وڏا جيئن آيا ته ڪلومل جي ڇڏيل 4 ايڪڙ زمين تي ساڳي وڪري ئي ڪندا رهيا. ٻٽالون، ڳاڙهيون گجران، بصر، موريون، مارون وقت سِر پوکيندا جهجو مال ميڙيندا رهيا. پر هاڻي صرف سعيد جو وڏو ڀاءُ وڪري جاري رکيون اچي سعيد وري وڏيري پريل خان جي معرفت ٺيڪا پيو ڪٽي، وڏيري پريل جي هٿ ۾ سڄا سارا ٻه ڳوٺ آهن جن جا ووٽ وڏيري پريل جي مرضيءَ سان پون، وڏيرو پريل وري بدلي ۾ ٺيڪا ڏرڙيون وٺي، جيڪي وري محمد سعيد سنڀاري، انجنيئر جي منٿلين سان گڏ وڏيري کي 10 پرسنٽ ڏئي به چڱو خاصو بچائي. وڏيرو پاڻ يا پنهنجي ڪنهن ننڍي وڏي کي ٺيڪن جي ڏنڌي ۾ ڪونه ڦاسائي. چوي، ”اهو خفي جو ڪم آهي پاڻ ڪان ڪونه پڄندو اسان کي گاڏيءَ جي تيل لاءِ 10 پرسنٽ ئي گنج آهي.“
جمال پور جي محلي عثمان آباد ۾ هندستان جي پنجاب مان لڏي آيل مسلمان پائرن جي آبادي، گهٽيون پڪيون ٻڌل، ناليون صاف، گهر سمورا پڪا ۽ پختا، رنگين مهاڙن سان چينيا ٽيل مختلف ڊزائنن وارا گهر، واٽين جي ڇڏيل گهرن کي به الٽريشن ڪرائي وقت سر خوبصورت رکيون اچن، گهرن ۾ عورتون صاف سٿريون صبح سان ئي گهرن جي صفائي سٿرائي کي لڳي وڃن. ڪپڙن پائڻ جا ڍنگ به ڄاڻن ته پنهنجي مڙس جي دل ۾ گهر ڪري وڃڻ جا گُرَ به ڪمال جا ڄاڻن پڪيون پوڙهيون عورتون گهرن ۾ اچار، مربع ۽ چٽڻيون ٺاهن ته وري ڪري مصالا مرچ به هٿن سان پاڻ پيسي ٺاهن.
جوان عورتون صبح سان سوير مردن کي پراٺا، نهاري، چٽا، انڊا آمليٽ، انڊا فرائي، لسي، ديسي گيهه جا پراٺا پچائي ناشتہ ڪرائي ڪمن تي روانو ڪرڻ ۾ چست، مرد روانا ٿين ته وري گهرن کي اهڙو صاف ڪن جو ڄڻ نئون جڙيو هجي گهر به ته ڄا ننڍڙا محل، بيڊن تي رنگين بيڊ شيٽون وڇايل، سليقي سان ڪپڙا لٽا المارين ۾ رکيل، گهڻن گهرن ۾ ته ٽائيلس ۽ ماربلن جا فرش پيا چمڪا ڏين، نئين دور جي جديد تر بورچي خانن ۾ صاف سٿرا ۽ قيمتي ٿانوَ رکيل، صبح جا ڪم ختم ڪري وري منجهند جي ماني ۽ رات لاءِ بازار مان ڪراڙيون توڙي جوان عورتون به سبزي، گوشت يا مڇي خريد ڪرڻ نڪري وڃن، پئسا سڀ ڪاروبار ۾ ڪم آڻن گهَرَن ۾ ڪونه رکن جيڪي پئسا عورتن کي خرچ جا ملن سي به پڪايون ڪري سودا سلف وٺي بچائن ۽ انهن مان ويسيون به ضرور وجهن. پاڻ ۾ مسئلا مسائل گهٽو ڪري ڪونه ڪن. سڄو ڏينهن ڪاروبار ۽ ڪمن ۾ مصروف ويهن ئي ڪونه جو اجايو وينا وڙهن، پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن ڪو مسئلو ٿئي ته پئنچائت ۾ ويهي حل ڪري ڇڏين. سياسي پارٽين ۾ به ظاهري پاڻ ۾ صلاح مشوري سان ويهي ورهائي وڃن، سردارن ۽ سياستدانن کي ويري ڪونه بڻائن. هر ڪنهن سان صلح سان رهندا اچن. مصنوئي طور تي پارٽين ڪهڙن ۾ به هجن پر پلو پنهنجي برادريءَ جو ڪرڻو آهي، مقصد ساڳيو رستا ۽ راهون پلي الڳ رکن. اندرين خاني پارٽي هڪڙي ئي رکن قائد تحريڪ جا دلي طور شيدائي. ٻين شهرن ۾ جلسه جلوسن تحريڪ جا ٽين ته ويگنون ۽ گاڏيون پري پهچن. انهن کي چندا به ڏين ۽ اڪثريت سنڌي آبادي سان وير ۽ تعصب رکن، ڪو سنڌي چڱو ناليوارو مري ته خوشيءَ ۾ نه ماپن، ٻار سڀ اردو ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهن، ڪوبه ٻار اسڪول ٽائيم ۾ گهٽيءَ ۾ ڪونه رلندو، اسڪول صاف سٿرو ماستر سڀ حاضر.

**سال - ٢٠٠٠ ايڪوهين صدي، مهينو: فيبروري ۽ هنڌ: ٽائون ڪاميٽي جمال پور**

ٽائون ڪاميٽي جمال پور جڙيل شاهه پاڙو سنڌي ماڻهن جي آبادي مختلف ذاتيون هر گهر جي دَر تي پنهنجي پنهنجي سردار جي فوٽن جا پينا فليڪس لڳل 20 ذاتيون 20 قومون سڏائن. سڀ ڏين پنهنجي پنهنجي سردار کي. گهٽيون سوڙهيون، ناليون اٽليل، گندگيءَ جا ڍير گهٽين ۾. پٽين تي چيٽا ٿقيل، ٻار تقريباً سنوڪر، لوڊن ۽ گيمن جي دوڪانن ۾. مرد ڳاڙهين، نيرن ۽ ساين ٽوپن سان هوٽل جي اندر بينچن تي فلمن ۽ گانن جو فرمائشيون، چانهن جا آرڊر، بيرن جي پچ پچان، پڪا پوڙها هوٽل جي ٻاهر بينچن تي جوانيءَ جي مُرسن جا قصا هڪ ٻئي کي ٻڌائڻ ۾ مشغول، ڪِين تان سگريٽ ٻيڙيون اوڌر جا بڪ پيا پرجن، گهر ڪچا، ڇَتيون ڇُتيون "يا الله، مينهن وٺو ته ڇپا ڪاڏي ڪندم توں ئي سائين تجاڻ رب" ٻچن وارن جون دعائن سان گڏ التجائون الله کي. گهرن ۾ به ڪتون، جست ۽ نڪر جا ٿانو ڪنهن ڪنهن گهر ۾ فرج، برف لاءِ پئسا هجن ته ڪولر به ظاهر ٿين، نه ته مٽ ۽ دلا ڊون ۾ صبح سان عورتون سوير اٿن، بچيل راتوڪي چانورن ۽ چانهه سان ٻارن جا پيٽ پرجن، مرد ڪي سمهيل گهرن ۾، ته ڪي هوٽل تي حاضر، بيروزگاري جا پوت، عورتون شيشا ڪٽن يا انبڙيون ۽ گجران چلن، ڪي رلهيون ٽاهن ته ڪي سوڙيون سبن، ڪپڙو لٽو چڱو چوکو گهٽ. ذاتن جا پاڻ ۾ جهيڙا، هر ذات قوم، گهٽي پاڳي ماڻهو لڪي هوشياريءَ سان گهمن "جنهن کي ذات تي غيرت ناهين اُن کي زال تي به نه ايندي." "ذات ڪانون کي به پياري آ" هڪ ٻئي کي چون، چورن جي جهيڙن ۾ چڱا چٽ، پڙهيل لکيل پروفيسر به ٻسٽُ، لچي جي لهس کان الله بچائي، لُڪيءَ ۾ ساهه ذات جڻ موت جي سَندَ، ڪارتوس ڪَڍ. ٻاهراڙيون ٻرن پيون، عطر جو سائين رکي سان جهيڙو، جبل وارا جلال سان چوٽ تي پيا وڙهن، ڳوٺ ويران جيڪي نه وڙهن ۽ ساهه کي ڪن پيارو سي لڏي وڃي زمينون ڇڏي شهرن جي پير ڏئي گڏهه گاڏا هلائن، بيت ڳجهارتون سگهڙن سميت اوطاقون سيئي سانت. باقي بچيون وڃي پاٽاريون جتي چوَرن جون چئويارين، ماڻهو مينهون ۽ موٽر سائيڪليون موٽائڻ جا مامرا پيا طئي ٿين، ٻار گهٽين ۾ يا گيمن تي، ماستر کي ڪڪڙ ڪڇ ۾، وڏيري جا ڪمدار ٿيا مجون مهتيندا وتن، ته ڪي وري يونين جا ليڊر ٿيو ٽوٽ ڪار جي دريءَ تي رکي سگريٽ ڇڪن، ماستر گوسڙو، اسڪول بند.

**سال - ٢٠١٢، مهينو: مارچ، وقت: صبح جو ۽ هنڌ: ٽائون ڪاميٽي جمال پور جو ڀر پاسو**

ٽائون ڪاميٽي جمال پور جي ڀرپاسي، مرحوم چوڌهري اسلام الدين جو پٽ چوڌهري چراغ الدين سان گڏ سردار اسدالله خان بذات خود، ڊي.ايس.پي تعلقہ، انن ٿاڻن جي پوليس، چوڌهري جي برادري، سردار جا واٺا وڏي تعداد ۾، چار پيري اڳ ۾ پيرا پيا ڪٽجن چوڌهريءَ جي برادريءَ جي همراهه مامو ٽاپو جي زمين تان موٽر چوري ٿي وڃڻ جا پيرا ڳوٺ سالاري ۾ پهتا، ڳوٺ کي ڪڙو، موچڙي جو زيپٽ، ڳوٺ ٻڌو، سردار جي گار مٿان گار، موٽر ملي، "چندن چورن کان ڇُڪ ٿي وئي آ" سردار کي منٿون، چوڌهريءَ جي پيرن تي سڄي ڳوٺ جون عورتون، قرآن ميڙ، سردار جي ڪاوڙ لهي ئي ڪونه.

"چوڌهري منهنجا ماڻهو آهن، مون ۾هٽ وڏا اٿو، ڪونه ڇڏيندو مانو." سردار جو دهمان.

ميجر صاحب جو فونون پيون اچن. ڊي.ايس.پي سوپارو ٽيڻ جو خبرون ۽ مبارڪون پيو ڏيس، چئن چورن جي گهرن کي باهيون، چيلا ۽ ٻڪريون موبائلن ۾ لکي ويون، ڳوٺ ٻڌجي سڄي اچي ٿاڻي تي پڳو. سردار وٽ فيصلو به لک ڏنڊ چوڌهرن کي ڏيو. هڪ لک پوليس جو ۽ ڳوٺ جا چڱا مڙس ميڙ ڪٽي چوڌهرين کان بخشرائين.

**سال - ٢٠١٢، مهينو: مارچ، وقت: ١٢ بجہ ۽ هنڌ: سردار جي بنگلي پر ۾ لانڍ**

سردار اچي وينو ڪٽ تي
راج وينو پَٽ تي

جلال، صوبدار، لال خان ۽ ٻُهَرَ وارا گڏ منهن لٽل. ڏاڙهين ۾ مٽي ۽ ڪک.

"ڏي حوال، سائين رکيا؟" وڏيري پڇيو.

سائين رکيو هٿ ٻڌندي چيو، "چوڪرا پڙهيا هن نوڪري ڏي وٺي."

"نوڪريون رکيون هن بس ڪٽڻ جي دير آ، شرم نه ٿو اچيوَ الاءِ ڪيئن بچايون ٿو اچانوَ نه ته پوليس لاکب ڏورائي نوڪريون ڪرائيو ها چڱي وڏيري نفرت ۽ ڪاوڙ مان وراٺيو."

راج سهمجي وڃي ٿو پر پوءِ به منٿ همٿ ڪري ٿو، "ٻيا راج ته مڙئي اڳتي وڌن پيا پوتار ۽ اسان..."

"هائو ٻيا راج ته جهازن ۾ پيا گهمن توهان رهجي ويا آهيو." وڏيري بچان مان جواب ڏنو.

"پوتار اسان ته آهيون جٽ، اسان کي خبر جهنگ جي اوهان آهيو بادشاهه اسان آهيون راج ڪنديءَ سان ٻڌڻ جهڙا مال مِثِل ماڻهو." فضل خوشامند ڪندي چيو.

سردار جي ڪاوڙ مرڪ ۾ بدلجي وئي.

"ڏيو حوال جلال؟" جلال اکين مان جَرَ هاريندي چيو، "حوال خير جا پوتار، تنهنجي سر بخت جو خير هجي، جڏهن پورا پئي سبيا ته اٺ اڳي ئي پئي رڙيا، توڏي پنڌ ڪندو رهيس ته خير ڪراءِ جيئن وٽي تيئن ڪر، سگ ڏين توڙي چٽيون، پر دعا گهر اچي خير جي، ڏاڙهي ته تنهنجي هٿ هئي ٻئي ڪان ڪيئن پتايان ها، سردار ته منهنجو تون هئين، ٻيو در هو نه ڳلو. آخر اهو ئي ٿيو جنهن جو پئو هو رات ڪاهه ڪيائون سڄي ڳوٺ کي ڪڙو چاڙهي باهه ڏنائون، چار پٽ ۽ نهان هڪ زال اڦٽ مارجي ويا، صوبدار جو هڪ پٽ زخمي ٻيو مارجي ويو، لال جا ٻه پائر مارجي ويا ٻُهَرَ جي زال ۽ ٻه ننڍڙا ٻار مري ويا. ڳوٺ سڄو رڪ تي ويو مال جيڪو بچيو سو ڪاهي ويا. سڄا سارا 13 لاش ۽ زخمي اگهاڙي آسمان هيٺ پيا هن قَتَن کي ليپ به ناهي لڳل، نه ڪو ڊاڪٽر، نه پوليس، نه مَلَمَ، نه فرياد."

سردار منهن تي هٿ ڏئي اوباسي ڏني ۽ چيائين،

"ٻيا ته خير اٿوَ؟"

سيني گڏجي چيو، "تنهنجي بادشاهي برقرار."

"ٻيا خير." ■



**حنيف عاطر جو ٽئون مجموعو**

**قيمت:** 250 رپيا، صفحا: 165

**ڇپيندڙ:** واسديو جاني، اميشا پبليڪيشن، ٽئون ڪوٽ

**ملڻ جو هنڌ:** ڪاتياري هائوس جهڏو ضلع ميرپورخاص.




تلڪ چا ڙهي ڪان هيٺ لهي هو سڌو حيدر چوڪ ڏانهن روانو ٿيو. ڪتابن جا اسٽال جانچيندي سگريٽ جو وڏو ڪش هڻندي سوچيائين، ”زندگي بہ ڪنهن ڏينهن سگريٽ جي ڦلي وانگي ڇڻي ويندي.“ ايندڙ ويندڙ ماڻهن ۽ گاڏين تي نظر وجهيو بي خياليءَ ۾ وڏا وڏا ڪش هڻندو رهيو، ”جي منير ٽائم تي اچي ويو تہ ٺنڊي آدم وارو ڪم مهلائتو ٿي پوندو.“ سلطان جون بي چين نگاهون روڊ جي ٻي پر پلاسٽڪ جو شاپر ڪٽي ويندڙ عورت ۾ کپي ويون. ”ڇوڪرين ڪان سواءِ زندگي بہ ڄڻ دوزخ ٿيو وڃي.“ بي چيني وڌڻ لڳي اٿس. مارچ جي آخري تاريخن ۾ حيدرآباد جي گرمي صبح صبح سان پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو آهي. هو واچ ۾ ٽائم ڏسي ٿو، 9.30 ٿيا آهن منير کي نائين وڳي جو ٽائم ڏنل هو. پر اجاتائين نہ پهتو آهي ڪيس بہ ڏينهن اڳ وارا واقعا ياد آيا. سلطان ۽ منير سراج رفيق جي فليٽ تي سٽل هئا اوچتو وزني بوٽن جو آواز سندن ننڊ ڦٽائي ويو. هن افراتفري ۾ سين دوستن کي ڏونڌاڙيو، پوليس جي ڇاپي جي صورت ۾ اڳ ۾ ئي سوچيل هئن تہ ڪيئن ڪبو، سيئي فليٽ جي پوئين دروازي ڪان ٻاهر نڪري پاسي واري فليٽ جي بالڪوني ۾ لهي ويا. پويان پوليس جو دروازي تي روايتي انداز ۾ ناڪ ڪرڻ جو آواز آيو پئي. هي سيئي پاڙي جي فليٽ جي بالڪوني مان لنگهندا **ٻئي فليٽ تائين پهتا اتان ڪان سندن رستا جدا ٿيئڻا** هئا. پويان پوليس شايد رفيق جي فليٽ جو در ٽوڙي اندر اچي ويئي هئي. ۽ ڪين اندازو ٿي ويو هئو تہ هي پاسي واري فليٽن ڪان نڪري ويا آهن تنهن ڪري هو واپس هيٺ موٽي سندن رستا روڪڻ لاءِ ڊوڙيا. سلطان ۽ ٻين دوستن اڪين ئي اڪين ۾ هڪ ٻئي ڪان موڪلايو، ”جيئي سنڌ“ سيني هڪ زبان چيو، ”جيئي سنڌ“ ۽ مخالف طرفن ڏانهن روانا ٿي ويا، سلطان هڪ فليٽ اڳتي ٽپي هيٺ لهندڙ ڏاڪڻين تان



اسد خاصخيلي

ڊوڙندو فليٽ ۾ داخل ٿي ويو شڪر جو فليٽ جو در اندران بند نہ هو فليٽ ۾ پهچي ڪجھ دير هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين گهر ٻاتي سٽل هئا فليٽ ۾ ترسڻ کي بي وقوفي سمجهي ٻاهر نڪتو. ۽ ڇاڙهيون لهي ٻاهر گلي ۾ نڪري آيو. هي گلي رفيق واري فليٽ جي گلي جي ٻئي پاسي هئي ۽ ان ۾ گهگھ اوندھ لڳي پئي هئي پوئين گلي مان پوليس وارن جي سيٽين، هڪلن ۽ گارين جا آواز ڇٽا ٻڌڻ ۾ پئي آيا، ”اڙي ڏسو ماءَ جا .... هن پاسي ويا هوندا.“

”اڙي پيڻ جا ... ڪيڏهن ويندا هوندا اتي ئي.“ سلطان يڪ ساهي ڊوڙ ڪڍي اها گلي بہ پار ڪري ويو. هلندي هلندي واچ ۾ ٽائم ڏٺائين رات جا اڍائي ٿيا هئا، ”پوليس بہ سدائين هن مهل ريڊ ڪندي آهي“ ڇپن ئي ڇپن ۾ مرڪي سوچيائين.

هي هلندي هلندي ٿڪجي پيو هو. ”هاڻ پوليس جو خطرو ٽري ويو آهي پر رات ڪٿي گذارجي؟“ هو ٻين ساٿين لاءِ بہ بي چين هو، ”مرشد سائين سين کي سلامت رکندو.“ ائين چئي هڪ گلي ۾ مڙيو. ۽ رات گذارڻ لاءِ هڪ پارڪ ۾ وڻن جي هڪ جهڳٽي ۾ وڃي ويٺو. صبح جي روشني جيئن ئي رات جي اونداهي کي دور ڪرڻ شروع ڪيو هن بہ هيڏنهن هوڏانهن ڏسي هلڻ شروع ڪيو اڳتي وڃي هڪ ڇپرا هوٽل تي پيل نادي مان پاڻي جي ٻڪ ڀري منهن تي ڇنڊا هنيائين وارن کي پسيل هٿ هڻي آڱرين سان ئي ڦڻي ڪري وري هلڻ شروع ڪيائين هلندي هلندي قاسم آباد جي بيڪ سائڊ ڪان وجود ۾ آيل نئين آبادي واري علائقي ۾ پهچي ويو سائين مراد شاه وارو چوڪ ڪراس ڪري ٻہ ڳليون اڳتي ٽپي هڪ گلي ۾ مڙي ويو نيري رنگ واري لوهي در اڳيان بيهي ٽي ڀيرا ان کي کڙڪايائين. هڪ نوجوان ڇوڪري اکيون مهٿيندي دروازو کوليو. سلطان کي ڏسي ڇوڪري ڇرڪي ۽ سندس حلئي تي سرسري نظر وجهي دروازي ڪان هٽي اندر اچڻ جو اشارو ڪيائين، سلطان

ڪنڌ جهڪائي اندر داخل ٿيو. ٻن ڪمرن جي ننڍڙي گهر ۾ زندگي سجاڳ ٿي چڪي هئي ڪمري جي ڪنڊ ڪان وڇايل مصلي تي وحيده جي نابين ماءُ ڪلثوم تسبيح جا داڻا سورينديي مالڪ سان الئي ڪهڙا راز و نياز ڪري رهي هئي. وحيده جو ننڍڙو پاءُ ۽ پيڻ اسڪول لاءِ تيار پي ٿيا. انهن جي حرڪتن ۾ اها معصوم ڪينچل نہ هئي ٻارڙا وقت کان اڳيئي وقت جي ٻولي سمجهي چڪا هئا. سلطان بنا ڪجھ ڪچڻ ڳالهائڻ جي پٽ تي وڇايل فراسي تي ويهي رهيو. بوٽ لاهي سگريٽ لاءِ پاسي واري ڪيسي ۾ هٿ هنيائين، ”اڙي مار، سگريٽ ڪڏهوڪا ختم ٿي ويا.“ مايوسي مان مڇين کي مروٽڻ لڳو. وحيده پر واري ننڍڙي بورچي خاني ۾ ناشتو تيار پئي ڪيو. ٿوري دير ۾ چانهن ۽ سڪل ڊبل روٽي آڻي سلطان اڳيان رکي پڇيو، ”وري پوليس کان پڳو آهين؟“ ايتري دير ۾ اهو پهريون جملو هو جو وحيده ڳالهائيو هو. سلطان ڪابہ ورندي نہ ڏني. ۽ ٿالهي مان ڊبل روٽي سلائيس ڪڍي گرم چانهن مان ٻوڙي کائڻ شروع ڪيائين. وحيده اٿي ننڍڙي پاءُ پيڻ کي تيار ڪرڻ لڳي. سلطان سڪل ڊبل روٽي کائي چانهن پي فراسي تي آهلجي پيو. ”تون آرام ڪر مان آفيس ٿي هلان.“ اوچتو سندس اک وحيده جي آواز تي کلي الائي ڪيڏي مهل سندس اک لڳي هئي. وحيده تيار ٿي آفيس لاءِ رواني ٿي رهي هئي. سندس پاءُ ۽ پيڻ پهريائين اسڪول روانا ٿي چڪا هئا سلطان وحيده کي ڪا بہ ورندي نہ ڏني وحيده سندس مک ۾ نهاري مايوسي مان ڪنڌ ورائي ڪمري جي ڪنڊ ۾ مصلي تي ويٺل پنهنجي ماءُ ڏانهن نهاريو. ”امان سلطان اڄ هت ئي هوندو تون فڪر نہ ڪجان مان ٽائيم تي موٽي ايندس.“ سندس امڙ چپن ئي چپن ۾ ڪجھ پڙهي وحيده تي ڦوڪاريو. ”امان الله جي امان ۾. بادشاه پير دستگير پلايون ڪندو.“ وحيده رواني ٿي تہ هن بہ اٿي دروازو اندران بند ڪيو. سگريٽ جي ٻاڙ سلطان کان برداشت نہ ٿي تہ ماسي ڪلثوم کان پيڙي گهرڻ جو سوچيائين پر اهو ارادو رد ڪري فراسي تي آهلجي پيو.

*

سلطان ۽ سندس دوست پنهنجي وطن جي آجپي ۽ خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪندڙ گروپ جا سرگرم رڪن هئا. هنن جي گروپ جو نظريو هو، ”آزاد سنڌ ئي دراصل سڀن مسئلن واحد حل آهي. آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ عوامي جدوجهد سان گڏوگڏ گوريلا لڙائي جي ڪردار جا بہ حامي هئا. سلطان ۽ سندس ساٿي سامراجي وسيلن کي ڪمزور ڪرن لاءِ مختلف جڳهن تي بم ڌماڪا بہ ڪري چڪا هئا. فريده سان سلطان جي دوستي يونيورسٽي واري دور کان شروع ٿي هئي پوءِ اها دوستي محبت م تبديل ٿي ويئي پر ٻنهي جي سامهون زندگي گذارڻ جا الڳ الڳ مقصد هئا سلطان جي اکين ۾ آزاد سنڌ جو خواب هو تہ فريده وري پنهنجي نابين ماءُ ۽ ننڍڙي پاءُ ۽ پيڻ جي مستقبل لاءِ پريشان هئي، هنن محبت کي روايتي شادي جي ٻنڌڻن سان نہ ٻڌو. سلطان گوريلا لڙائي جي ٽريننگ وٺڻ لاءِ بلوچستان جي پهاڙن ۾ قائم ٿيل ڪئمپ ڏانهن روانو ٿيو تہ فريده زندگي جو گاڏو گهلڻ لاءِ هڪ اين جي او کي جوائن ڪري ورتو، پاڪستان ۾ انهن ڏينهن ۾ اين جي او ڪنپين وانگي ڦٽي نڪتيون هيون ماڻهن جي خوشحالي جو نعرو هڻندڙ ۽ انساني حقن جا علمدار ٿي انهن جيڪي ڪيس ڪيا هئا اهي ڪنهن کان ڳجها نہ هيا. سلطان کي فريده جو اين جي او ۾ نوڪري ڪرڻ پسند نہ هيو. پر ان کان روڪڻ بہ هنن جي ان اڻ لکيل قانون جي خلاف ورزي ٿئي ها جنهن ۾ هنن ٻنهي جڻ تہ طئہ ڪري ڇڏيو هو تہ هڪ ٻئي جي زندگي ۾ دخل نہ ڏيندا. 2.30 تائين ٻارڙا بہ اسڪول کان موٽي آيا. سهٽي ڏهن سالن جي هئي ۽ هن ننڍڙي عمر ۾ ئي گهر جي ڪمن کي سمجهي ورتو هو. ان صبح جو تيار ٿيل ٻوڙ ۽ ماني گئس واري چلھ تي گرم ڪري ننڍڙي عارف ۽ سلطان اڳيان رکي. ماني کائي سلطان کي وري سگريٽ جي ٻاڙ لڳي تہ گهر کان ٻاهر نڪري ڪنڊ واري پان جي ڪئبن تان پن جون پيڙيون وٺي گهر ڏانهن موٽيو. في الحال دوستن ڏانهن وڃڻ يا پارٽي سان رابطو ڪرڻ نقصان ده ثابت ٿي پئي سگهيو. سلطان کي خبر هئي تہ پارٽي اندر ڪي اهڙا مفاد پرست بہ آهن جيڪي پئسن عيوض معلومات ايجنسين کي ڏيندا آهن. هنن جيڪو منصوبو ٺاهيو هو ان لاءِ رازداري ئي سڀ کان اهم شي هئي منصوبي مطابق سلطان، منير ۽ ياسين کي ٽنڊي آدم جي لاڪپ ۾ بند پنهنجي پراڻي ساٿي غفار کي آزاد ڪرائڻو هيو. ۽ ان کي سلامتي سان سنڌ جو باردر پار ڪرائي بلوچستان جي پهاڙن ۾ قائم پنهنجي خفيہ نڪاڻي تي پهچائڻو هيو ان منصوبي جو اهم حصو اهو بہ هيو تہ بدنام زمانہ ايس ايچ او قاسم جيلاني کي بہ موت جي ننڊ سمهارڻو هو، قاسم جيلاني ڪيترن ئي قومي ڪارڪنن کي چيچلائي عذاب ڏيئي مارڻ لاءِ مشهور هو غفار کي بہ گرفتاري کان پوءِ ٽنڊي آدم ۾ قاسم جيلاني حوالي ان ڪري ئي ڪيو ويو هو تہ غفار تي تشدد ڪري سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ نيٽ ورڪ جي باري ۾ معلومات وٺي. ۽ بلوچستان ۾ ڪئمپ جي باري ۾ بہ خبر رکي وڃي ، قومي ساٿين پاران هڪٻئي پويان ٿيندڙ حملن تي حڪومتي مشنري دهليل هئي، هڪ پاسي اسلام آباد، لاهور ۽ ڪراچي جهڙن شهرن ۾ طالبانن پاران ٿيندڙ حملا هئا جنهن ۾ وڏا وڏا فوجي آفيسر، وزير ۽ ڪامورا مارجي چڪا هئا تہ ٻئي پاسي سنڌ اندر ٿيندڙ حملن حڪومت کي چريو ڪري ڇڏيو هو. غفار جي گرفتاري انهن لاءِ وڏي اهميت جوڳي هئي ان ڪري ئي ڪيس گرفتار ڪري يڪدم ٽنڊوآدم نيو ويو. سلطان ۽ سندن ساٿين کي رات ئي اهو حڪم مليو هو تہ ڪيئن بہ ڪري غفار کي آزاد ڪرائڻو آهي. ان لاءِ هنن منصوبو بہ جوڙي ورتو هو پر پوليس جي ريڊ سبب هنن لاءِ ان منصوبي تي عمل ڪرڻ ممڪن نہ رهيو هو - هنن ان صورت ۾ اڳ ۾ئي سوچي ڇڏيو هو تہ ڇا ڪرڻو آهي.

شام اٿين وڳي در جي آوز تي ٻنهي ٻارڙن هڪ زبان ٿي چيو، ”ديدي اچي ويئي“ سلطان چرڪي در ڏانهن ڏٺو ٿوري دير ۾ فريده بہ گهر ۾ داخل ٿي. فريده جي هڪ هٿ ۾ اخبارن جو بنڊل هيو ٻئي هٿ ۾ شاپر ۾ بند ٿيل برياني ۽ ٻوڙ هيو . سلطان چپ چاپ فريده کان اخبار ورتي. ۽ ان ۾ رات واري خبر ڳولڻ لڳو، اخبار ۾ رات واري واقعي جي حوالي سان ڪا خبر نہ هئي. البتہ غفار جي گرفتاري جي خبر سندس تصوير سان نمايان ڇپيل هئي، ” سنڌ جو بدنام ڌوهاري ۽ ڀتاخور گرفتار. غفار ڪيترين ئي ڦر ۽ اغوا جي وارداتن ۾ ملوث آهي ـ پوليس.“ هن زور سان اخبار ديوار ۾ اڇلي هنئي.

”اندر جي ڪاوڙ اخبار مان ڪڍڻ جو ڪهڙو فائدو؟“ فريده سندس پر ۾ ويهندي برياني هن اڳيان رکي. ”هي ڪيستائين سچن ۽ محب وطن ماڻهن کي ڀتا خور ۽ ڌاڙيل سڏيندا رهندا. اسان جي ڌرتي اسان جي وسيلن تي ڌاڙو هڻي هي پاڻ کي پاڪ شفاف ٿا سمجهن!!“ فريده سلطان جي انداز تي خاموش ٿي ويئي. سلطان فريده جي خاموشي تي اکيون کڻي فريده کي ڏٺو. فريده جي اکين ۾ تري ايندڙ پاڻي سلطان لاءِ نئون نہ هو. فريده جي ڳلن جي جهڪي ٿيندڙ لالاڻ ۽ چپن کي ٿر جي واري وانگي سڪندو اڳ بہ ڏٺو هئائين پر هاڻ ان ۾ مڪلي واري مايوسي اچي ويئي هئي.

*

فريده يونيورسٽي جي حسين ڇوڪرين مان هئي پر لڳو ٿي هاڻ چنڊ کي گرهڻ لڳڻ شروع ٿيو هو. رات جو ٻارن کي ماءُ سان سمهاري هي سلطان جي پر ۾ اچي ستي سلطان ٻانهن ڪنڌ هيٺانهن ڏيئي سوچن جي جهان ۾ وڃايل هو فريده جي جسم جي خوشبوءِ محسوس ڪري ان کي چڪي ڇاتي سان لاتائين فريده جي وارن ۾ آڱريون ڦيريندي سلطان کي اهي ڏينهن ياد اچي ويا جڏهين سوچيندو هو تہ فريده جي ساٿ کان سواءِ زندگي اڻ پوري آهي، سلطان جون آڱريون فريده جي وارن کان ٿينديون هيٺ ڪلهن تائين پهتيون فريده جي جسم جي ڪچي مٽي جهڙي خوشبوءِ ۽ اپي اره جون چلولايون سلطان کي سپنن جي حسين جهان ۾ وٺي ويئون، سلطان کي ٽنگن وچ ۾ سرسرا محسوس ٿي مٿي اٿي پنهنجي قميص ۽ سلوار لاهي فريده جي چولي ۾ هٿ وڌائين. فريده خاموشي سان چولو لاهي پاسي تي رکيو. ۽ پويان هٿ وجهي بريزيئر جو بٽڻ کولي ڇڏيو. الاسٽڪ وڌل سلوار لاهي سلطان جي پاسي ۾ ليٽي پيئي. سلطان فريده جي چڪيل ڇاتين کي چپن سان چوسيندو رهيو ۽ پوءِ رسڪندو هيٺ تائين آيو. جوش ۽ جذبو سنڌو جي لهرن جيان وڌندو ويو. آخر ساڻو ٿي فريده جي پاسي ۾ ليٽي پيو، اوچتو پنهنجي ڇاتي تي آلاڻ محسوس ڪري چرڪيو. فريده خاموشي جي آواز ۾ سڏڪي رهي هئي. سندس ننگو بدن سرءُ جي پيئري پن جيان اونداهي ۾ لڏي رهيو هو

سلطان فريده کي چڪي چاتي سان لاتو. پر فريده جي جسم جو زلزلو جهڪو نہ ٿيو. ۽ منهن زور سان سندس ڇاتي ۾ وجهي رڙيون روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، سلطان سندس ننگي پٺ تي هٿ ڦيريندو رهيو. پر ڪيس روئڻ کان نہ روڪيائين. نيٺ فريده چيو، ”سلطان مان هاڻي ٿڪجي چڪي آهيان. مردن جي هن دنيا ۾ جتي سڀئي بگهڙ رهن ٿا. عورت صرف جنسي اڃ اجهائڻ جو هڪ ذريعو آهي، جتي مان نوڪري ڪيان ٿي اتي جي ڊائريڪٽر کان وٺي پٽيوالي ۽ ڊرائيور تائين هر ماڻهو جي خواهش آهي تہ مان انهن سان سمهان. هن دنيا ۾ سڀئي مرد هڪ جهڙا آهن چاهي ملان هجن سوشل ورڪر يا وري سياسي رهنما. انهن لاءِ عورت صرف ۽ صرف جنسي اڃ اجهائڻ جو رانديڪو آهي.“ فريده هاڻ زور زور سان ڏسڪي رهي هئي، ”مان هاڻ ٿڪجي پئي آهيان سلطان، لڳي ٿو مان هاڻ پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏينديس. يا انهن کي ماري ڇڏينديس، جيڪي چند ٽڪن جي نوڪري عيوض اسان سان زوري زنا ٿا ڪن.“ سلطان کو بہ جواب نہ ڏنو خاموشي سان سڀ ٻڌندو رهيو، ”تون بہ تہ انهن مردن وانگر ئي آهين. جڏهين توکي جسم جي اڃ اجهائڻي هوندي آهي توکي منهنجي ياد ايندي آهي، ڪيڏاهن ويا اهي حسين زندگي جا خواب خوشي ۽ غمي ۾ هڪ ٻئي سان گڏ گذارڻ جا وعدا تون ڇو انهن وعدن کي ياد ڪندينءَ توکي بنا ڪنهن جستجو جي منهنجو جسم جو حاصل آهي.“ فريده ڳالهائيندي ڳالهائيندي چپ ٿي ويئي. سلطان محسوس ڪيو تہ سندس نسن ۾ رت بدران نفرت پئي ڊوڙي. پر اها نفرت ڪنهن لاءِ هئي پنهنجو پاڻ لاءِ فريده لاءِ يا وطن دشمنن لاءِ هئي، فريده چپ چاپ اٿي پنهنجو جسم صاف ڪيو ۽ پوءِ ڪپڙا پائڻ لڳي. سلطان بہ پاسي ۾ پيل سلوار پائي ٻانهن ڪنڌ هيٺانهن ورائي وري خيالن جي جهنگ ۾ گم ٿي ويو. سلطان فريده جي باري ۾ سوچيندو رهيو، ”مان فريده کي هنن سڀني مسئلن مان ڪڏي سگهان ٿو جيڪڏهن مان هن جو ساٿ ڏيان تہ هن جي زندگي خوشگوار ٿي سگهي ٿي.“ اوچتو سلطان کي وسيم ياد آيو جنهن جي هٿن ۽ پيرن جا ننهن چمٽن سان پٽيل هئا جنهن جو سڄو جسم سگريٽن سان داغيل هو آزاد ٿيڻ جي ٽن ڏينهن اندر رت ٿوڪاري وسيم شهادت جو اعزاز ماڻيو. سلطان وسيم ۽ غفار جهڙن جي زندگي سندن پنهنجي زندگي نہ هئي. قوم ۽ وطن جي امانت هئي هنن کي پنهنجي وطن کي انهن هلاڪن ۽ چنگيز خانن کان نجات ڏيارڻي هئي. اتي اهڙو صبح آڻڻو هو جنهن ۾ ڪا بہ فريده پنهنجي جسم جي عصمت لٽائڻ لاءِ مجبور نہ هوندي جتي نہ لوليون لڇنديون نہ لولا لڇائيندا. □سلطان لمحاتي جذبات مان نڪري آيو. فريده مايوس ٿي نن‍ڍڙن ٻارڙن سان وڃي ستي.

ٻئي ڏينهن طئہ ٿيل پروگرام مطابق سلطان حيدر چوڪ تي پهچي ويو. ٿاڻي تي حملي لاءِ اسلحي جو بندو بست ياسين کي ڪرڻو هو. هن بيچيني ۾ گهڙي ۾ وقت ڏٺو. ڏهن مان پندرهن منٽ گهٽ هئا. منصوبي مطابق هن جو هاڻ حيدر چيڪ تي بيهڻ خطرناڪ هو. پڪ منير سان ڪو واقعو ٿي چڪو هو هاڻي هن کي اڪيلي سر ياسين سان رابطو ڪري پلان کي اڳتي وڌائڻو هو. سلطان آهستي آهستي اسٽيشن طرف هلڻ شروع ڪيو. ٽيشن تان ٽنڊي آدم جو ٽڪيٽ وٺي پليٽ فارم تي ماڻهن جي انبوه ۾ سمائجي ويو هن جون نظرون چوطرف ڦري رهيون هيون. منير جو نہ اچڻ هن کي شديد خطري جو احساس ڏياري رهيو هو، ”پڪ سان منير گرفتار ٿي چڪو آهي.“ اهو ئي خيال هن کي بار بار ستائي رهيو هو، ”جي منير گرفتار ٿيو آهي تہ ڪٿي سڄو پروگرام نہ ايجنسين تائين پهچي. منير آهي تہ مڙس ماڻهو، مار سهسائي ويندو. متان نہ ٻڌائي؟“ پر سلطان کي ايجنسين جي مار جي خبر هئي. انهن لاءِ مشهور هو تہ هڪ دفعو مردو بہ زبان کولي ڳالهائڻ تي مجبور ٿي پوندو آهي انهن ئي سوچن ۾ غلطان هي ريل تي چڙهي وينو. ڪوشش هئس تہ ٻين ماڻهن ۾ نمايان نظر نہ اچي پنجاب ڏانهن ويندڙ سرائڪي ڳالهائيندڙ لاڏائو ماڻهن جو گروپ ڏسي انهن جي پاسي ۾ باٿ روم اڳيان ئي ويهي رهيو. ٽنڊي آدم جي اسٽيشن اچڻ کان اڳ جيئن ئي گاڏي ڍري ٿي هي لهي ويو. پٽڙي جو پاسو ڇڏي پري تائين ڦهليل ڪٽڪ جي فصل ڏانهن رخ رکيائين. اجا لابارن ۾ دير هئي ڪٽڪون آيون تي آيل هيون. سلطان هلندو رهيو اڳتي ڪمند جو فصل ڏسي ان جي وچ ۾ هڪ محفوظ جاءِ ڏسي آهلجي پيو. ڪمند ۾ اٻس ۽ گهٽ هئڻ سبب سلطان جو ساهه منجهڻ لڳو. ڪيس فريده جون اگهاڙيو ڇاتيون ياد آيون جيڪي سڏڪن دوران هنجي سيني سان اٽڪي رهيون هيون. ”سلطان اها ئي تہ اٿئي زندگي موٽي وڃ وڃي فريده سان زندگي جا ڏينهن گذار. ڇا رکيو آهي هن زندگي ۾. رڳو پيچ پچان خوف ۽ ڊپ. ڇڏي ڏي هنن راهن کي، جتي رڳو جيل جبل ۽ ٿاڻا آهن. هي زندگي تہ حسينن جا ماڻا ماڻڻ لاءِ آهي. موٽي وڃ سلطان موٽي وڃ.“ هن جي تصور ۾ اپريو وطن جو جهنڊو جنهن هيٺانهن ٻيهي قسم کاڌو هئائين تہ مرڻ گهڙي تائين وطن ۽ وطن جي ماڻهن لاءِ جدوجهد ڪندو رهندو. قسم کان اڳ سڀني ساٿين پنهنجي چيچ کي چهڪ ڏيئي رت ڪڍيو هو. ۽ ان کي هڪ ٿانءُ ۾ ملائي سڀن اهو رت پنهنجي نرڙ کي هنيو هو ۽ قسم کنيو هئائون، ”مرڻ گهڙي تائين هو هڪ ٻئي جو ساٿ نہ ڇڏيندا جيسين تائين وطن آزاد نہ ٿيندو سک سان نہ ويهندا انهن.“ سوچن سلطان کي نئون حوصلو ڏنو ۽ پنهنجي موجوده مهم بابت سوچڻ لڳو ياسين جو ٽنڊي آدم ۾ ولڪنائيزنگ جو دڪان هو جيڪو هٿيارن ۽ ٻيو ٻيو خفيہ سامان رکڻ لاءِ بهترين ٺڪاڻو هو. اڳي بہ ياسين هن سان هڪ ٻن مهمن ۾ گڏ رهي چڪو هو. انتهائي جيالو ۽ وطن تان سر گهورڻ وارو ساٿي هو. سلطان کي هاڻي سج لهڻ تائين ڪمند ۾ انتظار ڪرڻو هو سج جي روشني هن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي پي سگهي. جڏهن سج اولهہ ۾ پنهنجو ڪنڌ لڪايو تہ سلطان بہ اٿي بيٺو ۽ پري کان نظر ايندڙ ٽنڊي آدم جي شهر ڏانهن روانو ٿيو، گهرن جي چمنين مان اٿندڙ دونهون، ماڻهن ۽ گاڏين جو شور معمول مطابق هو. پر سلطان ان منظر مان لطف اندوز ٿيڻ بجاءِ محتاط نظرن ۽ قدمن سان ڪچي ٻني تان هلندو رهيو. هي جڏهن شهر ۾ داخل ٿيو اونده ڇائنجي چڪي هئي. ۽ بجلي جا بلب ان اونده کي چيرڻ ۾ ناڪام هئا، سلطان بازار مان هلندو ياسين جي ورڪشاپ اڳيان متيو هن پري کان ئي طائرانہ نظرن سان جائزو وٺي ڇڏيو هو. هن جي تجربہ ڪار نگاهن ٻڌايو تہ ڪو بہ خطرو نہ آهي. ڪنهن بہ خطري جي صورت ۾ ان کي منهن ڏيڻ لاءِ هي پوري طرح تيار بہ هو. ورڪشاپ اڳيان لنگهندي هن هٿ ۾ ڪنيل پٿر زور سان پٺ تي هنيو ڪرسي تي ويٺل ياسين ڇرڪي هن ڏانهن ڏٺو. ۽ مٿو ڪنهي زور سان پٺ تي ڪنگهارو ٿڪيائين. سلطان ورڪشاپ تي بيٺو ڪو نہ ۽ اڳتي هلندو ويو. اهو يقين ڪرڻ لاءِ تہ ڪو هن جي پٺيان لڳل تہ ڪونهي. هن ٻن ٽن ڳلين ۾ اجايا ڦيرا ڏنا جڏهن خاطري ٿيس تہ ڪير هن جي پويان ڪونهي. هي اسپتال جي ديوار ٽپي وري فصلن ڏانهن لهي ويو. فصلن ۾ اسپتال جي ديوار جي متوازي هلندي هلندي ٻير جي وڻ هيٺ پهچي پاسو ڏيئي ويهي رهيو هاڻ هن کي رڳو انتظار ڪرڻو هو. جڏهن گهڙي ۾ رات جا ٻارنهن ٿيا تہ هن پريان کان هلڪن قدمن جو آواز ٻڌو. ڪو ان رستي کان اچي رهيو هو. سلطان چيتي جهڙي ڦڙتي سان اٿي ٿورو رستي کان پر پرو ٿي بيٺو ڪنهن غير جي هئڻ جي صورت ۾ هي ان تي حملي لاءِ بلڪل تيار هو پوليس جي هئڻ جي صورت ۾ هي زنده گرفتاري کان موت کي ترجيح ڏيئي ها. اچڻ وارو ٻير جي وڻ هيٺ بيهه رهيو ۽ زور سان پير زمين تي هنيائين. اچڻ وارو هن جو ساٿي ياسين هو، هي بہ ٻاهر نڪري آيو ٻنهي هڪٻئي کي ڏسي جهيڻي آواز ۾، ’جيئي سنڌ‘ چيو ۽ هڪ ٻئي سان ڀاڪرين پئجي ويا. الڳ ٿيڻ کان پوءِ ياسين پاڻ سان گڏ آندل هڙ کولي ان مان بہ ريوالور ڪڍيا هڪ سلطان کي ڏنائين ۽ ٻيو پنهنجي سلوار جي ور ۾ هڻي ڇڏيائين. هڙ مان ڪجهه دستي بم ڪڍي سلطان کي ڏنائين ۽ ڪجهه پاڻ وٽ رکيائين، ”سلطان قاسم جيلاني اڄ غفار کي ٿائون ٿاڻي تي وٺي ويو آهي اتي ڪجهه ٻيا آرمي جا آفيسر بہ آيل آهن جنهن ۾ ڪاسائي جي نالي سان مشهور ميجر تيمور بہ آهي اڄوڪو مشن ان ڪري بہ ڏکيو آهي تہ اڄ اتي آرمي وارن جو پهرو هوندو. پر انهن کي ڪنهن حملي جو ڊپ نہ آهي. هو سنڌين کي اڃا تائين گدڙ سمجهن ٿا ان ڪري ٻي ڊپائي سان ڌنڌي ۾ پورا آهن. پاڻ ٿاڻي جي الهندي ديوار کان سپاهين کان لڪندا اندر داخل ٿينداسين.“ ياسين سلطان کي منصوبو سمجهائيندي چيو، ”غفار کي لاڪپ مان ڪڍڻ بعد پاڻ شهر جي مخالف طرف

واري فصلن ڏانهن ويندا سين. اتي فصلن ۾ هڪ جيپ بيٺل آهي جنهن تي پهريائين دادو ۽ پوءِ بلوچستان ڏانهن وڃبو." سلطان خاموشي سان منصوبو ٻڌندو رهيو پوءِ ٻنهي هڪ ٻيرو ٻيهر هڪٻئي کي پاڪر پاتو. ياسين ڪچي رستي تان اڳتي هلڻ شروع ڪيو ۽ سلطان ڪجهه فاصلو رکي ان جي پويان هلندو رهيو. ٺائون ٺاٺو شهر جي ٻاهرئين پاسي هو ان ڪي ان لاءِ چونديو هئائون ته جيئن آرمي وارن جي اچ وڃ ماڻهن جي نظرن کان اوجهل رهي. ٻئي هلندا اچي ٺاٺي جي ديوار تائين پهتا پٺ جي پاسي ۾ ويهي ياسين ۽ سلطان ڪجهه دير تائين ماحول جو جائزو وٺندا رهيا. پوءِ 'جيئي لطيف' چئي ياسين ديوار تي هٿ ڄمايا ۽ ٻلي وانگر خاموشي سان پٺ ٽپي ويو. ڪجهه دير ترسي سلطان به پٺ تي هٿ ڄمائي ٻي پر لهي ويو اتي ياسين اڳ ۾ ئي موجود هو ٻئي ٺونٺن پر رڙهندا لئي جي ٻوڙن جي پاسي ۾ آيا. پري کان ٺاٺي جي عمارت ۽ صوبيدار جي ماڙي صاف نظر اچي رهي هئي. "مان ٺاٺي واري سائڊ تي ٿو وڃان تون صوبيدار جي ماڙي ڏانهن وڃ غفار کي به صوبيدار جي ماڙي ڏانهن وٺي آيا هوندا پڪا ڳاڇا لاءِ مان ٺاٺي تي حملو ڪري سندن ڌيان او ڏانهن ڇڪائيندس تون ماڙي طرف وڃي غفار کي آزاد ڪراءِ. ياد رک غفار جي زندگي پاڻ ٻنهي جي زندگين کان وڌيڪ قيمتي آهي." سلطان ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي. ۽ پوءِ ٺونٺن پر رڙهندو ماڙي ڏانهن وڌيو. ٺاٺي جي عمارت ۾ گند گاهه هن لاءِ بهترين اوٽ جو ڪم ڏنو. ماڙي ويجهو پهچڻ سان هن جي ڪنن ۾ ماڻهن جي ڳالهين جا سڙٻاٽ به اچڻ شروع ٿيا هن پنهنجي ريوالور کي چيڪ ڪيو ۽ مضبوطي سان هٿ ۾ پڪڙي رکيو. هڪ هٿ ۾ دستي بمن واري ٿيلهي هئس، هي اجا ڪجهه اڳتي رڙهي ويو ڪجهه فوجي ٻا هر بيٺل جيپن جي پاسي کان بيٺل هئا. ڪجهه اترين ڪنڌ کان پهري تي بيٺل هئا. اپرندي پاسي کان ڪجهه اونده هئي. ۽ اتان کان نم جي وڻ جو هڪ ٽار ماڙي جي ڇت تائين ويو پئي. سلطان پوئتي هٽي ڦيرو ڪڍي نم جي وڻ تائين پهتو. ۽ ڦڙتي سان نم جي گهاٽي وڻ تي چڙهي ويو ماڙي اندران رڙين ۽ آهن جا آواز اچڻ شروع ٿي ويا هئا. يقينن هو غفار تي تشدد ڪري رهيا هئا. سلطان جي رڳن ۾ ڇٽڳون ٻرڻ لڳيون. هي بانبڙا پائيندو ماڙي جي ڇت تي لهي ويو. ڇت تي پرينءَ پر هڪ فوجي رائفل ساڻ موجود هيو. ۽ سگريٽ جا ڪش هٽي رهيو هو ان ڪي به پنهنجي ٻين ساٿين جيان سنڌين مان حملي جو ڪو خوف نه هو ان ڪري بي خوف ٿيو سگريٽ سان دل وندرائي رهيو هو. سلطان آهستگي سان پويان وڃي ان جي منهن تي هٿ ڄمائي ٻنهي هٿن سان موڙو ڏيئي زور ڏنو هڏي ٽٽڻ جو آواز آيو ۽ ڪماندو اکين ۾ حيرت پري موت جي سفر تي روانو ٿيو. سلطان فوجي کي آهستگي سان ريڙهي ٽانڪي واري سائيڊ کان ڪٽي وڃي سمهاريو. سلطان کي ڪو خيال آيو ۽ جلدي سان فوجي جي وردي لاهي پاڻ پائڻ شروع ڪيائين. وردي پائي خبرداري سان هيٺ لٿو ماڙي جي پيلر کي ٽيڪ ڏيئي واءِسواءِ ورتائين. آواز وچين ڪمري مان اچي رهيا هئا. هي وڌي اچي ان ڪمري تائين پهتو، "ٻڌاءِ ڪٿي آهي توهان جي ڪئمپ ماءِ جا" قاسم جيلاني جو آواز آيو. موت ۾ رڳو خاموشي. "يه ايسي نهين بتائي گا" ميجر تيمور جو آواز اڀريو. سلطان آهستگي سان دري جي درزن مان اندر جهاتي پاتي، اندر ڪل پنج ماڻهو هئا هڪ ته قاسم جيلاني هو ۽ ٻيو ميجر تيمور ۽ ٽي فوج جا سپاهي هئا. غفار اگهاڙو هڪ تختي سان ٻڌل هو سندس سڄي جسم مان رت گهارا ڪري وهي رهيو هو. غفار جي سڄي چمڙي گهاون سان پريل هئي. پير سڄيل هئس ۽ هٿن پيرن جا ننهن نڪتل هئس. غفار پربت جيڏو مڙس هو جڏهن اٿي ٻيهندو هو ته هن جي ڏيل ڏول جي ڪري ماڻهو هيسجي ويندا هئا، سنڌ ۾ انقلابي گوريلا لڙائي ۾ سندس وڏو هٿ هو ڪارڪنن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي تربيت ڏيارڻ غفار جي ذمه دارين ۾ هو. ميجر تيمور جي اشاري تي هڪ سپاهي تتل شيخ ڪٽي آيو. "مين تم سي آخري بار پوچهتا هون بتا دي اپني ساٿيون ڪي نام اور ٺڪاني ورنه اندا هوجا ئيگا عمر پر ڪي ليي." غفار جي چپن تي نفرت پري مرڪ چائنجي ويئي ۽ جيئن ئي ميجر تيمور ويجهو آيو پوري طاقت لڳائي، غفار ميجر تيمور جي منهن ۾ ٿڪي ڏنو ميجر هڪ گار ڏيئي تتل شيخ غفار جي اکين ڏانهن وڌائي. هڪ ئي مهل ڪيترائي واقعا ٿي ويا. سلطان نشانو وٺي ميجر تي فائر ڪيو. ٺاٺي واري عمارت پاسي هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ماڙي جون پٽيون به لڏي ويون. ميجر وٽ ڪائي هيٺ اچي ڪريو سلطان ترسيو ڪونه. ڌماڪي اندرين کي بدحواس ڪري ڇڏيو هو سلطان جو اڳيون نشانو قاسم جيلاني بڻيو. ٻاهرين طرف کان فوجين جي سيٽين ۽ پڄ پڄان جا آواز آيا پئي. ٺاٺي واري عمارت طرف مسلسل ڌماڪا ۽ فائرنگ ٿي پئي، اندريين ڪمري ۾ موجود سپاهي ٻاهر طرف ڀڳا. سلطان فوجي کان ڦريل رائفل جو بسٽ هٽي ٽنهي کي اتي ئي پورو ڪيو. ڪائنرن کي اونو ئي نه هو ته ڪو ٽنڊي آدم ۾ به مٿن هينئن راتاهو لڳي سگهي ٿو. ياسين ۽ سلطان ان ڳالهه جو ئي فائدو ورتو هو، اندرين کي ڍيري ڪري سلطان ٻاهر طرف ڀڳو جيپ جي پاسي ۾ پوزيشن ورتل فوجين تي دستي بم اڇلي ماڙي جي ٻاهرين پٽ طرفان فائرنگ ڪندڙ فوجين تي گولين جو وسڪارو لائي ڏنائين. ٺاٺي ۾ ويٺل ماڻهن کي هن حملي جو اندازو ئي ڪو نه هو ان ڪري بي خبري ۾ مار ڪائي ويا هئا. پوليس جا اڪثر سپاهي يا ته مارجي چڪا هئا يا فرار ٿي ويا هئا، "چند ٽڪن لاءِ ڪير جان وڃائي." اهو ئي نعرو آهي اسان جي پوليس جو ماڙي طرف موجود فوجي ٻه طرفي گهيري ۾ اچي ويا هئا. ڪجهه ئي دير ۾ ماحول صاف ٿي ويو، ايڪڙ ٻيڪڙ بچيل فوجي فائرنگ ڪري رهيا هئا. پر ان ۾ به هاڻ گهٽتائي ايندي پئي ويئي. ياسين ايڏي هوشياري سان حملو ڪيو هو جو فوجين سمجهيو ته ماڻهن جي هڪ وڏي گروپ مٿن حملو ڪيو آهي. سلطان اندريين ڪمري ۾ وڃي اڏ ساهو ٿيل غفار جا هٿ کوليا ۽ سندس منهن تي پاڻي جا ڇنڊا هڻي ڪيس هوش ۾ آندو، "تون ڪجهه به ڪر ڪائر پر مان توکي پنهنجي ساٿين جا نالا ڪونه ٻڌائيندس تون منهنجو سنڌ سنڌ وڍي ڇڏ پر پنهنجي ماڻهن پنهنجي وطن سان غداري ڪونه ڪندس." غفار خودڪلاميءَ واري انداز ۾ ڳالهائي رهيو هو. سلطان غفار کي ڌونڌاڙيندي چيو، "ڪامريڊ هوش ڪر. هي مان آهيان سلطان. تنهنجو ساٿي اٿ ته هلون." سلطان غفار کي ڇڪي ٻيهاريو. اوچتو دروازي مان هڪ فائر ٿيو ۽ هڪ گولي سڌي سلطان جي دل کي ڇهندي ڪاٻي ڪلهي لهي ويئي. هڪ ٻيو فائر ٿيو ۽ دروازي ۾ بيٺل فوجي رڙ ڪري اندريين پر اچي ڪريو. ياسين فوجي جي لاش کي ٿڏو هٽي اندر داخل ٿيو، سلطان جي جسم مان رت تيزي سان وهي رهيو هو ياسين ۽ غفار سلطان جي پاسي کان ويهي رهيا ۽ ڪيس ٻانهن کان جهلي اٿارڻ لڳا سلطان چپن تي مرڪ آڻي ياسين کي چيو، "ڪامريڊ تون ڪامريڊ غفار کي حفاظت سان وٺي وڃ مان بس ڪجهه گهڙين جو مهمان آهيان. منهنجو فڪر نه ڪريو. مان فوجين کي هتي روڪيان ٿو توهان نڪري وڃو." ياسين، سلطان کي فوجي انداز ۾ سلام ڪيو ۽ زور سان 'جيئي سنڌ' چئي غفار کي ڪلهي تي کڻي ٻاهر ڏانهن ڀڳو ٻاهران اوچتو مشين گن جي ٽرڙ ٽرڙ ٿي ۽ ياسين ۽ غفار گولين ۾ پروڻ ٿي سلطان جي پر ۾ اچي ڪريا سلطان ٻڏندڙ نظرن سان وطن جي سپاهين کي ڏٺو اکين ئي اکين ۾ انهن کي سلام ڪيو ۽ جيئي سنڌ چئي اکيون ٻوٽي ڇڏيون. ■







# دل اڃان جاڳي پئي...

رزاق سهتو

تخليق جي دنيا ۾ شعوري ڪوشش سان، تخليق ڪرڻ جي گنجائش ناهي. تخليقڪار تہ ڪنهن آفاقي چريائپ جو اوسيئڙو ڪندو آهي جڏهن اها الهامي اڏار ڪري اچي مٿس وارد ٿيندي آهي تہ ڪيس بہ خبر ناهي هوندي تہ ڪهڙي جهان ۾ آهي اهڙي ڪيفيت ۾ سرجيل تخليق ئي اوج تي رسندي آهي. ذوالفقار جي شاعري پڙهائي ٿي تہ هن کي آفاقي چريائپ جا ڪيترائي دورا پيا آهن. شاعرتہ مٿيءَ ڪيفيت ۾ شاعري ڪري سگهندو آهي. شعور ۾ تہ جراهہ ڪاريگرخوبصورت تن بدن جي بيهڪ تي وڳو ئي سبي سگهي ٿو.

شاعر جي هڪ ٻي خوبي اها نظر آئي تہ هوعام ليڪڪن جيان رڳو پنهنجو پٽڻو ڪونہ ٿو پٽي. پر پنهنجي درد کي عالمي درد بڻائي ڇڏي ٿو. جيڪو هڪ فنڪار جو ڪمال آهي. اهڙي فن جي طفيل ئي ذوالفقاراسان کي ڪيترائي ڪتاب ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. سندس ججهو ڳاٽاٽو ٻاراٽي ادب جي شاعريءَ جو بہ آهي.

شاعري اندر جي گهرائي مان ڦٽي نڪتل چشمو آهي جا ڏات جي آڏار تي سر جي ٿي، ماڻهون ان چشمي مان پنهنجي مقصد جي اڄ اجهائن ٿا. شاعري سرجيندڙ جي انگن تان ماس بہ روڙي ٿي ڇڏي. شاعر هر پل جئي ٿو نڪي مري ٿو. شاعري پنهنجو اوج هر عام ۽ خاص وٽ تڏ هن ماڻيندي آهي جڏهن اها ماڻهن جي گهڻا ئي جي جذبن ، احساسن، ڏک پيڙا ۽ ادراڪ سان سنگم جوڙيندي ۽ عام انسانن سان پير پير ۾ ڏئي هلندي آهي. ذوالفقار جي شاعريءَ ۾ اهڙا پڪا پيرا نظر اچن ٿا.

ذوالفقار سيال جي شاعر ي جو البم ”پيار“ جي نالي سان پڌرو آيل آهي. جنهن ۾ محمد يوسف، فيرزگل، برڪت علي، شازيہ، افشان، علي رضا، صدف اقبال، سحرش ميمڻ، سجاد يوسف ۽ ڪرم عباس خان جي آوازن ۾ شاعري ڳايل آهي. جنهن ۾ محمد يوسف جي آواز ۾ ڪلام ”مان مرڪن جو راڳي آهيان.“ ۽ سرائڪي ڪلام ”عشق اسان ڪون ڪافر ڪيتا“ جو علي رضا جي آواز ۾آهي سي ڏاڍا من کي ڇهندڙ آهن. ان ڪانسواءِ استاد فيروزگل سازن کي ڇيڙيندي سر ۽ آواز جي سنگم سان وڇوڙي جي ڪرب کي زلفيءَ جي لفظن ۾ هيئن ڳايو آهي تہ ”گهڻا ڏينهن ٿيا تون آيونہ آن.“ تنهن ڪانسواءِ سندس هي شاعري تہ ”تو بنا هي شام گذري وئي...“ جنهن کي آواز جو لباس پارايو آهي. برڪت علي، شام جي پهر ۾ هيءَ شاعري ٻڌجي ٿي تہ من ۾ محب کان جدائي جوعڪس ڇٽو ٿي وڃي ٿو.

ذوالفقار جي شاعري جا انڊلٺي رنگ جڏهن مختلف فنڪارن جي آواز ۾ سرن جي سنگم سان آلاپجن ٿا تہ حياتي جا هڙئي پاسا رنگين ٻڌجي پون ٿا. جيڪا شاعري جي معراج آهي. جا ٻڌندڙن جي دلين کي راحت بخشي ڇڏي ٿي. هوئن بہ موسيقي روح جي غذا آهي. جڏهن دل جي مٿان غمن جا غبارهجن، اداسي مايوسي جا ڪکر انسان جي اندروني ڪائنات تي ڇانئيل هجن. تڏهن استاد منظورعلي جي آلاپ تي اکين مان نير جاري ٿي ويندا آهن. ماڻهون جو من هلڪوڦلڪو ٿي پوندو آهي. يا استاد جمن جي آواز ۾ ڪو شاه ڀٽائي جوڪلام ٻڌ بو آهي تہ اندر جي ڪائنات ئي بدلجي ويندي آهي.

اصل ۾ نج سنڌي راڳڙيون دل کي ڇهي وڃن ٿيون ۽ دل ڌرتيءَ تي خوشين جا رابيل ڦٽي پوندا آهن افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اهڙا راڳي سنڌ ۾ وري پيداٿي نہ سگهيا. سنڌ سالن کان نج سنڌي راڳڻيو ٻڌڻ کان محروم آهن.



سائين جي ايم سيد ۽ شهيد بشير خان قريشي سان گڏ هڪ يادگار تصوير

اسان جي سماج ۾ محبت جو معراج ئي وڇوڙو آهي. وڇوڙي جوڪرب اهوئي ڄاڻي سگهي ٿو. جيڪو محبوب جي وصال خاطر جت بيٺو تہ بيٺو ئي رهيو. سندس پيرن ۾ ڍپ ڄمين ويا. پر اها بہ حقيت آهي تہ وڇوڙي جي ماهہ و سالن ۾ محبوب جي تصورم رهي جيڪي ڏينهن ڪٽجن ٿا. تنهن پرينءَ جي تصور ۾ جيڪو لطف آهي هوند دنيا جون ساريون نعمتو تن سائٽن تان قربان ڪري ڇڏجن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ نمرتا ۽ نهٺائي نمايان آهي، پاڻ وڇوڙي جي ڪرب کي بہ ڏاڍي نفاست سان ٿو بيان ڪري.

**ڪنڌي ڪلين وچ ۾ ، جڏهن هنئي جن،**
**موٽي مون پرين ڪيڻ جي ڪان ڪئي.**
يا
**حبيبن هيڪار منجهان مهر سڏڪيو،**

# ذوالفقار سيال: غزل گو شاعر



**تاجل بيوس**



ٻه جيمنائي دوست هڪٻئي کي سالگره جون واڌايون ڏيندي

جيئن ئي ذوالفقار پنهنجو شعري مجموعو ”ڇهرا چنڊ گلابن جهڙا“ منهنجي حوالي ڪيو، ته سڀ ڪم ڇڏي، اُن وقت ئي مختلف پارکن جا تاثرات پڙهي، غزل پڙهڻ لڳس ۽ ائين 248 صفحي واري آخري غزل تي وڃي پهتس، ۽ پوءِ گيت پڙهندي، نگاهن جو سفر صفحي 360 تي وڃي ختم ٿيو.

مان گيتن کان وڌيڪ ذلف جي غزلن مان متاثر ٿيو آهيان. گيتن ۾ فني لحاظ کان ذلف نوان تجربا به ڪيا آهن. هڪ ئي وقت ٻن صنفن تي ڳالهائڻ ذرا ڏکيو ٿو لڳي.

غزلن واري شاعريءَ جي وڏن قدرن ڪري، ڪي مصرائون ته وري، وري به پڙهٽيون پيون آهن، جن سوچڻ تي، سمجهڻ تي ۽ وري، وري هنئين سان هنڊائڻ تي مجبور ڪيو. اهڙي ئي شاعريءَ کي وڏن قدرن واري شاعري (High valued poetry) سڏي سگهبو آهي.

پارکوءَ جي نظر، شاعريءَ ۾ جماليات، اجتماعي مفادن، استحصال خلاف تخليقي جنگ جوٽڻ، زميني لڳ لڳاءُ، معروضي ۽ آفاقي ورجيسون جاچڻ ۽ پرکڻ لڳندي آهي. ذلف جي شاعريءَ ۾ هي سڀئي خوبيون، ڪٿي ٿوريون، ڪٿي گهٽيون موجود آهن. سندس غزل سماجي ڪارج يا سڦلتا سان صوفڻ ٻير وانگر ٽِنڊريل آهن. سماجي ڪارج جي حوالي سان هينئن چوڻ غلط نه ٿيندو ته: (The poets are harbingers of the scientists) يعني: شاعر سائنسدانن جا نقيب يا اڳواڻ ٿيندا آهن اچو ته اِها اڳواٽي ذلف جي غزلن مان ڳولهي لهون.

**هٿن سان گهٽي پاڻ ماري ڇڏيوسين،**
**اوهان جو تصور، اُپاري ڇڏيوسين،**
**ٽٽل دل جو شيشو، جٽي آهي وکريو،**
**اکين سان سو رستو اُجاري ڇڏيوسين.**

*

**لِڦون هٿن ۾، اکين ۾ ڳوڙها، اهي اسان جا نشان آهن،**
**دليون ڪشاديون ۽ رستا سوڙها، اِهي اسان جا نشان آهن،**
**صبح سويلو ٻَڌن هِي ٻوڪيون، مٽي تي پٽڪا، رواءِ پوتيون،**
**نماڻيون ناريون ۽ ٻار-پوڙها، اِهي اسان جا نشان آهن.**

سچ، پچ ههڙن غزلن پڙهڻ سان، دل ٿي چوي، ته ذلف جي شاعريءَ مان اجتماعي ۽ معروضي خوبين ڳولهڻ تي وقت وڃائڻ بدران، غزلَ ئي پڙهي ٻُڌائجن ۽ بس.

غزل ۾ ردم يا لئي جي رچاءَ تي، ٿَليون ٿيون وڄن، پير ڪڇڻ تي ڇير جا ڇمڪا ٿا ٿين. نه رڳو ايترو، پر ذلف جا غزل استعارن، تشبيهن، تمثيلن ۽ علامتن سان به مالا مال آهن:

**اکين ۾ ڪٽي عڪس آيا هئاسون،**
**مگر شيشا نيٽن جا ٽوڙي ڇڏياسين.**



نوشي گيلاني سان گڏ هڪ يادگار تصوير



**ڪامريڊ سوڀوگيانچنداڻي سان گڏ**

او، ذلف! هي توکي ڇا ٿيو آ، يادن جا ٽُڪرا تو ميڙين . ٻڇي نہ پوئي کو ڇهرو هيو، جو توکان پاڻ کي ويندو. اکين ۾ عڪس ڪٽي اچڻ، نيڻن جا شيشا ٽوڙڻ ۽ يادن جا ٽڪرا ميڙڻ جهڙا استعارا شاعريءَ ۾ ڪتب آڻڻ ذلف جو ئي ڪمال آهي. غزلن جي هِنن سِٽن ۾ ڏسو، جڻ اکين اڳيان واقعا ٿي رهيا آهن، جڻ حقيقي عمل دخل محسوس ٿي رهيو آهي:

**سوين ناتا، سوين تعلق اسين ٽوڙي هليا آهيون،**
**وري ڌرتيءَ جي سيني تي، جهنڊو کوڙي هليا آهيون.**

*

**برسات، وسي ٿي گولين جي،**
**رُتِ آئي رَتُ جي هولين جي،**
**نيڻن ۾ آبڪلياٽي آ،**
**منڊ آئي آهي ڇولين جي.**

استحصالي قوتن خلاف اسان گهڻو ڪجھ پڙهي چُڪا آهيون، پر غزل لکي تغزل جي ڏيڻ مان ڪڍي، غزلن ۾ نواڻ (Novelty) پيدا ڪري، ادب جي دنيا ۾ ذوالفقار کهڙي نہ دل لُڀائيندڙ نموني استحصال جي نشاندهي پيو ڪري.

**وڏي واڪ ماٺهو، هي گونگي شهر جا،**
**اشارا ڏين ٿا، نئين ڪنهن سفر جا،**
**سڄو ملڪ ڪرفيو ۽ گولين جي بارش،**
**گذاريون پيا ذلف لمحا قهر جا.**

*

**وري ظلم جي انتها تي وِئي آ،**
**وري ڪربلا ڪَرَ موڙي اُٿي آ،**
**وري ڳوٺ جا ڳوٺ ميسارجي ويا،**
**وري تير نيزي جي بازي لڳي آ.**

هن وقت تائين، اسان جا پارکو اسان کي ٻُڌائيندا پيا اچن، تہ محبوب جي زلفن، ادائُن، جام ۽ مينا پيش ڪرڻ واري شاعري داخليت پسندي (Subjectivism) جي قدرن ڪري، فقط هڪ فرد جي مفادن کي پورو ٿي ڪري، جنهن مان اجتماعي مفاد ڳولڻ، پاٽيءَ ۾ لنيون هڻڻ برابر آهي. هِتي اسان جڏهن ذوالفقار جي مجازي يا عشقيہ شاعري ٿا پڙهون، تہ اجتماعي قدر بہ اسان کي ٻُوڄ تائين پريل ماڪيءَ جي شيشي وانگر ٿا لڳن:

**جڏهن هير تنهنجي شهر ۾ کُهلي ٿي،**
**ڇُهي توکي خوشبو وکيري وڃي ٿي.**

*

**آ محسوس ٿيندو، تہ آئي هُو آهي،**
**جو رستن ۾ خوشبوءِ پکيڙي آ ويندي،**
**زماني جي گردش، گهمايو گهٽن کي،**
**لهي تڪ وڃن ٿا، جي مُرڪي آ ڏيندي.**

سنڌ کي امان ڇئي، جم پوميءَ جو احترام ڪرڻ ۾ متاهون مان رکڻ واري واٽ اِجهو ذلف اسان کي هن طرح ڏيکاري ٿو:

**سنڌ جي هر ڪنهن گهٽي، هر گام تان صدقو وڃان،**
**سنڌي ٻوليءَ جي حرف، هر نام تان صدقو وڃان،**
**چاهُ هن سان آهي ايڏو، جڻ تہ جيجل ماءُ آ،**
**ديس جو ناهيان دروهي، نام تان صدقو وڃان.**

هيءَ حقيقت رهي آهي، تہ ڪنهن بہ شاعر جي لکيل غزل مان هڪ يا بہ اهڙيون تہ وڏن قدرن واريون مصراعون هونديون آهن، جو خودبخود واهہ واهہ نڪري ويندي آهي. هن جا سڀ جا سڀ غزل سونَ ۾ مڙهائڻ جهڙا غزل آهن. هڪ غزل :

**جي ساهہ گهٽي ڪو لَٽ رکي ڪيئن اُن کي ناريان، ڏس ڏيو،**
**ڪنهن ساڻ لڙان، يا ماڳ مران، ڪيئن جان ڪي واريان، ڏس ڏيو،**
**هر رستي جي چوواٽي تي، ٿا لاش بہ خوابن جيان وڪرن،**
**ڪو ايندو، آٿت ڪا ڏيندو، تو واٽ نهاريان، ڏس ڏيو.**

آخر ۾ ويچار آهن، تہ هندوستان جي اُلهاس نگر ۾ رهندڙ سنڌي شاعري ايم. ڪمل کي غزل جو بادشاهہ چيو وڃي ٿو، جنهن کي مان وڏو وزير چوندو آهيان. سنڌ جي حوالي سان ذلف بہ غزل نگر جو حڪمران آهي، جنهن حڪمرانيءَ جو تعلق دلين تي حڪومت هلائڻ کان وٺي، استحصالي قوتن خلاف قلمي لڙائي، سنڌ جي ماڳن ۽ مڪانن ۾ سماجي ڪارج پيدا ڪرڻ ۽ سنڌ جي اجتماعي مفادن لاءِ پاڻ پتوڙڻ اچي وڃي ٿو. ■

# مرڪندڙ مسيحا

## ڪوثر پرڙو

مونکي هُو ڪليل ڪتاب وانگر نظر اچي ٿو. دوستن جو دوست ۽ دشمنن جو دشمن. هُو مونکي بصر وانگر ڪونہ ٿو لڳي، جنهن جي هڪ ڪل کولجي ٿي تہ وري ٻيو پردو ٻيو کول تہ ٿيون پردو پر اهو شخص مونکي ناريل وانگر ٿو لڳي. هو زنده دل ۽ محبتي انسان آهي. دوست هن جي ڪمزوري آهي. ادب هن جي زندگيءَ آهي. هو دوستن ۾ رهندي گلاب جي گل جيان ٽِڙي پوندو آهي. هو جاڪوڙي مسلسل محنت ڪندڙ ڪمال جو ماڻهو آهي.

ورهين پڇاڻان مان وري ساٿس چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج اسپتال ۾ وڃي ملان ٿو جتي هو اعليٰ عهدي تي فائز آهي. مان پنهنجي نياڻيءَ جي طبي چڪاس لاءِ وٽس وڃان ٿو. اُهي ئي چوڪرين جا ٽولا، شيشون هٿن ۾ سندس پرپاسي طواف ڪندي نظر اچن ٿا. مان ڪيس سواليہ نگاهون ڪٽي ڏسان ٿو ۽ آهستي چوان ٿو تہ مسيحا ”تون نہ سڌرندي“ مخصوص انداز ۾ ٽهڪ ڏئي وراڻي ٿو، ”چوٿو“ ڇا ڪيان ويچارا واقف اڻ واقف هجت ۽ اميد ڪري اچن ٿا، منهن ڏيٺو پوي ٿو.“ ۽ ائين سندس هٿ فون جو ڊائل گهمائين ٿا ۽ مختلف وارڊن ۾ فون ڪري هُو ڪنهن کي ڪنهن جي پارت ڪري رهيو آهي ۽ ڪنهنکي ڪنهن جي سفارش. پوءِ جلد ئي سڀ ڪم ڇڏي مون سان گڏ وارڊ ۾ هلي ٿو ۽ مان محسوس ڪري رهيو آهيان تہ منهنجي نياڻيءَ ڪائنات جو ڪيس ايترو اُلڪو ۽ خيال آهي جيترو ڪيس پنهنجي سڳي نياڻيءَ جو هُجي! هو مونکي خدا حافظ بہ ائين ئي ٽهڪن سان ڪري ٿو جيئن ٽهڪن سان آجيان ڪئي هئائين. ماڻن واپسيءَ تي سوچيندو اچان ٿو تہ اهو مسيحا ٽهڪن جو نهيل آهي يا عشق جو! ■



**لال قلعي جي پاڇي ۾**



# شاعري جو سرمايو...

## امتياز دانش



شهيد راڻي بينظير ڀٽو سان گڏ، هڪ تقريب ۾

” اوسيئڙو آهي ڪاهوڙين ڪي پنڌ جو ! “

سنڌ جي مهين جي دڙي واري مٽيءَ مان جنم وٺندڙ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال انتهائي محبتي ماڻهو آهي. هي سيني سان پيار ۽ پاٻوهه سان ملندو آهي. هن ۾ ڪنهن به قسم جي وڏائي نه آهي. سنڌس بهار جي ڀرين جهوٽي جيئن وڻندڙ شخصيت خواجه حيدر علي آتش جي هن شعر :

*محبت سے بنا لیتے ہیں اپنا دوست دشمن کو،*
*جھکاتی ہے ہماری عاجزی سرکش کی گردن کو۔*

جي مترادف آهي. ساڻس هڪ دفعو ملڻ بعد وري وري ملڻ تي دل مجبور ڪريو ڇڏي. هو جڏهن ڳالهائيندو آهي ته سندس زبان مان نڪتل هر لفظ گلاب هوندو آهي. ٻڌڻ وارو انهيءَ لفظ جي واس سان واسجي ويندو آهي! هو ڪهڙين به ڏکين حالتن ۾ نااميد ٿيڻ بدران پراميد ٿي پنهنجي چهري تي مرڪن جا گلاب سجائي زندگيءَ کان نااميد ٿي خودڪشي جي ڏيهه ڏانهن فراريت ڪندڙن کي زندگيءَ جو فلسفو سمجهائي ڪين جيئڻ جو حوصلو ڏيندو آهي. بقول مرزا غالب ته :

*گنگ افکار کو تونے ہی صدا بخشی ہے،*
*تونے فنکار کو جینے کی ادا بخشی ہے،*
*معترف ہے تیری عظمت کا ہر اک اہل نظر،*
*تونے ہر عہد کے چہرے کو رضا بخشی ہے۔*

1970ع کان هن وقت تائين لڳاتار انسانيت سميت ادب جي پڻ خدمت ڪندو پيو اچي. انهيءَ عرصي جي تناظر ۾ ڪيس ڏسجي ٿو ته هي ڪٿي به انهيءَ خدمت ڪرڻ کان نه ٿڪو ٿيو ۽ نه ئي وري ڪٿي سهڪيو آهي. هر جدوجهد جي موڙ تي پٺائيءَ جي هن شعر جي مترادف لڳندو آهي ته :

**ڪرڪٽا لاهي، سڪ مَر ستا ڪڍهين،**
**اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين ڪي پنڌ جو.**

جڏهن حق ۽ سچ لکڻ جي ڏوهه ۾ طارق اشرف کي جيل موڪليو ويو ۽ سندس ”سهڻي“ رسالي کي بند ڪيو ويو، تڏهن ڪانئس سمورن ليکڪن منهن موڙي ورتو پر انهن ڏکين حالتن ۾ به غلام نبي مغل ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ساڻس توڙ نڀايو. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي پنهنجي ليکڪ دوستن سان اهڙين ڪوڙ سارين وفادارين جي هڪ ڊگهي لسٽ آهي! سندس سنڌي ادبي سنگت ۾ سيڪريٽريشپ دوران خاص ڪري 1990ع واري صورتحال جي تناظر ۾ موجوده سنڌي ادبي سنگت جي صورتحال کي ڏسجي ٿو ته علامه اقبال جو اهو شعر چوٽو ٿو پوي ته :

*جگنوئی روشنی ہے کاشانہ چمن میں،*
*یا شمع جل رہی ہے پھولوں کی انجمن میں۔*
*آیا ہے آسماں سے اڑ کر کوئی ستارہ،*
*یا جاں پڑ گئی ہے مہتاب کی کرن میں۔*

هي پنهنجي ٿيءَ جي شاعرن ۾ بلند مرتبو رکي ٿو. محبتي ماڻهو هئڻ ڪري محبت سندس شاعري جو سرمايو آهي. پاڪ- هند جي ليکڪن سندس شاعراني عظمتن جو اعتراف ڪيو آهي ۽ سندس فن کي ساراهيو آهي. سندس شاعري جي مقبوليت جو سبب جذبات جي سچائي ۽ سادگي سميت ٻوليءَ جي سلاست پڻ آهي! جتي سندس شاعري ۾ رومانس ۽ درد واري ڪيفيت سمايل آهي، اتي مزاحمت ۽ انقلاب واري پڻ ......! سندس شاعري ۾ زندگيءَ جا تجربا ۽ سماج جي جيئري جاڳندي تصوير آهي. سندس شاعري ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ۽ سماج جي عڪاسي ڪري ٿي. سندس شاعري مقصديت سان ٽمٽار آهي. سندس شاعري کي پڙهندي روح مان اِها رڙ نڪري ويندي آهي ته:

*یہ شاعر ہیں الاہی یا مصوری پیشہ ہیں کوئی،*
*نئے نقشے نرالی صورتیں ایجاد کرتے ہیں۔*

اڄ سندس جنم ڏينهن آهي، اڄوڪي هن ڏينهن تي ڪيس واڌايون هجن‘ ۽ ڪيس دعا پڻ آهي ته پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ماڻهن ۽ پنهنجي ٻولي جي هميشه وانگر خدمت ڪندو رهي! ناصر ڪاظمي چواڻي ته :

*دلوں کو فکر دو عالم سے کردیا آزاد،*
*ترے جنوں کا خدا سلسلہ دراز کرے۔* ■




ساڄي کان کاٻي: ڊاڪٽر سليمان شيخ، مرحوم نور الدين سرڪي، تاج بلوچ، ذوالفقار قادري، ذوالفقار سيال، ڊاڪٽر بدرا ڄڻ ۽ رحمان ملڪ

# پاتم جهاتي جهان ۾...



شيام ڪمار

## گار

گار يا پٽ پاراتو ڏيڻ بہ ڪنهن فن کان گهٽ اهميت جو حَاصل ڪونهي. هر ماڻهو، برادري، قبيلو، پاڙو ۽ ڪنهن حد تائين قوميت ان 'قبيح ۽ اُگري عمل' ۾ يڪتا، ماهر ڪونہ ٿي سگهي ٿي. ان جي اعليٰ ادائگي جو ڏائڻ فطري طور، بي ساختہ، ڪجھ ماڻهن، برادرين وغيره اندر ازخود پيدا ٿئي ٿو. ان عمل جي تخم ريزي فطرت طرفان ٿئي ٿي، ڪسبي ڪونہ ٿئي. جيئن افغانستان، بلوچستان جا ڪجھ علائقا پنهنجي خوبصورت، سگهن پريل ۽ بي انتها مِٺن ميون جهڙوڪ، ڏاڙهون، صوف، انگور، گرمو، سردو، گدرو، آڙو، خوباني، بادام، پستا، اخروٽ، آلوچو، آلوبخارو وغيره ڪارڻ سموري دنيا ۾ شهرت ماڻين ٿا. حالانڪ دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ اهو ميوو اُپايو وڃي ٿو پر انهن جو ذائقو ۽ سواد مٿي ڄاڻايل ٻن قبائلي خطن اندر پيدا ٿيندڙ فروٽ جي 'دز' ڪي بہ ڇهي نٿو سگهي. سيني ڄاڻو، ماهر ۽ گهومو ماڻهن جي اها گڏيل ۽ آزادانا راءِ ڄاتي وڃي ٿي.

اسان جي ڌرتي تي گارين، انهن کي گهڙي سنوارڻ ۽ بعد ۾ 'لست' ڏيندڙ ادائگي جي فن ۾ سنڌ، خاص طور سکر ۾ رهندڙ جاگيراڻين ۽ سلاٽن جو ڪو مٽ ڪونهي. گارين ڏيڻ وقت خاص طور 'انهن' پاڙن جي عورتن جو سمورو جسم 'موزارٽ' جي ڪلاسيڪي سيمفني جي صورت اختيار ڪريو وٺي ٿو. ائين لڳندو آهي ڄڻ روس جي ڪا مشهور بيلي ڊانسر اسٽيج تي پنهنجي اُتم فن جو مظاهرو ڪري رهي هجي. سندن اکين ۽ ڀرون جي اشارن ذريعي ڄڻ من ۾ ڪٿڪ جو احساس جاڳندو هجي، سندن هٿن، ٻانهن، پيرن ۽ ٽنگن ۽ سموري جسم جي لئہ ۾ ٻڏل لوڏ کي ڏسندي ائين لڳندو آ ڄڻ مني پوري 'نرت جي ديوي' منجهن واسو ڪيو هو. سندن آواز جي زيرو بم ۽ ساهہ جي هيٺ مٿائين ڪنهن ماهر ڪلاسيڪي راڳيءَ جو پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي 'وجد' ۾ اچڻ جو نظارو پيش ڪندو هو.

رشيد ڀٽي جي گهر واري گهٽي جي ٻنهي پاسن کان 'جاگيراڻين' سان والاريل مَنهہ ٿهيل هئا ان ڪري ان جو نالو 'جاگيراڻي پاڙو' پئجي ويو هو. مردن جي ڪرت ۾ مزوري، اٽ گاڏو هلائڻ، سينيما تي ٽڪيٽن جي بليڪ ڪرڻ، سنهيون سڪيون چوريون، جوئا ۽ ٻيا ڪاٽڪو ڪم هئا. زائفون گهر جي ڪم کان فارغ ٿي ڪوبہ 'بي وجود بهانو' گهڙي هڪٻئي سان تڪرار ڪرڻ پنهنجو مرڪ سمجهنديون هيون. ۽ نتيجي ۾ هڪٻئي مٿان نت نين گارين جو ڏوڙيو هوندو هو. قدرت مٿانئن وڏيڪ مهربان ٿي ڪين شڪل شبيھ جو ملوڪ بڻايو هو. انڪري انهن مان ڪيئي جوڏي قسم جي 'يارن' جي نينهن ۾ ڦاٿل هونديون هيون. اها سموري پيرائتي ڄاڻ ۽ تجربو مون کي، ۽ نياز همايوني، تنوير عباسي، تاج بلوچ، مقبول صديقي ۽ ڪجھ ٻين دانشور دوستن کي رشيد ڀٽي وٽ گهٽي 'اچ وڃ' جي عيوض حاصل ٿيو هو.

منهنجي گهري مشاهدي مطابق جاگيراڻي عورتن جي اڪثريت– ۽ ڪنهن قدر سلاٽياڻين جي اکين ۾ قدرت اڇوتو حُسن ۽ چمڪ ڀري هئي. پر، هو پنهنجي خوابيده اکين جي حُسن ۽ جسم جي بي پناھ جادوئي ڪيفيت جي موجودگي کان بي خبر لڳنديون هيون. ان جي برعڪس پڙهيل ڪڙهيل شهري جوانڙيون 'وهندڙ امنگن' جي اظهار ۾ بي باڪ هونديون آهن. حيرت لڳندي هئيم تہ پنهنجي ان 'املھ وصف' جيب ڪٽ ۽ قيمت کان ڪيئن اڻ ڄاڻ رهجي ويون هيون. پر، قدرت منجهن حاضر جوابي، ڪجھ ڪجھ هوءِ، پنهنجي پر ۾ سمجھ ۽ فهم- ۽ جذبن ۾ طوفان برپا ڪندڙ 'ڪدورت' اوتي پهرين ڪمي جي پورت ڪري ڇڏي هئي. مان اڄ ڏينهن تائين سندن تڪيندڙ جادوئي نظرن جا ٻاڻ، سندن سنهين شفاف پوتين هيٺان ڏسها لهرائيندڙ ڪارا واسينگي وار، ۽ جسمن جا دلڪش ۽ متناسب اُڀار وساري ڪين سگهيو آهيان. سندن سونهن ڀريل چمڪندڙ اکين ۾ پريم رَس ۾ ٻڏل ڀاڻ ارپڻ جي چاهنا بجاءِ نوڪيلي ۽ ڪرخت 'ويڻ' جو پاڇو لهرائيندو هيو. سندن اکڙيون محبت جي مخمور مهراڻ بجاءِ شڪ، هنسا جي ڄر ۽ داوَ پيچ جي پهلواني جو آکاڙو ڀاسنديون هيون. هنن لاءِ مذهب ايمان بجاءِ سماجي ضرورت ۽ رواج هوندو هو ۽ ان جي پڄڪڙي پنهنجي پوري فهم سان هاڃيڪار ڄاڻنديون هيون ۽ دوزخ کي بہ ان رواج جي ڪک مان ڄاول ڀيانڪ ٻار جيان ليکينديون هيون.

اهڙي قسم جي حسينہ ۽ عام طور اها دوشيزه جيڪا دليل، منطق، سائنسي تجزئي واري ۽ 'حسابي ڪتابي' ٿئي ٿي سا عقلمندي ۽ ذهانت جي لحاظ کان يقيني طور لاجواب هوندي آهي. پر، عشق، جنس (sex) ۽ جذبي جي 'تپش' ۽ ان جي 'مادي' سواد، لذت ۽ آنند جي لحاظ کان سخت مايوس ڪندڙ هوندي آهي.

هتي مون کي مشهور ناول نگار سڊني شيلڊن جو قول هيئنءِ تي هُري آيو آهي، "اهڙي عورت جيڪا 'حسن ۽ ذهانت' جهڙين ٻنهي خوبين سان، ساڳئي وقت مالامال هجي ان تي قطعي ڀروسو نہ ڪجي."

هتڙي حسين جاگيراڻين، ۽ مردمار، سڊول سلاٽياڻين ۽ سندن 'بيڪئتي' سياءُ تي سوچيندي قلوپطرا بابت هڪ دلچسپ ۽ ٽهڪندڙ فقرو، ذهن مان ٻُڙڪو ڪائي، ٻاهر نڪري آيو آهي.

قلوپطرا برف جي اُڏامندڙ گالن کان وڌيڪ اڇيري هئي، ٽڙيل گلن جي ٻاري کان وڌيڪ ٽڙيل ۽ خوشبودار هئي. بيهڪ ۾ سرو جي پختي درخت کان وڌيڪ ڏگهي ۽ سڌي هئي. ڪرسٽل کان وڌيڪ موهيندڙ ۽ چمڪدار هئي. ندي ٻالڪ کان وڌيڪ البيلي ۽ ڪيچلي، سامونڊي ڪوڏن ۽ سپين جي لساڻ کان وڌيڪ لسي بدن واري هئي. سياري جي سج ۽ اونهاري جي چانوَ کان وڌيڪ راحت بخش ۽ وڻندڙ، ڳاڙهن صوفن کان وڌيڪ گلابي ۽ شاندار، پهاڙ تي ڦهليل برف کان وڌيڪ چمڪندڙ، انگور ۽ ماکي کان وڌيڪ مٺڙي، ملائي نڪتل کير ۽ بطخ جي پُٽ کان وڌيڪ نرم ۽ نازڪ- سرسبز. سرسبز باغيچي کان وڌيڪ سهڻي ۽ تازگي ۾ ويڙهيل.

پر، انهن سيني ليائيندڙ ۽ آفاقي وصفن جي باوجود اڻ-گهڙيل گهوڙي کان وڌيڪ گرم مزاج

واري، ٿالهي جي جهوني وڻ کان وڌيڪ سخت ۽ اڻ مڙندڙ، رُڄ کان وڌيڪ فريبڻ، بيد مجنون کان وڌيڪ سختي سان پيش ايندڙ، پهاڙي چيپن کان وڌيڪ اڻ چرندڙ، جهرڻي جي طوفاني وهڪري کان وڌيڪ جوش واري، مور جي تڪبر کان وڌيڪ غرور ۾ ٻڏل، باهه کان وڌيڪ لوساڻيندڙ ۽ ڪندن کان وڌيڪ چپندڙ، سامونڊي لهرن کان وڌيڪ بي ڏياني، نانگ جي ڏمر کان وڌيڪ ڪاوڙيل، هوائن جي طوفاني تيزي کان وڌيڪ بيوفا ۽ طوطا چشمي، جيولس سيزر، انتوني جهڙا سورما ۽ سياڻا سندس فريب ڪاري جو بک ٿي، الوپ ٿي ويا.

*

هڪ لڳا رات جو اوير مهل رشيد جي اوطاق مان نڪري جيئن ٻاهر آياسون تہ پرسان بيٺل اٺ گاڏي هيٺان چرپر ۽ سرگوشي ٻڌڻ ۾ آئي. سامهون ايندڙ ڪنهن گاڏي جي هلڪي روشني ۾ ان گاڏي هيٺان ٻہ جسم بي لباسي جي حالت ۾ وڻ ويڙهي جيان هڪٻئي جي ٻَڪ ۾ تڙڳندا نظر آيا. اسان جي پر سان لنگهڻ وقت هڪ مرداڻو پؤ گاڏڙ آواز ڪنين پيو، ”.... ذرو چپ ڪر، ڪجهہ مڙسالو پيا اچن.“ موٽ ۾ هڪ زناني مترنم ۽ ٿَلِي جيان وڄندڙ آواز ۾ بيباڪي واري انداز ۾ وراڻيو، ”..... ڪو اُلڪو نہ ڪر، هيءُ پنهنجو ٻالڪو ’بگن‘ آهي (رشيد پٽي جو گهريلو nickname) پنهنجي يارن سان پيو وڃي. ڪيس اجان ڪيرا ڏند بہ ڪونہ نڪتا آهن، ۽ سندس يار تہ ڪانئس بہ ويل آهن، تون بي اونو ٿي ’چيڪلو‘ هلائيندو رهہ.“ اهو سُڻي اسان تيز ٻرانگهون ڀريندا گهٽيءَ جي ’ٻونءِ‘ کان بہ پري نڪري وياسون.

ٻئي پيري نياز همايوني، تنوير عباسي ۽ رشيد پٽي سان گڏ سندس اوطاق ڏانهن وڃي رهيا هئا تہ ان مهل ٻہ ’ملوڪ‘ جاگيراڻي جوانڙيون ’ڪٺاڪلي‘ ۽ ’مني پوري‘ پوز ۾ هڪٻئي کي شهہ ڏيڻ ۾ رڌل هيون. اوچتو هڪڙيءَ نياز ڏي اشارو ڪري ’مني پوري راس‘ پوز ۾ رڌل وينگس ڪي چيو، ”..... توکي بگن جي ان ’مڪراني ڪٽ‘ يار کان.... ڪرائيندي مانءِ.“ (ان زماني ۾ نياز جا وار مڪرانين جي وارن جيئن ننڍا، سخت ۽ گهنڊيدار هوندا هئا) اهو ٻڌي نياز ڦونڊ ۾ ڀرجي پنهنجي قميص جو ڪالر ٺيڪ ڪندي وارن مٿان هٿ ڦيريندي ’چُرڻ‘ لڳو. مني پوري راس ۾ رڌل سندري ٻنان ويرم نہ پهہ ورندي ڏيندي چيس، ”.... تون پاڻ ههڙي تهڙي مون کي ڇا ڪرائيندينءَ. مان بگن جي ان ’يار‘ کي سموري سکر شهر، بشمول معصوم شاهہ مناري جي... ڪرائيندس.“ نياز اها سلوات ٻڌي، ڪَنَ ڪيٽا ڪري، سو ميٽر جي رفتار سان ڊوڙندو وڃي رشيد جي اوطاق پيڙو ٿيو هو.

اهڙي قسم جا انيڪ واقعا ۽ ڪلاسيڪي گاريون ’يادن جي پندار‘ ۾ وسن ٿيون پر قلم جي پهچ ۽ مريادا جي سيما کان گهٽو گهٽو پرتي آهن (هڪ ٻي ڪلاسيڪي ۽ اختراعي گار پٽو چنائي آڏو اچي بيٺي اٿم. هڻ ڪڻ قسم جي هڪ دلپذير جاگيراڻي ملڪا، سامهون بيٺل ڪامٽيءَ مٿان وڄ جيان ڪڙڪندي چيو هو، ”.... ههڙي تهڙي تنهنجي ’فلاڻي جاءِ‘ تي مس ڪپڙي رکي آ ۽ ان مان آگريون ٻوڙي يارن ڏانهن خط لکندي رهين ٿي.“ ڪامٽيءَ ڪن پل وڃائڻ بنان ئي وراڻيس، ”هل ڙي هل منهن ڪاري، تنهنجي ’فلاڻي جاءِ‘ تي ڪتا، ٻليون گڏ ڪري انهن جي ’ريس‘ ڪرائيندس ۽ تنهنجا سيئي چگهہ توکي ڇڏي ان ريس ۾ وڌيڪ چاهہ وٺندا.“)

ان گاريل ماحول جو اثر، ۽ چاپ رشيد پٽي ۽ سندس نيڪ دل، مخلص زميندار، صحافي پيءُ مولوي عبدالحميد پٽيءَ تي پڻ نمايان طور نظر ايندي هئي. جيتوڻيڪ مولوي صاحب ٺيڙهي جي مشهور اهل سنت دارالهديٰ مدرسي جو مهتمم بہ رهي چڪو هو ۽ رشيد پٽي پڻ ڪجهہ وقت ان مدرسي اندر درس تدريس کان ’فيضياب‘ ٿيو هو. ان کان علاوه ٻنهي پيءُ پٽ مٿان هلڪو ۽ گهرو ادب جو رنگ پڻ چڙهيل هيو. انهن سيني ’هاڪاري‘ وصفن جي باوجود جاگيراڻين جي مشهور شخصيت ’ڪمڻ‘ جاگيراڻي جو خاص رنگ ٻنهي جي گفتگو مان ڪڏهن ڪڏهن ائين ڦاٽ ڪائي نڪرندو هو جيئن اونهاري جي مند ۾ سنڌوءَ جي ڪنهن ڪناري وٽ گهاري پوڻ سبب ملڪ ٻوڙ ٻوڙان ٿي ويندو آهي.

سنہ 1954-55ع کان اسان پنجن يارن- اياز، نياز، مقبول صديقي، تنوير عباسي ۽ راقم الحروف - جي گهٽو ڪري باجماعت، رشيد جي گهر ۽ اوطاق ۾ اچ وڃ ائين هوندي هئي جيئن واءُ ريڪوٽيو ايندو آهي. مهلو ڪمهلو: الائجي چاڪاڻ، مولوي صاحب (رشيد جو محترم پيءُ) جي اک ۾ اسان سپ ڪنڊي جيان چُڀندا هئاسون. ۽ بدقسمتي سان گهٽو ڪري پهريائين ساڻس ئي مڪاميلو ٿيندو هو. ادب سان کيس رشيد کي اطلاع ڏيڻ لاءِ عرض ڪبو هو. اسان کي دروازي ٻاهران بيهاري کيس (رشيد کي) ڏند پيڪوڙي اڌ ڪليل چپن جي وچ مان سڪن جي ڦاٽل نغاري جيان سرڙاٽ ڪري چوندو هو. ”بگن، آيا ٿئي تنهنجا لونڊڙا، لونڊڙا يار.“ اهو ’آواز‘ اسان جي ڪنن ۾ اوتجڻ بجاءِ دون ۾ گوليءَ جيان وڃي لڳندو هو. اسان سيني جي اهڙي ڪيفيت ٿي ويندي هئي جيئن تکي بارش ۾ گُلر سُسي ڇاهي جيان ٿي ويندو آهي. ’لونڊو‘ يا ’لونڊڙا‘ سندس خاص گار هئي. اسان جي لڏي مان صرف عبدالرزاق راز ۽ مولائي شيدائي، ان اڻ منڌائتي ’وٿ‘ کان بچيل هئا، ڇو جو هو ان گٽائتي پاڙي کان ونءُ ويندا ها. اهي ڏُون واريون گوليون سٺ واري ڍاڪي تائين کائيندا رهيا هئاسون جيستائين ڪ مولوي صاحب ’عدم‘ جو رستو نہ اختيار ڪيو هو.

هنڙي مون کي اردو جي چئن معتبر ۽ هاڪاري اديبن، دانشورن ۽ شاعرن جي ياد مهڪندي اڳيان اچي بيٺي اٿم. انهن مان ٽن سان منهنجي ويجهڙائپ ۽ پڪي ياري رهي هئي. احمد جمال پاشا (اردو جو طنز، مزاح نگار)، ڊاڪٽر قمر رئيس (مشهور ترقي پسند نقاد، شاعر) حسن عابد (ارتقا جو ايڊيٽر ۽ پيارو شاعر) ۽ رتن سنگهہ (اردو جو افسانہ نويس) سنہ 2006ع ۾ دهلي اندر ڊاڪٽر قمر رئيس جي گهر حسن عابد، رتن سنگهہ مظهر امام آمريڪا مان آيل اختر حسين، راقم الحروف ۽ ڪجهہ ٻيا دانشور رات جي ماني تي گڏ هئاسون. جهونجهڪڙي تائين پنهنجون ڪٿائون ۽ جڳ جون وارتائون ٿينديون رهيون، ڍاپي نہ پئي ڍاپياسي. صرف احمد جمال پاشا جي ڪمي محسوس ٿي رهي هئي ڇو جو هو گهٽو اڳ گولاٽيون کائي گوتم جي void ۾ الوپ ٿي چڪو هو.

هي ادبي ’چوياري‘ گذريل صدي جي چوٿين ڏهاڪي اندر لکنو ۾ ڪاليجي شاگرد هئا. ۽ اسان واري مٿي ڄاڻايل ’پنج ياري‘ جيئن احمد جمال پاشا جي گهر گڏجي ’ادب، ثقافت ۽ سماج‘ جي اُنتي جون رٿابنديون ڪندا ها. پر، اڪثر هنن جي پهچڻ شرط احمد جي پيءُ کي سندن پٽڪ پئجي ويندي هئي. ۽ هو مولوي حافظ عبدالحميد پٽي جيان مٿائن گارين جي ڏم لڳائيندو هو. مولوي ويچارو صرف هڪ ’گار‘ تي صبر ڪندو هيو ليڪن احمد جو والد گهر جي مٿانئين دري مان منهن مٿو ڪڍي ڪين بلند آواز سان ’مُرڪب گاريون‘ (compound) ڪچين ۽ پڪين جي آميزش ۾ ائين سرتال ۽ لئہ ۾ ڏيندو هو ڄڻ مالڪوس کي خيال سان ملائي، خيال کي ميان جي ٽوڙي ۾ مڪس ڪري ۽ ميان جي ٽوڙي جئہ جئہ ونتي جو ٻرڪو ڪري سموري جڳ آڏو پنهنجي فن جو اظهار وڏي واکي ڪندو هجي. سندس گارين ۾ لکنوي فصاحت، بلاغت ۽ ندرت هوندي هئي. ڳلي جي چئني ڏسائن ۾ پڄي پناهہ وٺندا هئا ليڪن اُهي رت- ڳڙ جيان سنہ 2006ع واري ’يادگار رات‘ وقت بہ سندن روح تي ڇهٽيل هيون. مولوي صاحب تہ احمد جي والد جي پيٽ ۾ جيتامڙو ۽ للي پوتين ٿي پاسيو.

مولوي محترم اسان سيني جي پيٽ ۾ نياز تي وڌيڪ نامهربان ’مهربان‘ هيو. ان پيد پاءُ ۽ امتياز جي ڄاڻ آخر تائين ڪين پئجي سگهي هئي. شايد سندس ’مڪراني ڪٽ‘ مهانڊا ۽ بي باڪانہ انداز،

رڪ رڪاءُ ڪان نابري مولوي صاحب کي ڪين آئڙندي هئي. نياز کي حافظ صاحب جي ان امتيازي سلوڪ ۾ ’لونڊڙي‘ لفظ جي تهہ ۾ لڪل تير جهڙو چيڪو اسان سيني ڪان وڌيڪ ايزائيندڙ پاسندو هو. ۽ آخر پنجاهہ جي آخر ۽ سٺ جي ڏهاڪي جي شروع ۾ هڪ ننڍڙي مزاحيہ نظم جنم ورتو جيڪا سندس من جي اُڇل ۽ ترنگ واري ڪيفيت جو دلچسپ، وٽندڙ چِٽر آهي، تمام ڊگهو عرصو اها الائجي ڪيئن گم ٿي ويئي. ۽ سنہ 2008ع ۾ تنوير جي ننڍي ڀاءُ ارشاد عباسي (مرڪزي حڪومت ۾ اطلاعات کاتي جو ايڊيشنل سيڪريٽري) کي ڪٿان هٿ لڳي هئي. ۽ بنان دير منهنجي حوالي ڪئي هئائين. هتي پيش ڪجي ٿي جنهن مان نياز پنهنجي اصلوڪي بي ساخت ظرافتي روپ ۾، بار بار مرڪندو لياڪا پائيندو ڏسجي ٿو:

رشيد پٽي ۽ پٺهس،
مشهور لوڻ جا واپاري،
ٿلهو، سڪر.
نياز: اَشنا رَشنا بَشنا
بگن بلاڙا، مٽي اُگهاڙا
يعني يارَ رشيد پٽي
ٽُڪ ٽئي، ڦٽَ ٽئي، لَڪَ جي لعنت ٽئي
هرڻ هنيلا ڏنَ تي تو ڊوڙائين
اهڙي قسم جي ريس ڪرائي پنهنجي
پيءُ کي تو سرچائين
پٺهين هنيلو، ايت جو نولو پان جو
باشو خاشو،
متان وڃي ڙي جهنگل ڏي
متان وڃي ڙي جهنگل ڏي
هاٿي توڏي پچندا ايندا
چوندا چا؟
آيو اسان جو ڀاءُ دادا گڏجي اسان
سان کاءُ
بگن: چاليهن جو چور هو بابا
چاليهن جو چور
تو تئون هي جُوءِ ڇڏي ويو
وري نہ ايندو وري نہ ايندو.
پٽَ پين جو ڌوڙ ڏين جو
وري نہ ايندو.
هاٿي تون دلجاءِ ڪجان
خرچي مون کي خوب ڏجان
نياز: اَشنا رَشنا بَشنا
بگن بلاڙا، مٽي اُگهاڙا
ڪائي پڪوڙا، متون آياڙيا
ٻڪي جا ڪوڙا، پاڙي جا مُوڙا
بَگن بلاڙا...

رشيد پٽي جو سڳو سوٽ ماستر محمد حسين آزاد اسان سيني خاص طور حفيظ شيخ جو گهرو يار هوندو هو. اسان جي سنگت منجهس ادب شناسي جا چڱا خاصا اُٽا داخل ڪيا جنهن جي نتيجي ۾ هن نہ صرف نثر ۽ نظم جو سنو اڀياس ڪيو بلڪ چگيرڙا افسانہ بہ لکيا هئا. مون کي ياد آهي تہ جيڪي ڪتاب ڪيس پڙهڻ لاءِ ڏنا ويا هئا انهن ۾ باري جو ڪمپني کي حڪومت، تاريخ ڪا مطالعہ، شير جنگ جو انقلاب روس، مارڪس کي تعليمات، پرنس ڪروپاٽڪن جا ڪجهہ سنڌي ترجما، ٽالسٽائي، چيخوف، گورڪي، موپسان، برنارڊشا جا ڪئي نثري ترجما، ڪرشن چندر، منٽو، بيدي وغيره جون ڪهاڻيون، فيض مخدوم ميرا جي، ن م راشد جي شاعري ۽ ٻيا ڪئي ڪتاب.

ترقي پسندي ڏانهن لاڙو ’مولوي گهراڻي‘ جي ٻن فردن ۾ گهڻو سرس هيو: رشيد پٽي ۽ ماستر حُسو (محمد حسين کي پيار مان حُسو سڏيندا هئاسون.)

اصل ۾ ماستر حُسو جي سچي ۽ اصلي سڃاڻپ جو ڪارڻ پاڙي جي اڪثر جاگيراڻي دوشيزائن سان سندس ’گهرائپ‘ هوندي هئي. اهي سڀئي ڪرشن جي گوپين جيان مٿانئس ٻلهاري ويندڙيون هيون. منهنجي خيال مطابق جاگيراڻي سندرين کي ’منڊڻ‘ ۽ پاڻ تي ’اکن چڪن‘ ڪرائڻ ۾ دنيا جون ٽي وڏيون من موجي شخصيتون ڪئسونوا، موپسان ۽ فرئنڪ هيرس سندس وجود ۾ يڪجا اچي ٿيون هيون. هو پنهنجي پاڙي جو زنده ۽ مجيل ڪئسونووا هيو. ماستر گهري چوچ ۽ چاهہ سان سندن بدني بناوت جو ورنن هڪ ماهر anatomist جيان ڪندو هو جنهن ۾ عشق جي سيني منزلن (سندس چواڻي: نظروت، لمسوت، بوسوت ۽....) جا ٿانءُ، آستان، درجا ۽ انتهائون سمايل هونديون هيون. هو جاگيراڻي ڪامڻين جي ’علم البدن‘ ۽ سندن ’گارين‘ جي عاميانا انداز کان وٺي ڪلاسيڪي رسائي جو ماهر ۽ ’زباني ڊڪشنري‘ جو موجد ۽ خالق هيو. ان کان علاوه ’حمام ۽ حجام‘ جي يڪ ٽڪ ’گُرن ۽ گُٽن‘ کان پهريون دفعو ماستر حُسوئي جاگيراڻي دوشيزائن کي آگاهہ ۽ مسلح ڪري سندن حيات ۾ سونهن ۽ سڳنڌ پري ڇڏي هئي.

نولي تي ڏهلو، مطابق ماستر حُسو سڪر جي مشهور جوئارين جو، غير سرڪاري طور تاقيل، سرموڙ هوندو هو. جوئا جي ٽڪرين تان ’نال‘ (دش خوش) اوڳاڙي سندس مقرر چاڙتا باقاعدگيءَ سان ڪندا هئا ۽ پنهنجي ذاتي جوئا جي ٽڪري تان اِهو ’شپ ڪرم‘ پاڻ ڪندو هو. جيئن تہ پاڻ ڪسرتي جوان هو ۽ بدن جو رُڪَ جيان نهرو، ويڙهو گهڻو ’وگياني‘ هو (ماستر هاسو مل پيسو مل ناٽاڻي جي جاسوسي ناولن جي فولادي ڪردار والد جيان) انڪري سڪر جو اڪثر گروگنجو ڪانئس ڪؤ ڪائنيدو هو. ادب جي ’اوڏٽي‘ منجهانئس ’ٽرڙائپ‘ ’شودائپ‘ ۽ دهماني ڪيفيت وارا ’ڪُلچڻ‘ پاڙون پٽي قِٽا ڪيا هئا ۽ ان جي جاءِ سنجيدگي، نهراءُ، نمرتا ۽ همدردي جي وصفن والاري هئي. نيشنل عوامي پارٽي (1957ع) جي تحريڪ ۾ بہ اسان سان ’دامي، درمي ۽ سخني‘ جي مصداق سلهاڙيل رهيو. ۽ اُهو دور بعد ۾ ’ايوبي مارشلائي‘ زماني جي قهري آزمائشي ڪڙي ۾ جڪڙجي ويو جنهن ۾ هيءُ يار ثابت قدم رهيو هو. سڪر جي ان سمئي جي ’چرس ۽ آفيم‘ جي مشهور بي تاج بادشاهہ ’ٽڳڙي شاهہ‘ سان بہ سندس گهاٽي ياري هوندي هئس جيڪو ڪيس جوڳو مان ڏيندي ڪين ڌاپندو هو. پاڻ ان نشي کان وڻءُ ويندو هو. صرف تاڙي، وسڪي يا ٺَري جو ڪوڏيو هوندو هو. ڪڏهن حُسوَ بابت سوچيندي الائجي ڪٿان آمريڪي مشهور غنڊو، ڌاڙو، قاتل ۽ وڏو اديب، قانوني ماهر ڪارل چيسمئن (Carl Chasman) ذهن جي اسڪرين تي اُڀري ايندو آهي. چيسمئن ڌاڙو، ڌمر، نردئي پٽي ۽ ويڇار (rapist) جي مڪمل تصوير هو. ۽ آخر ۾ بجلي جي ڪرسي تي ڦاسي جي سزا ماڻي عدم جي راهہ ورتي هئائين. ڪئي قتل ۽ بلادڪار ڪيا هئائين. ڌاڙا ۽ ڪاٽ سندس ڪاج ۽ ڪرت هئا. نثري ادب، خاص طور فڪشن اعليٰ قسم جو رچيائين. آخر ۾ جيل اندر قانون جو مطالعو ڪري پنهنجي ’بچاءُ‘ جو ڪيس پاڻ تيار ڪري ڊگهي قانوني جنگ جوڙي موت جي سزا کي ڪيترن ئي سالن تائين اينگهائيندو رهيو. ۽ جيل اندر بہ تخليق جو ڏيئو وسامڻ ڪونہ ڏنائين. (هلندڙ)



قيمت : 90 روپيا، صفحا: 90
چئن رنگن جي ٽائيٽل ڪور سان گڏ آفسيٽ پيپر تي شايع ٿيل ڪهاڻي ڪتاب.
ثقافتي ادبي فورم دادو



# زن مريد

ڪرن نگرڪار



سنڌيڪار: ڊاڪٽر بدر اُڄڻ

اسان، وڏي مسافريءَ ڪانپوءِ، آخرڪار بارڊر پيڙا ٿياسين. مان منگل کي چيو تہ بهادر جي ضرورت جون ڪيس شيون پاڻي وغيره هن کي مهيا ڪيون وڃن تہ جيئن هو ساٿين سميت آسانيءَ سان اڳتي وڃي سگهي. منگل، نياپي سميت واپس آيو. مهاراج ڪمار کي وينتي آهي تہ اسان کي آخري ملاقات جي عنايت ڪرڻ فرمائين؟

هڪ شهزادي ڪي، شاهي خون وارو هجڻ ڪري، ڪنهن بہ ڳالهہ جي معذرت ڪرڻ نہ ٿي جڳائي. ۽ مان ڪونہ ٿو ڪيان. تون تمام بهتر ميزبان بڻجي ڏيکاريو جيڪو مان سوچي نہ پئي سگهيس پر مان بهتر دوست نہ بڻجي سگهيس. تون، مون کي حياتي ڏياري، هڪ نہ پر بہ دفعا. اهو تنهنجو قرض آهي منهنجي مٿان جيڪو مان ادا ڪري نہ سگهندس. مون کي يا ڪنهن ٻئي کي توکان سڪڻ جو گهٽو ڪجهہ مليو آهي. مان انڌو ناهيان آقا. مون کي خبر آهي تہ تون اڪيلو آهين. توکي ڪابہ تڪليف يا تذليل ويجهو نہ ايندي. ڇاڪاڻ تہ تون پڪو پروفيشنل آهين ۽ شخصي زندگي کان بلڪل الڳ آهين.

مان هن وقت تنهنجي عزت افزائي ڪرڻ کان رهي نہ ٿو سگهان. مون کي پڪ آهي تہ هڪ ڏينهن تون بادشاهہ ٿيندين ۽ تخت نشين ٿي ويهندين ڇاڪاڻ تہ تون هر مسئلي کي سلجهائي رکڻ جي صلاحيت رکين ٿو.

تون مون کي سيکاريو تہ شهزادن کي چغل خور ۽ ڪمينن ماڻهن کان خبردار رهڻ گهرجي. حيف هجي تن کي جيڪي توکي گهٽ پيا چون. مون کي جيڪڏهن قسمت ساٿ ڏنو ۽ هڪ ڏينهن تخت تي وينس تہ مان بہ ان گلا يا خواريءَ جو خاص خيال رکندس. مان توکي وڏيڪ تنگ نہ ڪندس. مان هن عمر تائين، ائين پئي ٻڌو آهي تہ دولت بادشاهن لاءِ نعمت ۽ انهن لاءِ خرچ ڪرڻ هنن جو حق بڻجي ٿو. پر هاڻي مان سکيو آهي تہ بادشاهہ بڻجڻ سان گڏ دولت کي قبضي هيٺ رکڻ لازمي آهي. معيشيت ۽ واپار تو سيکاريو آهي مون کي تہ تمام اهم آهن، بنسبت جنگ ۽ فتح جي.

مان تنهنجي هن جنگ بابت ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهان. پر مالڪ جي مهر هجي تنهنجي مٿان ۽ اڳتي وڌندين. خدا حافظ.

*

تو ڪيڏانهن ويندين شهزادا؟

منهنجو پاءُ تہ منهنجي منڊيءَ جو طالبو آهي. اها مان اجا پنهنجي ڪلهن مٿان ئي ڏسڻ چاهيان ٿو. مان دهلي طرف وڃان ٿو، جناب اعليٰ.

گڏباءِ، شهزادا. مان گجرات سان امن جو خواهان آهيان.

مان ڄاڻان ٿو تون اجا بہ آهين. مونکي اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ ڏاڍو وقت لڳي ويو.

***

والد، مان پاڻ کي هن جو لاڏلو چو ٿو سمجهان. هي تہ منهنجو عهدي جي اچڻ بعد پهريون انٽرويو آهي؟ شايد ان ڪري جو هو پاڻ کي بادشاهہ ٿو سمجهي ۽ منهنجو حاڪم. تڏهن مون کي پرواري تنبوءَ ۾ پندرنهن منٽن ڪان انتظار پيو ڪرائي. اها سٺي ڳالهہ آهي. پنهنجي ماتحت کي ضرور پريشان ڪجي. پگهرائجي هن جو مغز تڪو هلي. بخار جيان طبيعت پل تپيل هجيس. ڇا مون کي پنهنجو نہ ٿو سمجهي؟ ڇا مان اهڙو ڪجهہ چيو آهي جيڪو مٿس ناگوار گذريو آهي؟ گذريل، ستاويهن يا ٽيهن سان سَوَن سالن جي منهنجن عملن ڪيس چيڙايو آهي؟ (يا منهنجي گرپ ۾ اچڻ کان وٺي، مون تي ڪاوڙيل آهي.) شايد، منهنجي پرپٺ، ڪو هن کي غلط بياني ڪري ٿو. اها ڪاوڙ، مون کي سنتريءَ جي اکين منجهان نظر اچي ٿي. مان بيڪار آهيان ۽ مون کي ڪوبہ پسند نہ ٿو ڪري.

اها سٺي چال آهي تہ هڪ ڏنگو پٽ، پلي پاڻ ئي پنهنجي پگهر ۾ ٻڏي. هي اڄڪلهہ جا نوجوان، پاڻ کي ڌرتيءَ جا مالڪ ٿا سمجهن. بشمول سندن والدين. پلي، انهن کي هڪ بہ قدم هيٺ رکڻ کپي. بجاءِ، ان جي جو هو هٿن مان نڪري وڃن. هن وقت مان پريشان ضرور ٿي رهيو آهيان، منهنجي حالت رحم جوڳي پئي بڻجي. جنهن تي پٿر بہ شايد روئن. تون مون سان ڪڏهن بہ پيار ناهي ڪيو بابا. منهنجو روح ڪٿي هيو. اتي تہ خلا آهي. سنهو پدو آهي.

اهي هوائي ڳالهيون. منهنجي بي چيني، ملاقات ۾ دير ڪرائڻ واري گهٽائي نہ ٿيون سگهن. مان پنهنجي قسمت جي ڦٽڻ تي بہ سوچيو آهي. ڇاڪاڻ تہ مان وقت کان اڳ، اقتدار جي واڳ حاصل ڪئي آهي؟ شاهي خاندان جي چشم و چراغ، والد جو سڳو پٽ، وڪرماجيت، بغاوت ٿو ڪري ۽ بهادر وري لڪشمڻ سمهاجي جي پٽ، راجيندرا کي ٿو قتل ڪري. لڪسمڻ سمهاجي والد جو ويجهو ساٿي ۽ دوست اهي سٺا سَٿوڻ ناهن. پر مان انهن کي خوب سمجهان ٿو. اهي سڀ باهہ جي لاءِ تيل آهن. پر، ان کي چوچڙي دڪائڻ واري تہ آهي. راڻي ڪرماوتي. اسان سمورو طويل سفر، بنا آرام جي

ڪاٽيو. بس ڪجھ وقت ترسياسين. ماني ڪائڻ لاءِ ۽ گھوڙن جي چاري لاءِ. مان سيني کي منع ڪيو هو ته ڪوبه راجيندرا جي قتل بابت ڳالهه نه ڪولي فقط ڀهريون شخص مان ئي هجان جيڪو راجيندرا جي قتل جي ڳالهه ٻڌايان. پر مان سمجهان ٿو ته اها منهنجي ڪوشش اجائي هئي. مان شرطيه ٿو چوان ته راڻي ڪرماوتيءَ جو ڪو ماڻهو هتي ضرور هوندو. جنهن مون کان اڳ ۾ والد کي ٻڌايو هوندو.

مون کي سڌ ٿيو آهي. مان صحيح هئس. راڻيءَ جي مخبر بابت ۽ والد ڀاران اجايو انتظار ڪرائڻ واري شڪ بابت غلط هئس. اند سرجن هيو جيڪو نون زخمن جي ملم پٽي ڪري رهيو هو. مان حيران ٿي ويس ته هو پاڻي يا رت يا پاٽياٽ کي ڪيئن روڪيو وينو هو. ماڻهوءَ جو اندر به چڻ هڪ آبشار هجي ٿو ۽ سوين نيڪال جا سراخ هجن ٿا. هن پنهنجي سر تي ايترو بار جو رکيو؟ آيا اها هن جي همت حوس يا ڪو خوف هئس؟ خوف والد جي طبعيت جي نسبت سان آخري ٿي سگھي ٿو. پر والد خوف ۾ ورتل ٿو لڳي، ميواڙ جي سمورن ماڻهن يا دنيا جي ماڻهن کان به وڌيڪ. هو ان ڏينهن کان ڊنل هو. جنهن ڏينهن چرني ديويءَ جي مندر تا واپسيءَ ۾ سندس پائرن هن جو اڳ ورتو هو. هو ڊنل هو ۽ ڪوئي به ڪيس بزدل ڪوئي سگھي ٿو. چوته هو اتي بيٺو ڪونه. پر اهو ڪنهن نه ڏٺو ته هن جو گوشت لڙڪي پيو ۽ سندس تارو نديڙي صوف جيان، اڪ جي ڪوپي منجهان پئي لڙڪيو ۽ پوءِ به هو پائرن سان مهاڏو اٽڪائيندو رهيو. والد دل جي سموري جرئت سان راجپوتن جي بهادريءَ جو مان رکيو ۽ پشيمان فقط ان ڳالهه تي هو ته هو وڙهندي چونه مُئو.

آخرڪار اسان آمهون سامهون ٿياسين. هن پڳيءَ دل سان پاڪرڙو پاتو، مان ڪجھ چوڻ پئي چاهيو پر سوچيم ته مناسب نه ٿيندو. پلي پڳي دل چوته هجي، پر پٽ ۽ پيءَ جو رشتو اڻ ٽٽ آهي. مان به هميشه هن کان پاسيرو هوندو هيس وڌيڪ، پوءِ هن کي به رهڻو پيو. مان هن جو صدق دل سان احترام ڪندو آهيان. پر مون کي انهن جذبات کي لفظن جو ويس ڍڪائڻ ڪونه ايندو آهي. مان مختصر طور تي سمورن حالتن ۽ مسئلن بابت ڪيس رپورٽ ٻڌائي، جيڪي سندس پويان ٿي گذريا هئا. ننڍين ڳالهين کي مان ڪٽي ڇڏيو. هو خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو ڪوبه اڻ وڻندڙ اشارو نه ڪيائين. بس مان ڪو وڏو قابل ناهيان ۽ هو واقعي آهي. آيا هو پسند ٿو ڪري يا ناپسند يا ڪا ٻي راءِ ٿو ڏي؟ الائي مان ذميواريءَ جو ثبوت ڏنو يا نه؟ جيڪڏهن هو منهنجي حيثيت ۾ هجي ها ته ڇا ڪري ها؟ ۽ هاڻي ڇا؟ مان انهن ڳالهين ۽ ٻين ڪيترن مسئلن بابت جواب جو بيچينيءَ سان منتظر هوس. مون کي محسوس ٿو ٿئي ته هو جواب ڪونه ڏيندو نه هاڻي ۽ نه وري مستقبل ۾. وڪرماجيت بابت الائي سندس دل ۾ ڪهڙو حل آهي؟ ان لاءِ به مون کي اندازو آهي ته ڇا ڪندو. هو پنهنجا پَتا، سيني سان لڳائي پوءِ ئي اڇليندو ۽ مان ميواڙ جي ماڻهن جي راين جي روشنيءَ ۾ ئي ڪجھ ڪري سگھندس.

اسان هڪ ٻئي کان پري هٽاسين. هن معرڪي جي ڪري. اسان ڪيترا دفعا گجرات جي فوجن کي ملٽي ڏني هئي سين. ڪيتري حد تائين؟ مظفر شاهه ڪيترائي ڪمانڊر مٽائيندو رهيو ۽ اسان جو نياڻو، رائو رئمل به سڌي راهه تي اچڻ لڳو هو. بس ايتري ئي ڳالهه آهي ان مسئلي بابت اسان کي هميشه لاءِ ته اتي ويهڻو ناهي. نه وري مستقل طور تي اسان فوجون اتي رکي سگھون ٿا. مان فيصلو ٿو چاهيان. تون ئي آهين جنهن کي نواڻ جي چاڻ آهي. اسان کي فيصلي ڪن فتح گھرجي پٽ. اِدر، اصلي وارثن کي موٽي ملي ۽ اسان کي وري پنهنجن ٻين مسئلن کي منهن ڏيڻ گھرجي.

مان ڪونه ڳالهايو. مون کي تنهنجو ڪم پاڻي ۽ ان جي نيڪال بابت گھڻو پسند آيو. مان موٽي وڃي انهن منصوبن جو جائزو وٺندس ۽ پوءِ فيصلو ڪنداسين. سو توکي، فيصلي ڪن فتح بابت ڪي مونجهارا آهن؟ مون کي انهن بابت تفصيل سان ٻڌاءِ. هن مون کي، هڪ ئي مسئلي تي اٽڻ چاهيو. مان هڪ لفظ به نه ڳالهايو. پر هن منهنجي خاموشي کي ٽوڙڻ چاهيو. ڳالهين کي منجهائڻ جي مهل ناهي.

مان ڪلي ڳالهايان، بابا؟

بلڪل، هاڻي وقت آهي ڪلي ڳالهائڻ جو، بجاءِ جو دير ٿي وڃي ۽ پوئتي هٽڻو پوي.

جيڪڏهن توهان اِدر بابت فيصلو وٺڻ ٿا چاهيو ته پوءِ ڀهريائين گجرات کي وڏو پوندو بابا.

تنهنجو مطلب آهي ته سموري گجرات حاصل ڪرڻ؟

نه بابا. منهنجو مطلب آهي اسان گجرات سان سالن کان پيا ٿا وڙهون. پر ان ڪري اسان ڪٿي وڃي پهتا آهيون؟

تون ان ڳالهه لاءِ تيار آهين يا نه؟ هن جو سوال نه هيو.

مان گجرات مٿان حملو ڪرڻ نه ٿو چاهيان. مان اِدر کي حاصل ڪرڻ خاطر، اهو رستو ٿو ڏسيان.

نيڪ، جيڪڏهن مان تنهنجي ڳالهه ڪٽي مڃان، تون ڇا ٿو ڪرڻ چاهين؟

منهنجو مشورو آهي ته ڀهريائين اسان کي هوم ورڪ ڪرڻ گھرجي. نيڪ جيڪڏهن گجرات فتح ڪرڻ لاءِ اسان تيار به ٿي وڃون ڇا به ٿي پوي. آيا گجرات اسان لاءِ ڪو مسئلو آهي ڪو زندگيءَ ۽ موت جو معاملو آهي؟ يا سڀ ڳالهيون ٿوري خرچ ۽ گھڻ تڪليف سان جيڪڏهن اسان دهليءَ تي حملو ڪين، جيڪا تباهيءَ جي ڪانري تي پهتل آ؟ يا اسان ڏکڻ ۽ ڏکڻ اولهه کان ڪن ٿار ڪندي اڳتي ٿا وڌون؟ مان توهان جاڻو ٿا ته پاڙيسري ملڪ مالوا جي ڳالهه ٿو ڪيان، جتي محمود خلجي وينو آهي. مظفر شاهه گجرات وارو مضبوط، طاقتور، تڪڙو ۽ دبنگ حڪمران آهي. ان جي مقابلي ۾ محمود خلجي، ڪمزور ۽ خالي هٿين آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هو شخصي ويڙهو ضرور آهي. ان کان علاوه اسان هنجي وزيراعظم مدني راءِ سان سازباز ڪري سگھون ٿا.

تنهنجو مطلب آهي، ان معرڪي لاءِ مناسب وقت آهي؟

نه بابا. اهو وقت مضبوط منصوبه بندي ڪرڻ جو آهي. هم خيال دوستن ۽ راجپوت اتحاد، توهان جي سربراهيءَ ۾ جوڙڻ گھرجي.

گجرات جي سلطان، مالوا تي ان ڪري حملو ناهي ڪيو جو اهو مسلمان ملڪ آهي. اسان کي مالوا تي حملي کان اڳ وڏو خيال ۽ ڌيان ڏرڻو پوندو. ائين نه ٿئي جو گجرات، مالوا سان مِلي وڃي.

مون کان وسري ويو شايد ته پاڻي ڪيترا اونهون آهي، پٽ. مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته تنهنجا ايڏا وڏا منصوبا آهن.

اسان بادشاهه اڳ ۾ آهيون، ويڙهاڪ ان کان پوءِ. ان ڪري اسان جي نظر وسيع هجڻ گھرجي. ۽ پوءِ اها وسيع نظر واري ڪوشش سچائي منجھ اچڻ گھرجي، منهنجون جيڪي به امنگون آهن قبلا ميواڙ جي ڪاميابين لاءِ ئي آهن.

آيا، هو مون تي اعتماد ڪري ٿو؟

ادر کي واپس وٺ. مون سان واپسيءَ ۾ وڌيڪ ڳالهائجاءِ. انهن منصوبن لاءِ پوءِ ڪافي وقت هوندو، انهن بابت سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ. هو اٿيو ۽ مختصر ميٽنگ ختم ٿي وئي. مان نوڙي، هٿ هن جي پيرن تي رکيا. هن منهنجي وارن کي هٿ سان ڪنديڙيو. لارڊ اڪلنجي جون همايتون ۽ مدد توسان شامل هجي.

آيا، گجرات آرميءَ بابت ڪا خاص ڳالهه ٻڌائڻ چاهيندين، جنهن تي مان ڌيان ڏريان.

ان بابت اهم ڳالهه ان جو ڪمانڊر ملڪ اياز آهي. هو روس جايو ۽ ترڪن جي غلامي هيٺ رهيو آهي. ان بعد هڪ واپاريءَ جو پٽيلو بٽيو ۽ مظفر شاهه جي ڏاڏي کي هن جي ٻانهن گفٽ ڪري ڏني وئي هئي. ننڍپڻ کان وٺي هن ڏڪا ڪائي، اسريو ۽ نسريو آهي ۽ وڏو تجربو اٿس ۽ هاڻي غلام منجهان ترقي حاصل ڪري ڪمانڊر بڻيو آهي ۽ سلطان جو وفادار جنرل آهي. ٻيا جنرل هن سان ساڙ ڪندا آهن ۽ هن کي فيل ڪرڻ ۾ هر وقت رڌل

هوندا آهن هن کي غلام هجڻ جا طعنا ڏيندا رهندا آهن. هن سيني ۾ عمر رسيده آهي ۽ سمجهدار ڪمانڊر آهي.

والد، ڏاڍو گهٽ ڳالهائيندو آهي. اڄ مون سان ايترو ڳالهايو اٿس جيڪو گذريل سالن منجهه به ڪونه ڳالهايو هوندو. هو ڳالهين کي کُتائڻ جو ماهر آهي ۽ بحث ۾ منٿن ۾ نبيريندو آهي. مسئلي تي مختصر روشني وجهندي، پوئتي هٽي ويندو آهي.

هڪ دفعو ٻيو به هيو جتي اسان چڱو وقت گڏ گذاريو. اهو مارچ پاسٽ/سلاميءَ وارو موقعو هو. جتي مان هن سان گڏ بيٺل هوس.

سلاميءَ واري چبوتري مٿان سلامي وٺي ڪمانڊ جي چارج منهنجي حوالي ڪئي هئائين. اتي سمورا نيڪ مرد رائو رئمل راجا موجود هئا. ناشتي جو اهتمام هو. والد سموسو هٿ ۾ ڪٽي وات تي آڻڻ کان اڳ ۾ هٿ هيٺ ڪيائين. هن جي اندر ۾ الاجي ڪهڙا اڌما ريري آيا ۽ سيني کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو، "اوهان سڀئي هت موجود آهيو. سڀئي منهنجي پٽ کان عمر ۽ عقل ۾ مٿيرو آهيو. مانيٽي انداز ۾ چوندو رهيو. توهان ڏاڍا، سرد ۽ گرم موسمن جا سما ڏٺا آهن. جنگيون وڙهيون اٿوَ، تجربيڪار آهيو، منهنجي پٽ کان. اهي لفظ هن لاءِ وٽندڙ نه به هجن پر مان ڪيس صلاح ڏيندس ته توهان جي تجربن مان سکي. مان هڪ ڳالهه توهان سان ورجائڻ ٿو چاهيان ان کان پوءِ مان اجازت وٺندس. هن جي عمر کي ضرور خيال ۾ رکندا. توهان کي چڱن هٿن جي حوالي ٿو ڪيان. جئه اڪلنجي."

***

مان سڄو ڏينهن، وڏڙن ۽ حڪومت جي سربراهن سان ملاقاتين ۾ گذاريو. جن لاءِ والد صاحب هدايت ڪئي هئي. ڪي نوان هئا، ٻهرين ملاقات هئي ساڻن. ڪن کي منڊ کان سڃاڻان. ڪن سان ڪجهه معرڪن ۾ گڏ رهيو هوس. پر هاڻي مان ڪمانڊر-ان چيف هئس. گجرات جي ڪمانڊر ملڪ اياز جيان، مون کي به ثابت ڪرڻو پنهنجي صلاحيتن پٽاندر. مان انهن جو تعارف ۽ پنهنجي پيل دوست، بادشاهه پورا جي ڪڪا سان ڪرايو ۽ ان سان گڏ، سوٽ تيج سان پڻ. تيج کي ساڻ رکڻ سياسي چال هئي، چاڪاڻ ته راجيندرا جا پاءُ هيو. پورا جي ۽ مان ته ڪيس سڃاڻون ته ڪيترو فراڊ هو. هن جي ميواڙ سان ته جيڪا وفاداري هئي پر مون سان گهٽ هئس. هن جي خيال ۾ مان بزدل ۽ ڪمزور هئس. اسان وٽ پنجاهه هزار پيادا ۽ گهوڙيسوار فوج هئي. رائو گنگا، جوڌپور وارو، ست هزار فوج آندي هئي.

منهنجي زال جي چاچي، رائو ورماديو، مرتاواري، جيڪو والد جو دوست به هو پنج هزاري ٿي آيو. راول اداڻي سمها، دنگارپور وارو ۽ اَشون سمها، بنسوارا جو حاڪم، پنهنجي ٺورن جٿن سميت، اسان جي فوج جا ٻانهن ٻيلي ٻٽيل هيا. رائو ورماديو چواٽي، اسان جون فوجون ڪراڙن هاٿين هجڻ باوجود گجرات جي فوج جي مقابلي جون نه هيون ۽ تعداد منجهه به هو ست هزاري هئا.

ملڪ اياز وٽ چار نائب هئا. سڀئي تجربيڪار لڙاڪو ڪمانڊر ۽ اسان جي فوجن سان ڪيترا دفعا معرڪا ڪيل هئن. مان رائو گنگا کي چيو ته انهن جا پروفائيل ناهي ڏي، ملڪ اياز جي فوج سميت هنن ماضيءَ ۾ ڪهڙيون جنگيون وڙهيون. انهن جا جنگي طور طريقا ۽ ڪاميابيون وغيره. هن کي ان جي اهميت جي خبر ڪانه هئي. مگر چوڻ مڃيائين.

اسان جي فوج ۾ مسلمان گهڻا آهن؟

ست سؤ کان گهٽ انهن پنجاهه جٿن کان علاوه جيڪي توهان پاڻ سان آندا هئا. اهي چڱا ويڙهاڪ ۽ اسان سان وفادار آهن. هن يقين ڏياريو.

ڳالهه اها ناهي. انهن جو ڪجهه تعداد وڌائي سگهجي ٿو. پنهنجي حفاظت ۽ بچاءَ لاءِ؟

توهان کي گهڻا کپن؟

پنج هزار هجن ته واهجو ڪم ٿيندو. في الحال ٻه هزار ٿي سگهندا.

اسان، انهن کان سواءِ سڌا آهيون. تيج جي ٻهرين راءِ آئي، هيل تائين.

مان ڏسان ٿو، ادناتجي جاجين ڌرم وارا. اسان سان گڏ سٺو وڙهندا. خوشقسمتيءَ سان اسان جا مسلمان شهري، امن جا قائل ناهن.

اهي پنهنجي ڌرتيءَ خاطر ضرور وڙهندا. تيج جي لهجي مان منهنجي خلاف نفرت ظاهر ٿيڻ لڳي. ان جو سبب ڪجهه ٻيو آهي. اسان ان ڳالهه منجهان، ملڪ اياز ۽ مظفر شاهه جي چال کان بچي سگهنداسين. جو مٿان هو جنگ جو رخ موڙي ڪافرن خلاف جهاد جو اعلان نه ڪري وجهن. اهو ته هو ضرور ڪندا پوءِ ان وقت، اسان جي پاسي وارن مسلمانن کي سنڀالڻ مشڪل ٿي پوندو.

اها ڳالهه مون کي ٽڪرائي، برابر ڪنهن به وقت اهي ڪافرن سان جنگ خاطر جهاد ۾ نه ڦري وڃن، مظفر شاهه جي اپيل هيٺ. منهنجون راتيون جون ننڊون ڦِٽي ويون، جنگي چنتا بابت سوچيندي. اسان جي ڪتابن منجهه اهڙي ڪا هدايت ناهي، جيڪا اسلام جي جهاد سان پيٽي سگهجي. اها اچانڪ تبديلي، اسلام اندر هڪ طاقتور قوت آهي.

اسان جي وڏي ۾ وڏي جنگ پگهونت گيتا ۾ سمايل آهي. پر گيتا ۾ ڇا لکيل آهي؟ جنگ ڪيو، پنهنجو فرض ادا ڪيو. آئيندي جي حاصلات جو ڪو خيال نه ڪيو. ان جي مقابلي ۾ اسلام ۾ هدايت چاهي. اگر، توهان خدا خاطر وڙهندي مرو ٿا ته شهيد آيو. سڌو جنت ۾ داخل جتي حورن جي هنج ۾ حياتي مزن ۾ گذاري سگهندؤ بيشمار مزا راحتون توهان لاءِ هجن ٿيون.

حياتيءَ کان پوءِ بابت، گيتا ۾ چاهي؟ اسان لاءِ روحن بابت وري ٻيهر موٽي اچڻ جو درس آهي، جڏهن حياتي سٺي نموني گهارجي، تڏهن آتما کي آشا ملڻ جو آسرو آهي. اسان واريون آشائون مسلمانن جي عياشين سان مشڪل سان پيٽي سگهجن ٿيون. اها عجيب ڳالهه آهي جو، هندو پوءِ به جنگيون کٽن ٿا.

مان شفيع خان ڏانهن قاصد موڪليو، هو اسان جي ملٽري اڪيڊمي منجهه، مسلمان جنگي ماهر آهي. هو ٻڌندي، اندر گهڙيو هن کي پهريائين مان ڀوز ڏنو هو. اڃا اهو ڪانئس وسريو ڪونه هو.

هن پهريان مونکي آداب عرض ڪيو ۽ پوءِ ڪائونسل جي ٻين ميمبرن کي ۽ حيرانگي مان ڏسڻ لڳو ته الائي ڪهڙي ڪوتاهي ٿي آهي وري هن کان. مان پنهنجي سٽ ڏئي تلوار مياڻ مان ڪڍي. تلوار جي نڪرڻ واري ڪڙڪي کان ته مردي کان به ڇرڪ نڪريو وڃي. تلوار جو منهن هن ڏانهن ڪري مان ٽپائيندو ويم سڀني ميمبرن جي هٿن منجهه.

اسان فيصلو ڪيو آهي ته شفيع توکي قتل ٿا ڪيون، مان هن کي آهستي سان چيو. ٻڌاءِ ته ڪيئن پڇندين؟

قبلا، ڪهڙي ڏوهه ۾؟ هو ڏڪڻ لڳو.

چاڪاڻ ته تنهنجو ٻوٽ ڪونه ٿو وٽي. مان تلوار اُپي ڪئي. جواب ڏي.

توهان ڏسندؤ ته پوئين پير هٽندي، ان شاميانې ڏانهن موٽي ويندس جتان آيس، هو منهنجي راد سمجهي ويو جيڪا مان ڪري رهيو هوس. ان بعد سڄي پاسي پڇندس. راول اُدئي سمها ۽ تيج سمها کي قتل ڪندس. جيڪڏهن هنن منهنجي رستي روڪ ڪئي. مان شاميانې کي چيري اتان پڇي نڪرندس.

پلا، ڪٻي پاسي کان چوند؟

اهو ڏکيو ٿيندو، رائو ورماديوَ ۽ رائو گنگا، کي هڪ وقت للڪارڻ. ۽ توکي ان پاسي کان آسانيءَ سان رستو ملندو؟ تيج ڦوڪجي چيو. ڪري ڏسو سائين.

تون جلد بازي نه ڪر. مان تنهنجون غلطيون ڳڻيندي، توکي سمجهائڻ ٿو چاهيان. جيستائين راول سمها جو تعلق آهي ته هو گهوڙي تي سوار هوندو ۽ هن سان ٻهريون دنگل نه ٿيندو. هو بيٺو هوندو، هن کي هڪ جنگهه ڪاٺيءَ جي آهي. اها وڏي ڪمزوري آهي ۽ ضرورت مهل اهو داءُ لڳائيندس.

"تنهنجي پوئتي هٽڻ واري سائنسي تحقيق ڪيستائين پهتي آهي، شفيع خان. " مهاراج ڪمار وچ ۾ ڳالهايو. (هلندڙ)

# ڪشباش

آخري قسط

نگات جو موڊ خراب ٿيو ويو. ”ڊاڪٽر عاشق مان توسان پرامز ٿي ڪيان ته مان هنڪي جبوتي ۾ رهڻ نه ڏيندس. هينئر ڪٿي آهي؟“

”نيروبي ۾ شراب ۽ شباب لاءِ ويل آهي.“

مون ساري پروگرام لاءِ 50 ڊالر مٽائي فرانڪ ورتا هئا. جڏهن بل آيو ته ٽپ جا پئسا ڪٽي پيا. ڊالر به ڪونه ٿي متجي سگهيا. مان وفا کي چيو، ’يلا هاڻي ٽپ ته تون ڏي.‘

هوءَ ڏاڍو کِلي ۽ پرس مان ٽپ ڪڍي بيري کي ڏنائين.

مون چيو، ”ڪاش مونکي به ڪا ٽپ ڏين ها.“

نگات کلي چيو، ”تو اهو موقعو وڃائي ڇڏيو. اڄ جبوتيءَ ۾ تنهنجو آخري ڏينهن آهي.“

”ها پر يادگار ڏينهن آهي جو اڄ مان ٻن حورن جي هنج ۾ ته نه پر وچ ۾ آهيان.“

مون ڏٺو ته نگات جي ڇهري تي به لالائي اچي رهي هئي. مونکي ڪبير جو ڏوهيڙو ياد آيو.

**لالائي مُنهنجي لالَڻ جي، جت ڏسان اُت لال**
**آئون ڏسڻ ويس لالي، لالائجي ٿيس لال.**

صوفيه فرمائش ڪئي ته پاڪستان وڃين مونڏانهن شلوار قميص جو جوڙو موڪلجانءِ. جڏهن ايئرپورٽ وڃڻ لاءِ سعيد گاڏي آندي ۽ مان وڃڻ لڳس ته صوفيه مونکي ڀاڪر پائي روئڻ لڳي، جهڙي منهنجي مائٽياڻي هجي. منهنجي دل کي به ڏاڍو ڌڪو آيو. يُوجي ۽ بنگالي حيرت وچان ڏسڻ لڳا. هنن کي ڪهڙي سُڌ ته سنڌي ۽ عرب عورتون ساڳيون سڪ واريون هونديون آهن.

جبوتي جي ايئرپورٽ وٽ پهتاسين. ڏٺم ته انجو ڊيوٽي فري شاپ نهي راس تي ويو آهي. وفا به آيل هئي. جڏهن جهاز تي وڃڻ جو وقت آيو مان سيني سان ڀاڪر پائي اهو چئي وفا ڏانهن وڌيس، ”پاڪستان ۾ اسان سڀ ڪنهن سان ڀاڪر پائي موڪلائيندا آهيون.“

ٽئي بنگالي- عبدالرحمان، فاروق ۽ بڪاشي پيرن تي ٽپڻ لڳا، ”نه نه، پاڪستان ۾ اهڙي ڪا رسم ناهي.“

وفا زور سان کِلي. مون تنهي کي چيو، ”يلا توهان کي ڪهڙي تڪليف آهي، وفا کي ته ڪوئي اعتراض ناهي.“

وفا پوئتي ڪانه هٽي هئي. يوجي مُرڪي رهيو هو. پوءِ مان سيني کي الوداع ڪري، ايٿوپي ايئرلائين جي جهاز تي سوار ٿيس.

الوداع جِبوتي! الوداع صوماليا.

*

مونکي جهاز جي دريءَ پر سِيٽ ملي هئي. ٻه ايٿوپي ڇوڪريون آيون ۽ اچي منهنجي پر وارين ٻن سيٽن تي ويٺيون. وچين سيٽ واري ڇوڪري ته سانوري هئي، پر ڇيڙي وار سيٽ تي ڇوڪري ڪجھ ڳورڙي هئي. هنجا بلنيچ ٿيل وار سون جيان سونهري ۽ سنهڙيون چوٽيون سهڻي نموني ڳتيل هيون.

جهاز اڏاٽو ۽ عديس ابابا ڏانهن وڌڻ لڳو. هيڊروجن پر آڪسائيڊ ڇوڪري رِزرو هئي پر وچين ايٿوپي ڇوڪري بار بار مونکي ڏسي رهي هئي. جڏهن ايئرهوسٽس ڪافي آندي ته پر واري ڇوڪريءَ منهنجي آڏو سيٽ جي ٽري ڇڪي سڌي ڪئي ۽ پنهنجي ٽِري سڌي ڪيائين. اسان ڪافي پيئندا رهياسين پر ڳالهايوسين نه. ڇوڪريءَ کي انگريزي يا فرينچ ڪانه ٿي آئي ۽ نه مونکي ايٿوپيا جي ٻولي.

جڏهن خالي ڪوپ ڪڃي ويا ته ڇوڪريءَ ٻئي ٽري پنهنجين جاين تي لڳائي ڇڏيا. وٽس به ڳورا ٿيلها هئا. هڪ سنڌس سيٽ هيٺان ۽ ٻيو سنڌس ڳوڏن آڏو. اهو هن پوءِ منهنجي سيٽ هيٺان ريڙهي رکي ڇڏيو. هن نڪي ڳالهايو ٿي نه ئي مُرڪي ٿي.

لنچ مهل ايئرهوسٽس ڪاڏي بدران هر مسافر کي ڪاچن جي پيڪ پُڙي ڏئي هلي وئي. اڙي هي ڇا؟ ائين ته اڳ ڪنهن ايئرلائين مونسان ائين نه ڪيو هو. ڇوڪري منهنجي مايوسي يا ڪاوڙ سمجهي وئي ۽ پنهنجي پُڙي مون ڏانهن وڌائي. مون ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيو.

عديس ابابا آيو. ايٿوپيا، جنهن کي عرب حبشه چوندا آهن. اردوءَ ۾ هر آفريڪي ڪاري کي شيديءَ بدران حبشي چوندا آهن. نجاشي، بلقيس، حضرت بلال حبشي، رضيه سلطانه جي محبوب غلام ياقوت حبشي، يهودا جي شينهن هيلا سلاسيءَ جو ديس جتي اڳ شادي ڪرڻ لاءِ هر جوان کي نيزي سان شينهن مارڻو پوندو هو. پر اها روايت مونکي ڪُوڙي ٿي لڳي، جو ايترا شينهن ڪاٿئون ايندا، پوءِ نڪي شاديون مُراديون ٿين ها ۽ آبادي به ايتري وڌيل نه هجي ها. ان ڪانسواءِ پاڻ کي بالغ ثابت ڪرڻ لاءِ اهو هڪ ڏکيو ۽ وائڙو امتحان آهي. ان کان بهتر آهي ته ماڻهو وڃي ايم بي بي ايس يا سي اي ڪري، جيڪو نيزي کان به وڌيڪ جان جوکم ۾ وجهڻ جو ڪم آهي.

جي صومالي پاڻ کي حضرت علي جي اولاد سمجهن ٿا ته ايٿوپي وري حضرت سليمان کي پنهنجو ابو سمجهن ٿا. سنڌن خيال موجب ايٿوپيا جي راڻي ماڪينه، بلقيس هئي، عرب ڪيس سبا جي



ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

راڻي چوندا آهن. يهودي شيبا.

اسان اردو واري حبشيءَ سبب سمجهندا هئاسين ته حضرت بلال حبشي شيدين جيان ڪارو هوندو، پر نه هو پڪ هينڊسم هوندو جو ايٿوپي قوم سهڻي ٿئي ٿي:

**اي يروشلم جون ڌيئرو!**
**مان سانوري**
**پر سُهڻي آهيان،**
**’قيدار‘ جي تنبوئن مثل**
**سُليمان جي**
**تنبوءَ واري ڪپڙي جيان.**
**مونکي شيدڪو سمجهي**
**نه ڏسو،**
**مان ته سيجَ سببئون**
**سانوري آهيان.**

*(غزل الغزلات:6-5)*

جهاز لينڊ ڪيو. مسافر هيٺ لهڻ لڳا. ڇوريون پنهنجو سامان منهنجي سيٽ هيٺان ڇڏي هليون ويون. مون چيو اهو وري ڇا؟ مان سندن ٿيلهو جاچيو تمام ڳورو هو، ان ۾ ڪي بوتلون پريل هيون. الائي ڇا معاملو هو، ايٿوپيا ۾ فوجي ڊڪٽيٽرشپ هئي ۽ اها به آفريڪا جي. مان تڪڙو تڪڙو جهاز جي ڏاڪڻ تان هيٺ لٿس، ڇوريون اڳيان وڃي رهي هيون، مان ڪين سڏ ڪري، ٿيلهو پٽ تي رکي، اُن ڏانهن اشارو ڪري تيزيءَ سان اڳتي وڌي ويس. پوءِ ڇا ٿيو سا مونکي خبر ناهي.

هڪ ڪائونٽر تي پرڏيهي ناڻو يا ڊالر بُڏائڻا هئا جو هتي بئنڪ ۾ ڊالر جي مٽاستا جو اگھه گهڻو مهانگو آهي. مٽان کو پرڏيهي پنهنجا ڊالر بليڪ مارڪيٽ مان نه مٽائي. مان علي نور جي صلاح سان جبوتي ۾ ئي پنهنجي خرچ آهر ڊالر مٽايا هئا جو اُتي شرح ايٿوپيا جي بليڪ مارڪيٽ کان به وڌ

هئي، سي منهنجي کيسي ۾ پيا هئا. مان رڳو مني بيلٽ مان ڊالرن جو ڍڳ ڪائونٽر تي رکيو. ڇوڪريءَ جون اکيون ڦاٽي ويون.

حقيقت ڇا هئي جو جبوتيءَ جي اونڊوسوئيز بئنڪ اڪائونٽ کولڻ جا 80 ڊالر، هر چيڪ تي 40 ڊالر ۽ اڪائونٽ بند ڪرڻ جا ٻه 40 ڊالر وٺندي هئي، ان ڪري مون اڪائونٽ ئي نه کولرايو. پئسا پاڻ وٽ گڏ ڪندو ويس. سيني بنگالين پنهنجا اڪائونٽ کولرايا هئا.

بنگالين کي چوريءَ جي عادت هئي. ڪينيا وڃڻ مهل مان پنهنجا ڊالر ان ريت لڪايا جو واپسيءَ ۾ خود مون کي ڳولڻ سان نٿي مليا. مون پنهنجي عقل کي پاڻ شڪست ڏئي ڇڏي هئي.

هڪ لنگهه وٽ ايٿوپين جهڙتي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، مون ٺُپ انڪار ڪري ڇڏيو. مان انڪي فرد جي بيعزتي سمجهندو آهيان. فل سوٽ ۾ هڪ جوان انڊين بيٺو هو. هن ٻه مونکي ڏسي جهڙتيءَ کان جواب ڏنو. نيٺ گهڻي ريڙهه پيڙهه کانپوءِ اسان ٻئي جهڙتيءَ کانسواءِ ٻاهر نڪري آياسين.

مان جڏهن لبيا وڃي رهيو هئس ته PIA جو جهاز ڪلاڪ ڪن لاءِ دمشق لٿو. انجو ايئرپورٽ اسانجي ڪنهن ڳوٺاڻي ريلوي اسٽيشن جيان ٿي لڳو. جڏهن واپس جهاز ڏانهن موٽيس ته واٽ تي هڪ بوگيءَ جي آرپار ٻن دروازن وچان لنگهڻو پيو. اُمالڪ پاسن کان ٻن شامي فوجين منهنجي جهڙتي ورتي ۽ پڇيائون، ”ڇا تو وٽ ڪو هٿيار آهي؟“

”اُهو ته هر مرد وٽ هوندو آهي.“

ائين چئي مان تڪڙو گاڏي کان ٻاهر نڪري ويس. شاهي فوجي ڏسندا رهجي ويا.

ٻيو واقعو ايٿنز ۾ 3 ڪلاڪ ٽرانزٽ دوران پيش آيو. مان ۽ منهنجو دوست يوناني سُندريون تڪي رهيا هئاسين ته مون محسوس ڪيو هڪ سانوري رنگ جي ڇوڪري 10 فٽ فاصلي تي اسانجي پويان اچي رهي آهي. ”پويان پويان ڇو پئي اچين گڏ هل.“ اسان ڪوڪ پيئڻ لاءِ هڪ ڪينٽين ۾ ويٺاسين ته اوچتو هن دانهن ڪئي،

”هاءِ منهنجو ڊٻو.“

”ڇا جو ڊٻو؟“

”مان پاڪستان کان ڊٻي ۾ حبشي حلوو ورتو هو.“

اسان ايئرپورٽ ۾ جتي ڪٿي ڊٻي جي ڳولا ڪئي، پر نظر نه آيو. اوچتومنهنجي نظر ڪجهه يوناني فوجين تي پئي جيڪي دائري جي شڪل ۾ مِڙي وچ تي ڪاشيءِ ڏسي رهيا هئا. مونکي شڪ پيو مان سندن ويجهو وڃي هڪ فوجيءَ جي ڪلهي پويان جهاتي پائي سندن دائري اندر ڏٺو ته وچ تي پٽ مٿان، ڪاغذ ڪانسواءِ حلوي جوٿين وارو چلڪندڙ ڊٻو پيو هو.

سوچڻ لڳس ته هاڻي ڇا ڪجي جوان مهل قبرص ٻيٽ سبب تُرڪي ۽ يونان جي وچ ۾ سخت ٽينشن هئي، انڪري ئي يوناني فوج ايئرپورٽ تي موجود هئي. پوءِ مونکي هڪ ترڪيب سمجهه ۾ آئي.

مان ٻن فوجين کي هٿ سان پري ڪري وٿي وچان اندر گهڙي ڊٻي ۾ هٿ وجهي دائري کان ٻاهر نڪتس ۽ هوا ۾ ٿورو مٿي اُڇلائي جهٽڻ لڳس. فوجين پڇيو، ”ڇا هي بم آهي؟“

مون چيو، ”هي بم نه حلوي جو ڊٻو آهي. جي چئو ته مان پٽ تي اڇلائي ڏيکاريان. ائين چئي مون ڊٻي وارو هٿ مٿي ڪنيو ته فوجين تڪڙو ٿي چيو، ”نه نه، متان اڇلايو اٿئي، پر انکي فوراً پنهنجي جهاز ڏانهن کڻي وڃ.“

مون ڊٻو پاڪستاني ڇوڪريءَ کي ڏنو. سفر دوران عورتون سدائين مسئلا پيدا ڪنديون آهن.

ايئرپورٽ ٻاهران ايئرلائين جي گاڏي ايٿوپيا هوٽل وٺي وئي، جتي لنچ طور مسافرن کي ڪافي ۽ سينڊوچ ڏنا ويا. ڪينيا جو هڪ ڪرڙوڌ ڇيڙاڪ عرب پڙ ڪدي بيٺو ته مان اهي سينڊوچ نه کائيندس ڪاٻي کائڻ جي شيءِ ڏيو. هوٽل وارن چيو اسان کي ايئرلائين جيترا پئسا ڏيندي اُن ۾ اهي سينڊوچ ئي ايندا. ڳالهه ته مونکي ٻه ڪانه ٿي وڻي سو مون بيري کي چيو، تون مينو کڻي اچ، اوترن پئسن ۾ هن عرب کي پسند موجب کاڌو ڏي. مان ٻه ائين ڪيو. عرب کاڌو کائيندي مونکي ائين ڏسي رهيو ڄڻ مان هوٽل وارن سان مليل هجان.

رات جو مان ڪمري کان هيٺ لهي ڊائننگ هال ۾ ڊنر ڪري رهيو هئس ته فل سوٽ پهريل هڪ پاڪستاني منهنجي ٽيبل وٽ بيهي ٻهڪندي چيو، ”مونکي سُڃاتو؟“

مون چيو، ”نه.“

”پر مان توسان مليو آهيان، نه ته ڏٺو ضرور آهي.“

”چڱو تون لائونج ۾ ويهه ته مان ماني کائي اچان ٿو.“

لائونج ۾ ڪافي پيئڻ دوران خبر پئي ته هو ڊينمارڪ جي ايئرپورٽ تي جاب ڪري ٿو. ان کان اڳ هو ڪراچي ايئرپورٽ تي هوندو هو. پر مان پوءِ ٻه کيس نه سُڃاتو پر ڪيئي گڏيل سُڃاڻو نڪري آيا. ان رات ئي کيس ڊئنمارڪ وڃڻو هو. ٻنهي کي پرديس ۾ واٽ ويندي ڪمپني ڪپندي هئي.

صبح رسيپش تي هڪ اڌعمر جي خوس اخلاق ايٿوپي عورت ويٺل هئي. مان هوٽل کان ٻاهر نڪري اوڙي پاڙي جو جائزو ورتو. جڏهن هوٽل ڏانهن واپس ٿي وريس ته ٻه ننڍا ڇوڪرا، جيڪي اخبار وغيره وڪڻي رهيا هئا سي پاڻ ۾ وڙهندي اچي مون سان ٽڪريا.

مان هوٽل اندر اچي لائونج ۾ ويٺس. ڪجهه دير کانپوءِ هوٽل جي درجي دربان اچي مونکي چيو ته ٻاهر هڪ ماڻهو توکي سڏي پيو. ڪهڙو ماڻهو؟ هتي وري ڪهڙو واقف پيدا ٿيو آهي؟

در کان ٻاهر هڪ ايٿوپي نوجوان بيٺو هو. مان در اندر ئي بيهي چيو، ”ڇا ڳالهه آهي؟“

چيائين، ”ٻه ڇوڪرا پاڻ ۾ ڪنهن شيءِ جي ورچ تي وڙهي رهيا هئا. هنن وٽان توهانجو شناختي ڪارڊ مليو آهي.“

”منهنجو شناختي ڪارڊ گم نه ٿيو آهي.“

هن کيسي مان ڪارڊ ڪڍي هٿ ۾ جهلي مٿي ڪري ڏيکاريو.

”مان مسلمان آهيان. منهنجو نالو ڪريم آهي. هي ڏس، هي تنهنجو ڪارڊ آهي. ان تي تنهنجي تصوير لڳل آهي.“

”نه منهنجو ناهي.“

”ڏس تنهنجو آهي.“

مان در کان ٻاهر نڪري، سندس هٿ مان ڪارڊ ونئي. ”مان ڏسي پوءِ ٻڌايان ٿو.“ ايئن چئي وري هوٽل جي در اندر آيس. منهنجو ئي ڪارڊ هو. مان انکي ڏسڻ جي اداڪاري ڪري کيس چيو،

”ٿينڪ يُو، منهنجو ئي ڪارڊ آهي.“ ائين چئي وري لائونج ۾ اچي ويٺس.“

رسيپشن واري پڇيو، ”ڇا معاملو آهي؟“

مون کيس ڳالهه ٻڌائي. هن ڏاڍي ساراهه ڀري آواز ۾ چيو، ”مائي گاڊ توهان ايشيائي ڏاڍا سياڻا آهيو.“

منهنجي کيسي ۾ رُڳا هڪ هڪ ڊالر جا ٻه نوٽ هئا. باقي ڊالر ۽ پاسپورٽ مان هوٽل جي سيف ۾ رکرائي ڇڏيا هئا. اهي ٻئي چورا ۽ ايٿوپي سڄو ٽِڪساد هو. رڳا ٻه ڊالر ڏسي هنن وڏيڪ پئسا وٺڻ ٿي چاهيا. سندس نالو ۽ مُسلماني ٻه ڪوڙي هئي.

هميشه وچ اوير ۾ ٽيڪسي يا ڪو ٽُوئر وغيره پنهنجي هوٽل وسيلي بُڪ ڪرائجي. هوٽل اندر حفاظت جو ذمو انتظاميه تي آهي. مون هوٽل وسيلي ٻن ڪلاڪن لاءِ هڪ ٽيڪسي بُڪ ڪرائي ڊرائيور جو نالو تِسفي يعني اُميد هو.

ايٿوپيا ۾ ڪي 81 ٻوليون آهن. خاص ٻولي امنهارِڪ آهي جنهن جو اسڪرپٽ ڏاڍو سُهڻو ٿئي ٿو. ايٿوپي ڪلچر ته مون جبوتيءَ ۾ ئي ڏسي ڇڏيو هو.

مون تِسفي کي چيو، مونکي ٻن ڪلاڪن اندر سڄو عديس ابابا گُهماءِ. هو روڊن تي گاڏي هلائيندو ۽ خاص خاص جائيون ڏيکاريندو رهيو. جتي ڪٿي ننڍڙا ۽ سُهڻا ديولَ هئا. اُتر آفريڪا جي مُسلم ملڪن ۾ ٻه ائين هڪ قُبي ۽ هڪ مينار واريون ننڍيون مسجدون نظر اينديون آهن.

آخر ۾ هو مونکي 'مَرڪاتو' وٺي ويو. مرڪاتو آفريڪي ڪنڊ جي وڏي ۾ وڏي جهوني مارڪيٽ آهي، جنهن اندر مُختلف قسم جون بازاريون آهن. پُراڻي دؤر ۾ ان اندر غُلام به وڪامندا هئا.

اُن غلامي ۾ دنيا جي سمورين قومن جو حصو هو. آفريڪي قبيلن جا سردار، جنگي قيدين يا پنهنجن اڻ وڻندڙ گهراڻن کي عربن هٿ وڪڻندا هئا. عرب سڀورا اولهه آفريڪا وڃي غُلاَمن کي آمريڪي واپارين کي وڪڻندا هئا، جو آمريڪا ۾ لکا لکين ايڪن ۾ ڦُٽيءَ لاءِ غلام هارين جي طلب هوندي هُئي. هاڻي آفريڪي ٻانهو وڃي ته ڪيڏانهن وڃي، هنجو ڪو اوهي واهي نه هو.

ٻانهن بابت ايلِڪس هيلي جو جڳ مشهور ڪتاب Roots بهترين دستاويز آهي. ان ڪانپوءِ هيرت بيچر اِسٽو جو هڪ جذباتي ناول Uncle Tom's Cabin آهي، جنهن ڪان متاثر ٿي ابراهام لنڪن آمريڪا ۾ اجائي خانه جنگي ڪرائي جو انجي ڪا ضرورت نه هئي جو آمريڪا جي ڏاکڻي حصي جا جاگيردار ٻانهن کي گهرجي ڀاتين وانگر رکندا هئا، جنهن تي مارگريٽ مِچل جو زبردست ناول Gone with The Wind لکيل آهي.

لنڪن غلامن کي آزاد نه ڪرايو هو، اهي پاڻ ئي آزاد ٿيڻا هئا جو غلام نوڪر ڪان وڌيڪ مهانگو پوي ٿو، اُنجي هر شيءِ، کاڌي پيتي، ڪپڙي لٽي، علاج ۽ رهائش جو ذمو مالڪ تي آهي. جي هاڻ اهڙو جاب ملي ته ماڻهو خوشيءَ سان ڪندا، نوڪري به ته ٺوڪري آهي. اُتم کيتي، مڌم واپار، نيچ نوڪي. جاگيردار، چوڌري يا وڏيرو اهوبار سولائيءَ سان ڪٽي سگهي ٿو. خود لاڙڪاڻي ۾ منهنجي ڦُڦڙ جاگيردار وٽ ٻانها ٻانهيون هوندا هئا. منهنجي بلوچ نانيءَ جي پيءُ جي ٻانهي 'امان ٻچي' هوندي هئي جنهن کي پوءِ آزاد ڪيو ويو، جيَڪا مونسان ڏاڍو پيار ڪندي هئي. مون ٻنهي جاين تي ٻانهن سان سُٺو سُلوڪ ٿيندي ڏٺو. هُو گهر جي ڀاتين مِثل هُئا.

غلامي ختم ڪرڻ وارو آمريڪا نه پر برطانيه هو، جنهن جي نيوي سمنڊ ۾ آمريڪا توڙي يورپي غلامن جي واپارين جا جهاز قبضي ۾ ڪري غلامن کي آفريڪي ڪنڊ جي ڪنڌيءَ تي ڇڏي ايندي هئي.

دنيا ۾ پهريون پيرو اسلام ٻانهن کي ذري گهٽ برابريءَ جا حق ڏنا ته جيئن ارتقائي طور اها پٽَ ختم ٿئي جو ان ريت غلام ڏاڍو مهانگو پوي ٿو. غلام مسلمان بادشاهن ۽ گهراڻن جو مثال به رڳو مُسلم تاريخ ۾ ملي ٿو. ساري بُرائي غُلاميءَ جي واپار ۾ هئي.

آڳاٽي دنيا ۾ غلام فوجين جو رواج هو. ويڙهاڪ آشوري قوم (حضرات لُوط جي قوم) فوجي غلام رکندا هئا. رومي غلام پهلوان (Gladiators) مشهور آهن. مراڪش جي مولائي اسماعيل جي فوج غلامن تي مشتمل هئي. عُثماني ترڪي جا يني چري عيسائي غلام هئا. صلاح الدين ايوبيءَ جا بُرجي ۽ بحري مملوڪ غلام هئا. رُڪن الدين بيبرس جنهن پهريون پيرو هلاڪو خان جي فوج يا تاتارين کي شڪست ڏني سو به مملوڪ هو.

ايٿوپيا هڪ عيسائي ملڪ آهي. انجو چرچ رومن نه پر گريڪ يا يوناني آهي، جيڪو حضرت عيسيٰ جي حوارين جي تعليم جي پوئواري ڪري ٿو. رومي چرچ سينٽ پال جي پوئواري ڪندڙ آهي، جيڪو حواري نه هو. اها عيسائي عيسائيت نه پر پولي (Paulian) عيسائيت آهي. مشرقي اصلي عيسائيت ۾ پوپ ۽ چرچ جو تصور ناهي.

هتي اسانجا ماڻهو به مُسلم پوپ يا خليفي ٺاهڻ جي فڪر ۽ ڪوشش ۾ آهن، حالانڪ اسلام ۾ به ڪنهن پوپ ۽ ديني ٻاون جو تصور ناهي. اسانجي ماڻهن کي نبوت، رسالت، ولايت ۽ خلافت جي اصلي روح جي خبر ئي ناهي. صوفي اسڪالر شيخ اڪبر مُحي الدين ابن عربي ان تي سُٺي درست روشني وڌي آهي.

مرڪاتو ۾ اسان پُراڻا ڪتاب ڏسڻ وياسين پر ان مهل ڦُڙُ ڦُڙ پئجي وئي تِسفي ۽ مان ايٿوپيا هوٽل موٽي آياسين.

ڇهين وڳي صبح جو ايٿوپين ايئرلائين جي بس آئي. لنگهندي ڏٺو ته روڊ جي پر ۾ 'ڪريم' بيٺو آهي. مان دريءَ مان ڪيس ٻانهن ڪڍي هٿ لوڏي الوداعي سلام ڪيو. پهريائين هو ڪجهه حيران ٿيو پر اسپورٽ مين اسپرٽ ڪان ڪم وٺندي پاڻ به ڪلي هٿ لوڏڻ لڳو.

جهاز 9 وڳي رات جو دُبئي رسيو. اسان ايئرپورٽ تي هوٽل ۾ ترسڻ جي ڪوپن لاءِ لائين لڳائي. هڪ پاڪستاني ڪوپن ڏئي رهيو هو. مان جڏهن ڪيس پنهنجي ٽڪيٽ ڏيکاري ته چيائين توهان ته پوءِ اچو. هن سڀني کي هوٽل جا بنان کاڌي وارا فارم ڏنا. آخر ۾ مونکي هوٽل جي رهائش سان گڏ مفت کاڌي جو به ڪوپن ڏنائين.

جڏهن ٻاهر آيس ته بس مسافرن کي وٺي هوٽل وڃي چُڪي هئي. مان هڪ ڪائونٽر تي ويس جُتي هڪ عرب ڇوڪرو ويٺو هڪ عربياڻي دوشيزه سان مذاق ڪري رهيو هو.

مان عربي ۾ 'مسار خير' چئي مٿن چڙهائي ڪئي، "الله توهان ٻنهي جي جوڙي سلامت ڪري، منهنجي بس نڪري وئي آهي، هوٽل وارن سان رابطو ڪيو."

عرب منهنجي عربي ٻولي ۽ مذاق تي ٺِڙي پيو فون ڪٽي هوٽل وارن کي دڀائڻ لڳو، "توهان هڪ مسافر پوئتي ڇڏي ويا آهيو، جلدي بس ٻيهر موڪليو."

بس آئي ۽ مان ان تي سوار ٿي فونيشيا هوٽل پهتس. اندر ڏسان ته مسافر اچا تائين ڪمري جي سلسلي ۾ ڪائونٽر تي ويٺل پاڪستانيءَ سان بحث ۾ لڳا پيا آهن جو هو ڊارسنگل روم ڏيڻ بدران ٻن ٻن مسافرن کي ڊبل روم ڏئي رهيو هو.

ٽي ايراني بحث ڪري رهيا هُئا ته ٽنهي کي الڳ الڳ ڪمرو ڏنو وڃي. مان کي ايئرپورٽ جو تجربو ياد هو. مان ماٺ ڪري پاسي تي بيهي رهيس.

هڪ ايرانيءَ جوش ۾ اچي مونڏانهن اشارو ڪري چيو، "هن جينٽلمين کي تون ڪيئن ڪمرو ڏيندين؟

ڪائونٽر واري پاڪستاني جواب ۾ چيو، "هڪ ڊبل روم ۾ هڪ شيدي ترسيل آهي ٻيو بيڊ هنکي ڏينداسين."

ايراني مطمئن ٿي لفٽ ۾ سوار ٿي پنهنجن ڪمرن ڏانهن ويا. مونکي انگريزي چوڻي ياد آئي:

During travel a man finds strange bed fellows.

وري مونکي هرمن ميلو وِل جو ناول 'موبي ڊڪ' ياد آيو، جنهن ۾ هڪ سراءِ اندر ڪمري جا ٻه بسترا نه پر هڪ بستري تي ٻه اجنبي مسافر گڏ سمهندا هئا. ناول جو هيرو هڪ ڇوڪرو آهي جو ٻتي وسائي سٺو پيو هو ته نيوزي لينڊ جو هڪ مائوري سندس بستري ۾ گِهڙي آيو. نينگر بستر مان نڪري دانهون ڪري ٻاهر ڀڳو. مائوري پنهنجي منهن ۽ بُتَ تي ايتريون ته ڊزائين واريون ترو ڪڙيون کوٽائيندا آهن جو ڇٽڪبرا لڳندا آهن.

مان پاڪستانيءَ کان پڇيو، "ڇا واقعي توهان مونکي شيديءَ سان گڏ ڪمرو ڏيندا."

هن کلي چيو، "مان ايرانين کي ٺاهي رهيو هئس. توهانکي سنگل روم ڏينداسين. پر دير ٿي وئي آهي، جلدي ڊنر تي وڃو، بُوفي بند ٿيڻ وارو آهي." مان ڪيس چيو، "بيل بواءِ کي سامان ڏئي موڪليو مان بوفي لاءِ وڃان پيو."

مان ڊنر ڪري رهيو هئس ته ٽئي ايراني لفٽ مان ٻاهر نڪري منهنجي ميز تي آيا ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ڊنر ڪرڻ لڳا. هنن کي تهران وڃڻ کان اڳ دبئي ۾ ڪجهه خريداري ڪرڻي هئي.

"تون به هنن مونکي چيو، اسان سان گڏ هل."

مون ڪين چيو، "رات جا ٻارنهن پيا ٿين، مان ٿڪل آهيان، صبح جو 6 وڳي ايئرلائين جي گاڏي وٺڻ ايندي." پر هو مونکي چنبڙي پيا.

خبر ٻاهر نڪتاسين ته هو هڪ پٺاڻ جي دڪان تان ٻارن لاءِ جوتا خريد ڪرڻا لڳا. اچي سودي بازي

شروع ٿي. آخر ۾ هڪ ايرانيءَ چيو پلا تون ئي هن کي سفارش ڪر.

مان پشتو ۾ پٺاڻ کي چيو، ”ده زما ميلمه دي.“ (هي منهنجو مهمان آهي)

پٺاڻ چيو، ”جي تنهنجو مهمان آهي ته منهنجو مهمان آهي.“ ائين چئي هن قيمت اڌ ڪري ڇڏي.

ايراني حيران ٿي ڪڏهن پٺاڻ کي ته ڪڏهن مونکي ڏسي رهيا هئا.

مون کين چيو، ”پاڪستان ٻئي پاڪستانيءَ جو ڏاڍو خيال رکندو آهي.“

ظاهر آهي ايرانين کي اعتبار ڪرڻو هو.

ڪراچيءَ واپسي ايمريٽ ايئرلائين وسيلي ٿي. هيل تائين مون ڪنهن به ايئرلائين جي ايتري سٺي سروس ڪانه ڏٺي آهي. ايٿوپي ايئرلائين ڪانپوءِ اهو ڪنٽرسٽ ڏاڍو عجيب هو.

❊

پاڪستان ۾، صوماليه ۽ جبوتيءَ جون يادون ذهن ۽ دل ۾ هيون. مونکي آفريڪا ڏاڍو وڻندو آهي. ڪيترا نه گهٽا ملڪ آهن، ڪيتري نه وڏي ويرائٽي آهي. ڪنهن هئڻ سبب آبهوا ۽ ٽوپوگرافيءَ جا سمورا قسم آهن. طرحين طرحين ماڻهو، ڪٿي انتهائي گرمي، ڪٿي انتهائي ٿڌ يا وڻندڙ موسم. هتي جي هر شيءِ لاطيني آمريڪا جيان ڪنگ سائيز آهي. سائنسدان چون ٿا ته اڳ اهي ٻئي ڪنڌ پاڻ ۾ مليل هئا، پوءِ زمين tectonic plates جي چرپر ڪري هڪ ٻئي کان لڙهي دور ٿي ڌار ٿي ويا.

نقشي کي ڏسبو ته جي ٻنهي ڪنڌن جي آمهون سامهون ڪناريون پاڻ ۾ ملائبيون ته هڪ ٻئي سان ٺهڪي اينديون.

جي مان آواگون تي يقين رکان ها ته ضرور ائين چوان ها، مان پوئين جنم ۾ پڪ آفريڪا ۾ پيدا ٿيو هوندس. مون اتر ۽ اوپر آفريڪا ڏسي ڇڏيو آهي، هاڻ ڏکڻ، اولهه ۽ وچ آفريڪا ڏسُ جي آس اٿم.

مان هميشه لاءِ آفريڪا ۾ رهڻ ٿي چاهيو پر ڏنم ته ڪينيا، ڏکڻ آفريڪا، زمبابوي زيمبيا ۾ ڪا سلامتي ناهي ته مون اهو خيال ڇڏي ڏنو. پر اهي حالتون ڏسي مون اڳڪٿي ڪئي هئي ته اسانجي مُلڪ ۾ به اهي ساڳيون حالتون شروع ٿينديون. ’بنانا ريپبلڪ‘ جيان اهو به ’انب جمهوريه‘ سڏبو ۽ ٿيو به ائين.

بنگلاديش ڪان ڊاڪٽر فاروق جو خط آيو. جبوتيءَ جي وزير صحت 24 ڪلاڪ جي نوٽس تي رزاق بنگاليءَ کي جبوتيءَ ڪان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. لکيائين ”ڪئمپ وارا توکي ياد ڪن پيا، مونکي اها خبر نه هئي ته تون ايترو پاپولر هئين.“

انيل نيپال ڏانهن موٽندي پاڪستان نه آيو ۽ نڪي ڪڏهن خط لکيائين. وشنوءَ جا خط ايندا هئا، هڪ ڀيري مون کيس ديوناگريءَ ۾ خط لکي موڪليو. جوابي خط ۾ لکي مُڪائين ته تنهنجي لکٽي نهايت سُهڻي آهي.

علي نور جا خط به ايندا رهيا. شريف به هڪ ڀيري خط لکيو، چيائين هنجي نظر ڪمزور ٿي وئي آهي، نظر جو چشمو ڏياري موڪل.

10-15 سال گذري ويا شريف پاڪستان نه آيو.

نعمه فرينچ ۾ خط لکندي هئي، جنهن ۾ وڏي اُڪير سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي هئي.

آخر مون کيس لکي موڪليو مان شادي شده آهيان، منهنجا ڪيئي ٻار آهن. خطن جو سلسلو رُڪجي ويو.

يُوجي کي مون هڪ جهوني تلاءَ جي ويوڪارڊ تي رومن اسڪرپٽ ۾ جاپاني ۽ انجي ”انگريزي ۽ سنڌي ترجمي سان جاپان جي عظيم زين شاعر باشو جو هائيڪو لکي موڪليو:

Old pond,
Frog jumps,
A splash Sound.

جهونو تالاءُ
ڏيڏر ڏنو ٽپ
ڇُپڙڪ جو پرلاءُ.

يوجي جبوتيءَ ۾ منهنجين تصويرن جو البم ۽ پنهنجين ڇڪيل تصويرن جو ڇپيل ٽيبل ڪئلينڊر موڪليو.

مون لطيف جي مائٽ هٿان صوفيه کي به شلوار قميصون موڪليو.

پرفوساڪو مونکي سدائين ياد هوندي هئي. هڪ ڏينهن مون فيصلو ڪيو ته مان کيس خط لکي. شاديءَ لاءِ چوندس. پر ٻن ڏينهن ڪانپوءِ سندس خط آيو، جنهن ۾ لکيل هوءَ، نهن سان مان محبت ڪندي هيس منهنجي اُن سان شادي ٿي وئي آهي. لفافي ۾ فُوساڪو ۽ سندس گهوٽ جي تصوير هئي ۽ اهو سليپ ڪُمار نه هو.

آه فُوساڪو..... ڪشباش! ■

# سالگره مبارڪ

ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي کي صحت جي سلامتيءَ سان وڏي ڄمار جي دعا ڏيندي سالگره جون واڌايون ڏيون ٿا ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي سوجهرو ساٿين، ليڪڪن، مهربان پڙهندڙن مريد سنڌي، رئوف ڪوسو ۽ ٻين کي سالگره جون واڌايون ارپيون ٿا.

_ادارو

نظم

## جِيئَڻ جو ٻه آهي، گهڙِي پَلُ ئي آهي!

### دليپ ڪوٺارِي

بي مُلهي حَياتِ جي ڪَجي باتِ ڪهڙِي،
عُمر درازِي جي آهي اوقاتِ ڪهڙِي،
جِيئَڻ جو ٻه آهي، گهڙِي پَلُ ئِي آهي!
جِيئَڻ جو ٻه آهي، لَمحو لحظو ئِي آهي!
گهڙِي ئي ڏئي ٿي ماڻهوءَ کي گهاءُ،
گهڙِيءَ ۾ ئي سِرجي ٿو سَچو ساءُ،
گهڙِي ئي آ سَپنو سُندر، گهڙِي ئي آ ساپيان اُن جِي،
جاڳ سَندو جو پاڳ آ، گهڙِي ئي آجيان اُن جِي،
گهڙِي آ ڪؤڙِي قاتِل، گهڙِي ئِي مَسِيحا مِثلُ،
گهڙِي ئي اَذِيت، گهڙِي ئي آٿتاپَلُ،
هُونئَن تهسارو جِيونجهميلو آهي!
جِيئَڻ جو ٻه آهي، گهڙِي پَلُ ئي آهي!
پَلُ ئي آڇي ٿو، پرينءَ جو پيار،
پَلُ ئي کسي ٿو،قَلبُ جو قرارِ،
پَلُ ئي ڇَڪائي ٿو، چاهه جو چاڙهو
پَلُ ۾ ئي ٿو وِڇڙِي، مُومل ڪان راڻو
پَلُ ۾ ئي گهائِجي وڃي ٿو گهوٽ،
پَلُ ۾ ئي رُوح کي رَسي ٿِي چوٽ،
پَلُ ئِي اُونداهه، پَلُ ئِي روشنِي آهي!
جِيئَڻ جو ٻه آهي، گهڙِي پَلُ ئي آهي!
پَلُ ۾ مَنُ تولو، پَلُ ۾ آهي ماسو،
پَلُ ۾ ڀَريو تُريو، پَلُ ۾ آهي پياسو،
پَلُ ۾ همتَ هالار، پَلُ ۾ ڀِتِ ڀُرڪَٽِي،
پَلُ ۾ سَتُ شِينهاڻو، پَلُ ۾ هيسِيل هَرڻِي،
پَلُ ئِي ڏِٺو سَهو، پَلُ ئِي هيبتَ هٿيار،
پَلُ ۾ ئِي بَخت، بِگڙِي سَنوِري ٿو يارِ،
پَلُ صَدءِ تي ڀارِي ، پَلُ ئِي ڪانٽ ڳورو آهي!
جِيئَڻ جو ٻه آهي، گهڙِي پَلُ ئي آهي!
لَمحو ڪوئِيتو، لال ڪري ڇڏي،
ڪو ويترُ جِياپو، وبالُ ڪري ڇڏي،
لَمحُو ئِي ٿو، ڳَنڍُ ڳَنڍِيندڙ ڇَوائي،
لَمحُو ئِي ٿو، ڳَٽِي ڳَاراڻو پَسائي،
لَمحُو ڄاڻو، لَمحُو ئِي اَڻ ڄاڻُ آهي،
لَمحي ۾ ئِي لِڪيل، خُوبيءَ جِي کاڻُ آهي،
هر لَمحي کي پنهنجو، لاڏ ڪوڏ آهي،
جِيئَڻ جو ٻه آهي، گهڙِي پَلُ ئي آهي!
هڪ لَحظو حياتِي ته ٻيو موتَ آهي،
هڪ پَلُ مَزو ته ٻيو ڳُڻ ڳوتَ آهي،
گهڙِي گهڙِيءَ جِيا آهي ڪَهاڻِي جُدا،
سُواسَن جِي ٻيهڪَ نِشاڻِي جُدا،
لَمحي ۾ ئِي قِري،فَردِ جِي حياتِ،
لَمحو ئِي ڏياري، قوم کي ثَباتِ،
لَحظي ۾ ئِي لِهي ويندو ڏک سُورِ آهي!
جِيئَڻ جو ٻه آهي، گهڙِي پَلُ ئي آهي!
پوءِ چونه:
هر گهڙِي، هر پَلُ،
هر لمحي، ۽ هر لَحظي کي جِيئَجي خُوبِ!❊




# ممبئيءَ جا ڍباوالا

الطاف شيخ

ممبئي ۾ توهان جي ٻه چار ڏينهن به آهيو، ته توهان کي هڪ دلچسپ شيءِ ڏسڻ جو مشورو ڏيندس، جنهن جو تعلق فقط ممبئي سان آهي ۽ جنهن کي ڏسڻ لاءِ نه ٽڪيٽ آهي ۽ نه وقت جو زيان ٿي سگهي ٿو. توهان منهنجي هيءَ ڳالهه پڙهڻ بنا ڏسي سگهندائو بلڪ توهان کي ضرور ڏسڻ ۾ ايندي، پر توهان کي هي پڙهڻ بنا نه ان جي اهميت جو قدر ٿيندو ۽ نه تاريخي پسمنظر جي ڄاڻ. هن لقاءَ کي ڏسڻ لاءِ، ويندي يورپ ۽ آمريڪا جا گورا ممبئي ۾ اچن ٿا، بلڪ ولايت توڙي انڊيا ۾ ڪيترين يونيورسٽيون جن ۾ بزنيس، ائڊمنسٽريشن ۽ مئنيجمينٽ جا سبجيڪٽ پڙهايا وڃن ٿا، اتي انهن جي شاگردن کي ممبئي جي هن لقاءَ کي ڏسڻ يا ان بابت ڄاڻڻ ۽ Case Study خاطر پنهنجي ٿيسز ۾ شامل ڪرڻ ضروري ڪيو ويو آهي. هي معرڪو جيڪو ممبئي شهر ۾ روزانو ٻه دفعا عروج تي رهي ٿو، ان بابت لکڻ کان پهرين تمهيد خاطر هڪ اڌ ٻي ڳالهه لکندس، ان بعد توهان هن کي ڏسڻ يا پڙهڻ مان لطف حاصل ڪري سگهندائو.

آئون توهان کان پهرين هڪ سوال پڇڻ ٿو چاهيان. سمجهو ته توهان ڪنهن دڪان جا مالڪ، ڪنهن سرڪاري آفيس ۾ آفيسر يا ڪنهن پرائيويٽ فرم ۾ مئنيجر آهيو. توهان جي آفيس ڪراچيءَ جي شهر صدر ۾ آهي ۽ گهر ڪراچي يونيورسٽي پاسي گلشن اقبال يا گلستان جوهر ۾ آهي. توهان ڪنهن سبب ڪري- صحت خاطر يا پسند خاطر گهر جي ماني کائڻ چاهيو ٿا، جيڪا توهان تائين پهچائڻ لاءِ توهان جو ڊرائيور منجهند جو ماني تيار ٿيڻ تي توهان وٽ کڻي اچي ۽ کائڻ بعد هو ٽفن باڪس يا پليٽون واپس کڻي گهر وڃي، ته اندازو لڳايو اها ماني توهان کي ڪيڏي مهانگي پوندي. توهان جو نوڪر يا ڊرائيور پلي کڻي بس ۾ وڃي، تڏهن به اوٽ موٽ جو 50 رپيا بس جو ڀاڙو هڪ طرف ويو ته ٻي پاسي ان نوڪر جو اڌ ڏينهن يعني اڌ پگهار ان ڪم پويان چٽ ٿيو. پر جي ان نوڪر کي چئجي ته نه فقط توهان جي ماني پر توهان جي پاڙي ۾ رهندڙ اٺ ڏهه ڄڻن جي ماني کڻي وڃي، ته هن لاءِ پاڙي وارن گهرن مان ماني کڻي صدر ۾ هڪ ئي آفيس ۾ پهچائڻ ڪا اهڙي ڏکي ڳالهه ناهي سواءِ ڏهن ٽفن باڪسن جو بار ڍوئڻ جي. پر اهي ٽفن باڪس هڪ آفيس ۾ پڄائڻ بدران هن کي چئجي، ته مختلف آفيسن ۾ مختلف ماڻهن کي پهچائڻا آهن. يعني صدر جي علائقي ۾ پر هڪ ايمپريس مارڪيٽ ۾، هڪ صدر پوسٽ آفيس وٽ، هڪ گورنر هائوس ۾، هڪ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾، هڪ سعيد منزل تي ته هڪ چيف منسٽر هائوس وٽ وغيره وغيره ته هن لاءِ وڏو بار ٿي پوندو. يعني هڪ هڪ کي پهچائي ۽ پوءِ وري هڪ هڪ وٽ موٽي اچي ٿانو کڻي ۽ سندن گهرن ۾ پهچائي.

پر ان بدران هن کي چيو وڃي ته ڏهه کن ماڻهن جي ماني هڪ ئي پاڙي مان کڻڻ بدران گلشن اقبال جي مختلف علائقن مان کڻي، صدر جي علائقي جي مختلف هنڌن تي پهچائڻ بدران هڪ ٽفن باڪس صدر ۾ ڪم ڪندڙ آفيسر کي ڏئي، ٻيو گرومندر وٽ هڪ دڪاندار کي ڏئي، ٽيون ٽاور وٽ ڪسٽم آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ڪسٽم آفيسر کي ڏئي، چوٿون ڪياماڙي تي بندرگاهه ۾ ڪم ڪندڙ آفيسر کي ڏئي، پنجون ڪلفٽن برج وٽ PSO آفيس ۾ پهچائي، ته مون کي ٻڌايو هن جو ڇا حشر ٿي ويندو. اسان جو ئي دماغ چڪرائي ٿو. وڏي ڳالهه ته اهو ممڪن به آهي يا نه؟

توهان کي حيرت ٿيندي، ته ممبئي ۾ هڪڙي قوم آهي، جيڪا اهو ڪم سڄي ممبئي شهر ۾ سرانجام ڏئي ٿي، جنهن لاءِ هو توهان کان مهيني ۾ فقط 500 کان 600 رپيا چارج ڪن ٿا! ۽ اهو ڪم ممبئي ۾ گذريل ڏهه ٻارهن سالن کان نه پر 100 سالن کان به مٿي کان خير خوبيءَ سان هلي رهيو آهي ۽ ڳڻپ ڪئي وئي آهي ته ممبئي شهر ۾ روزانو ٻه لک کن اهي ٽفن باڪس جن کي مڪاني ماڻهو ”ڊَبا“ چون ٿا مختلف ماڻهن جي گهرن مان سندن آفيسن تائين پهچايا وڃن ٿا ۽ پوءِ اهي خالي ٿين ٿا ته شام جو ساڳين گهرن ۾ موٽايا وڃن ٿا. انهن ڊبن کي گهرن کان آفيسن ۾ ۽ وري واپس گهر تائين پهچائڻ

لاءِ اٽڪل 5000 ماڻهو ڪم ڪن ٿا. جيڪي انگريزن جي ڏينهن کان وٺي ڊبا والا (Dabbawala) سڏجن ٿا، يعني ٽفن ڪئريئرس. هنن ”ڊبا والن“ جي هڪ ٻئي سان اهڙي تہ Co-ordination آهي جو روزانو هر هڪ ڊٻو ممبئي جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پهچي وري واپس اصلي جاءِ تي اچيو وڃي ۽ هي سڄو ڪم مشينون يا ڪمپيوٽر نہ پر انسانن جو ذهن ۽ جسم ٿو ڪري، جنهن ۾ غلطي ٿيڻ جون وڏيڪ Chancesآهن، پر حساب لڳايو ويو تہ هي ڪم اهڙو تہ Precisely ٿئي ٿو، جو سراسري 60 لک ڊليورين مان ڪا هڪ غلطي مس ٿئي ٿي. آمريڪا جي فوربس گلوبل مئگزين وارن هن ڪم جي هفتن جا هفتا چڪاس ڪري ممبئي جي ڊبا والا سسٽم کي 2001ع ۾ Six Sigma سرٽيفڪيٽ ڏنو هو. يعني فوربس مطابق ممبئي جا ڊبا والا (ماني جا ٽفن پهچائڻ وارا) 999999. 99 سيڪڙو درست (Accuracy) سان ڪم ڪن ٿا. هي سرٽيفڪيٽ خاص ڪري سوئيٽزرلئنڊ جي سون جي بسڪيٽن لاءِ هوندو آهي. يعني هن ۾ نج سون آهي ڪنهن بہ قسم جي ڦيٽ ناهي.

هتي هي بہ لکندو هلان، تہ هي مانيءَ جا ڊبا (ٽفن باڪس) ممبئي شهر جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ۽ وري واپس ساڳي گهر ۾ پهچائڻ وارو هڪ ماڻهو نٿو ٿئي. بلڪ هر ڊٻو گهٽ ۾ گهٽ ٽن چئن ماڻهن جي هٿن مان گذري ٿو، پر توهان وٽ شام جو خالي ڊٻو پهچائڻ وارو اهو ئي ماڻهو هوندو، جيڪو ڏهين يارهين بجي صبح پهر توهان وٽان کڻي ويجي ٿو. ٻي ڳالهہ تہ ممبئي جا هي سڀ 5000 ڪن ڊبا والا، هڪ ئي قوم سان واسطو رکن ٿا. هي سڀ مهاراشٽرين يعني مرهٽا آهن، جن جو تعلق پوني جي پر واري علائقي سان آهي. هي ڊبا والا هن ڊبا والا آرگنائيزيشن ۾ نوڪر نہ پر شيئر هولڊر آهن. هو پگهار تي ڪم نٿا ڪن، پر جيڪو فائدو ٿئي ٿو ان مان حصو وٺن ٿا. هن ڪم ۾ هو ذارين کي نٿا رکن پر ڪڏهن ڪڏهن مجبوري ۾ جيڪڏهن ڪو ٻي قوم يا رياست جو رکن ٿا، تہ ان کي سال ڏيڍ پگهار تي رکي پوءِ جي هو ڏسن ٿا، تہ هو محنتي ۽ ايماندار آهي ۽ هن جي طبيعت مطابق هلي ٿو تہ پوءِ هن کي پنهنجي ڪميونٽي جي ماڻهن وانگر شيئر هولڊر بڻائين ٿا.

توهان کي جيڪڏهن آفيس ماني گهرائڻي آهي تہ توهان ڪنهن بہ ڊبي واري کي، ڪٿي بہ پنهنجي گهر ۽ آفيس جو نمبر ڏيڻ سان توهان جي گهران ماني کڻڻ لاءِ اهو ماڻهو پهچي ويندو جيڪو توهان جي پاڙي مان ٻين جا ڊبا کڻي ٿو ۽ توهان جي آفيس ۾ توهان کي اهو ماڻهو پهچائي ويندو جيڪو توهان جي آفيس واري بلڊنگ ۾ ٻين ماڻهن کي پهچائي ٿو. سڄي ممبئي جي گهرن مان ساڍي ڏهين کان يارهين بجي ڌاري ماني (ڊبا) کنيا وڃن ٿا، جيڪي مختلف منزلن (آفيسن، دڪانن وغيره) تي مالڪن کي پهچايا وڃن ٿا ۽ وري ٽي کان چئين تائين آفيسن وغيره مان خالي ڊبا کنيا وڃن ٿا ۽ پنجين ڇهين بجي ڌاري گهرن ۾ پهچايا وڃن ٿا. ممبئي جي هنن ڊبا والا جو هڪڙو ئي يونيفارم آهي. سفيد ڪرتو، سفيد پجامو ۽ سفيد ٻيڙي ٽائيپ (نهرو اسٽائيل) ٽوپي. هن ڪم لاءِ هنن کي فقط سائيڪل ڪپي يا سائيڪل سان گڏ گاڏو يا ڪاٺ جي سنهي ڪنارن واري ڊگهي ڪٽ جنهن ۾ هو 40 ڪن ٽفن رکي سگهن. گاڏي ۾ سٺ سٺر کڻي سگهن ٿا.

روزانو ممبئي جي مختلف پاڙن ۾ مقرر ڪيل ڊبا والا گهرن مان ڊبا وصول ڪن ٿا ۽ هر هڪ ٽيهہ چاليهہ ڪن ڊبا جن جو 35 ڪلو گرام ڪن وزن ٿئي ٿو، سائيڪل يا گاڏي تي يا وري مٿي تي رکيل ڪٽ ذريعي کڻي ميل بہ پنڌ ڪري ويجهي ريلوي اسٽيشن تي پهچائي ٿو. جتي مختلف علائقن کان آيل هزارين ڊبا Sort Out ڪري ريل گاڏيءَ ۾ چاڙهيا وڃن ٿا. ڊٻن تي هڪ بہ انگ ۽ اکر لکيل ٿئي ٿو ۽ جيئن ڏوٻي ان ننڍي نشان مان ڪپڙن جا الڳ الڳ ڍير ڪري ٿو تيئن هي ڊبا والا انهن نشانين مطابق مختلف اسٽيشنن تي لاهڻ لاءِ ڊبا الڳ الڳ ڪن ٿا. مثال طور ڪنهن ڊبي تي ʼAʻ لکيل آهي معنيٰ ان کي انڌيري اسٽيشن تي لاهڻو آهي. B وارن کي باندرا، C وارن کي چرچ گيٽ D وارن کي دادر وغيره. هر اسٽيشن تي الڳ الڳ ڊبا والا ٿين، اهي نشانن مطابق انهن ڊٻن کي ان اسٽيشن تي لاهين ۽ پوءِ وري انهن تي لڳل انگن مطابق انهن ڊٻن جي Sorting ڪري انهن مقرر ڊبا والن کي ڏين جيڪي باندرا، چرچ گيٽ، وورلي، سئنٽا ڪروز يا ڪار جي مختلف علائقن ۾ ڏيڻ لاءِ کڻن. ڪراچيءَ ۾ تہ اهڙي ريل سسٽم ناهي، جيڪا نيو ڪراچي يا سرجاني کان ڪياماڙي ۽ گلشن حديد کان ڪلفٽن تائين هلندي هجي. پر مثال جي ڳالهہ اهڙو سسٽم جي هجي ها، تہ اهي ڊبا جيڪي صدر ۾ لهن ٿا آهن، اهي اتي لاهي پوءِ انهن تي لڳل انگن مطابق صدر ۽ ان جي ارد گرد جي علائقن ۾ ورهائڻ لاءِ الڳ الڳ ڪيا وڃن ها ۽ انهن علائقن جي ڊبا والن کي ورهائڻ لاءِ ڏنا وڃن ها. شام جو وري اهي خالي ڊبا اهڙي طرح واپس موٽن ٿا ۽ هي سڀ ڪم وڏي چستي سان ٿئي ٿو، جو ممبئي جي لوڪل ٽرين هر اسٽيشن تي 20 سيڪنڊن کان اڌ منٽ مس بيهي ٿي. بهرحال ٽرينن مان ٽفن لاهڻ، انهن کي الڳ الڳ ڪرڻ ۽ پوءِ سائيڪل يا مٿي تي ڊگهي ڪٽ رکي اهي ٽفن ورهائڻ جو ڪم ڪنڌڙ هنن ڊٻن وارن جي ڊوڙ ڊوڙان ڏسڻ وٽان هوندي آهي. ۽ اهو بہ سوچيو تہ ممبئي اهو شهر آهي، جتي سال جا 6 مهينا ڪن مينهن ٿو پوي پر مينهن هجي يا گرمي، اس هجي يا طوفان، هنن ڊبا وارن کي هر صورت ۾ پنهنجي ڊيوٽي پوري ڪرڻي هوندي آهي.

مٿيون سسٽم تہ مون آسان ڪري لکيو آهي، جيئن هڪ نئين ماڻهو کي سمجهہ ۾ اچي سگهي، پر حقيقت ۾ ڪيترا اهڙا محلا آهن ۽ انهن ماڻهن جون آفيسون اهڙن هنڌن تي آهن، جو هنن جي ماني (ڊٻو) ٽن يا چئن ماڻهن بدران پنجن يا ڇهن جي هٿن مان گذرڻ بعد چڪر پورو ڪري ٿو. هي ڪم ايڏو تہ حاضر دماغيءَ سان هلي ٿو، جو ڪنهن جو بہ ڊٻو هيٺ مٿي نٿو ٿئي ۽ اهڙي طرح مهينو پورو ٿيڻ تي ورتل في جيڪا پنڌ ۽ ڊٻن مطابق هر هڪ ورڪر ونڊ ورڇ ڪري ڪيئن کڻي ٿو، اهي سڀ ڳالهيون ڏسڻ لاءِ ذاريان ماڻهو ممبئي ۾ پهچن ٿا. ٻاهرين يونيورسٽين مان ڪئليفورنيا (USA) جي برڪلي يونيورسٽي هڪ آهي، جيڪا بزنيس مئنيجمينٽ جي شاگردن کي ممبئي جي هن ڊبا والا جو Logistic System پڙهائي ٿي. 1998ع ۾ ٻن ڊچ فلمسازن Jascha De wjde ۽ Chris Relleke هنن ڊبن وارن تي ”Dabbawalas, Mumbais Lunch Service“ هڪ ڊاڪومينٽري فلم بہ ٺاهي، جيڪا يورپ جي مختلف ملڪن ۾ ڏيکاري وئي هئي. آمريڪا جي مشهور مئگزين ”ڪرسچن سائنس مانيٽر“ هنن ڊبا والا تي هڪ تفصيلي فيچر مضمون پڻ هلايو هو، جنهن جو عنوان هو ”Fastest Food: It‘s Big mac vs. Bombay‘s Dabbawala“ ۽ تازو ويجهڙائيءَ ۾ انگلينڊ جي BBC ٽي وي وارن ۽ آسٽريليا جي ABC ٽي. وي وارن ممبئي جي هنن ڊبا والا تي فلم تيار ڪري دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڏيکاري هئي. ايتري قدر جو ملڪ ايلزبيٿ جو پٽ شهزادو چارلس، جڏهن انڊيا جي دوري تي آيو هو، تہ هن جي خواهش تي ڪيس ممبئي جي هڪ اسٽيشن تي ڪجهہ ڊبا والا سان ملرايو ويو هو ۽ اهو پڻ ڏيکاريو ويو هو تہ گاڏيءَ مان ڪيئن چند سيڪنڊن ۾ هزارين ڊبا (ٽفن باڪس) لاٿا وڃن ٿا ۽ انهن ڊٻن جي ڍڪن تي لکيل ڪوڊ نمبرن مطابق گروپ بندي ٿئي ٿي ۽ ڪيئن هر گروپ جا ڊبا مقرر ٿيل ڊبا والا سائيڪلن تي، پنڌ يا مٿي تي رکي مختلف عمارتن ۾ ورهائين ٿا.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ هي سسٽم فقط ممبئي ۾ آهي. ممبئي جي ڊبا والا مرهٽي قوم جيڪا مهاديو سڏجي ٿي، انهن هي سسٽم دهليءَ ۾ شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نہ ٿي سگهيا، ڇو جو دهلي يا ٻيا وڏا شهر گول دائري ۾ آهن. ممبئي جو شهر اتر کان ڏکڻ تائين ڊيگهہ ۾ آهي، جنهن جي وچمان ريلوي لائينون گذرن ٿيون. ٻي ڳالهہ تہ ممبئي جو شهر ڪجهہ اهڙي قسم جو آهي جتي گهڻي ڀاڱي رهائش اتر ۾ آهي ۽ آفيسون ۽ ڌنڌا ڌاڙي ڏکڻ ۾ آهن. صبح جو هو ممبئي جي اتراهين ڪنڊ کان نڪرن ٿا ۽ ڏکڻ ۾ دنگ ڪن ٿا ۽ شام جو وري ڏکڻ کان ڪوچ ڪن ٿا ۽ واپس اتر ۾ اچن ٿا. سمجهو تہ سرجاني ڳوٺ، سچل ڳوٺ يا سهراب ڳوٺ کان نڪرن ٿا ۽ ڏکڻ ۾ ڪياماڙي تائين دنگ ڪن ٿا. ■

